www.awamisoach.pk

جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC Certified

Daily AWAMI SOACH Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايڊيٽر حاجي محمد حنيف ميمڻ

(جلد 15) سومر 29 سيپٽمبر 2025ع بمطابق 05 ربيع الثاني 1447ھ (شمارو 349) قيمت 20 روپيا

غزه جنگ ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي ۽ جلد ئي هڪ وڏو معاهدو ٿيڻ وارو آهي: ڊونلڊ ٽرمپ

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وچ اوڀر ۾ امن لاءِ هڪ وڏي پيش رفت جو اعلان ڪيو آهي، اسان ڪجهه خاص ڪرڻ وارا آهيون، اسان جنگ ختم ڪرڻ جي ويجهو آهيون

جلد ئي هڪ وڏو معاهدو متوقع آهي ۽ هن پيري سڀ ان تي متفق آهن، اهو پهريون پيرو تي رهيو آهي، جنهن جي ڪري اسان وٽ وچ اوڀر ۾ عظمت حاصل ڪرڻ جو هڪ حقيقي موقعو آهي

غزه جنگ ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي ۽ جلد ئي هڪ وڏو معاهدو ٿيڻ وارو آهي، جيتوڻيڪ صدر ٽرمپ ڪا خاص ٽائيم لائن يا تفصيل فراهم نه ڪئي، پر سندس تازين بيانن عالمي سياسي ۽ سفارتي حلقن ۾ هڪ نئين بحث کي جنم ڏنو آهي

ٽرمپ وائيٽ هائوس ۾ اسرائيلي وزيراعظم بنجمن نتنياهو سان ملاقات ڪرڻ جي اميد رکي ٿو ته جيئن ممڪن امن معاهدي جي فريم ورڪ تي بحث ڪري سگهجي: آمريڪي عملدار

ياد رهي ته گڏيل قومن جي اجلاس دوران اسرائيلي وزيراعظم ۽ اقوام متحده تي فسطينن ۽ غزه ۾ ڪشيدگي تي سخت تنقيد ڪئي وئي هئي جنهن بعد معاملا بهتري طرف وڃڻ جي اميد جاڳي آهي

واشنگٽن (اردو پوائنٽ / پاڪستان پوائنٽ نيوز ـ 28 سيپٽمبر 2025) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وچ اوڀر ۾ امن لاءِ هڪ وڏي پيش رفت جو اعلان ڪيو آهي. ان حوالي سان جاري ڪيل هڪ بيان ۾ هن چيو ته اسان ڪجهه خاص ڪرڻ وارا آهيون، اسان جنگ ختم ڪرڻ جي ويجهو آهيون، جلد ئي هڪ وڏو معاهدو متوقع آهي ۽ هن پيري سڀ ان تي متفق آهن، اهو پهريون پيرو تي رهيو آهي، جنهن جي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڊونلڊ ٽرمپ سان ملاقات ڪانپوءِ پاڪ ـ آمريڪا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا: وزيراعظم

پاڪستان ترقي جي رستي هلي رهيو آهي، هي سڀ ڪجهه ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي. مسلم ملڪن جي سربراهن سان گڏ به غزا جي مسئلي تي آمريڪي صدر سان ملاقات ٿي هئي، اميد آهي ته ان سلسلي ۾ جلد سٺا نتيجا سامهون ايندا

غزا ۾ 64 هزار کان وڌيڪ بيگناهه ٻار، نوجوان، بزرگ ۽ عورتون شهيد ڪيون ويون، اهڙو ظلم اسان اڳ ڪڏهن ناهي ڏٺو، دعا آهي ته غزا ۾ هي ظلم جلد کان جلد ختم ٿئي

گڏيل قومن جي اجلاس ۾ پنهنجي تقرير دوران 24 ڪروڙ پاڪستانين جي جذبات جي عڪاسي ڪئي، ڪشمير جو ڪيس پڻ وڙهيو

سمندر پار پاڪستاني پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ ملڪ جي خدمت ڪري رهيا آهن. توهان پاڪستان جا سفير آهيو، 2 کان 3 سال اڳ پاڪستان جي معيشت هچڪلي کائي رهي هئي

اڄ اسان جي معيشت مستحڪم ٿي رهي آهي، معيشت جي ترقي جو وقت اچي چڪو آهي، هي سڀ ڪجهه ٽيم ورڪ جي نتيجي ۾ ٿيو، ٽيم ورڪ کان سواءِ ڪا ڪاميابي حاصل نٿي ٿئي

پاڪستان پرڏيهي ميدان، عسڪري ۽ معاشي ميدان ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي، پاڪستان جي عزت ۽ توقير ۾ واڌ ٿي آهي. اسان جنگ ڪتي دشمن کي شڪست ڏني

لنڊن (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته واشنگٽن ۾ آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ سان ڊاڍي اهم ملاقات ٿي، سٺي ماحول ۾ ٿيل ملاقات سان پاڪستان ۽ آمريڪا جا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. وزيراعظم شهباز شريف برطانيا ۾ سمندر پار پاڪستانين کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ترقي جي رستي هلي رهيو آهي، هي سڀ ڪجهه ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي. مسلم ملڪن جي سربراهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: چائينا پاران ٻوڏ متاثرن جي لاءِ آيل امداد کي وفاقي وزير امير مقام جي حوالي ڪئي پئي وڃي

درست رپورٽ ۽ صحيح ڄاڻ ڏيڻ جمهوريت جي استحڪام لاءِ لازمي آهي: صدر آصف علي زرداري

غلط ڄاڻ ۽ جعلي خبرن جي ذريعي سچ کي لڪائڻ اڄوڪي دور جو وڏو چيلنج آهي

سوشل ميڊيا تي اڻ تصديق ٿيل ڄاڻ پهچائڻ کان پاسو ڪيو وڃي، ڄاڻ تائين رسائي جو نظام وڌيڪ ڪارگر بڻائڻ تي زور ڏنو



اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي غلط ڄاڻ ۽ جعلي خبرن جي ذريعي سچ کي لڪائڻ اڄوڪي دور جو وڏو چيلنج آهي زميداري رپورٽ ۽ درست ڄاڻ ڏيڻ جمهوري استحڪام لاءِ اٿٽر آهي آچرتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

درآمدي آسائشن تي ٻوڏ ٽيڪس جي مزاحمت تي سگهي ٿي: آءِ ايم ايف

آءِ ايم ايف اشارو ڏنو آهي پهرين ته ماهي ۾ آمدني جي گهٽتائي کي نظر ۾ رکندي ٻوڏ ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي مخالفت ڪري سگهي ٿو

پهرين ٽن مهينن ۾ 100 ارب روپين کان وڌيڪ آمدني گهٽجي سگهي ٿي: فيڊرل بورڊ آف روينيو جي اعليٰ عملدارن جي آءِ ايم ايف کي آگاهي

اسلام آباد(بيورو) آءِ ايم ايف اشارو ڏنو آهي ته هو جولاءِ ـ سيپٽمبر جي پهرين ته ماهي ۾ امڪاني آمدني جي گهٽتائي کي نظر ۾ رکندي درآمد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پاڪستان هندستان جي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي خلاف وڙهي رهيو آهي امن چاهيون ٿا: پاڪستان

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ پاڪستاني سفارتڪار محمد رشيد جو هندستان جي پرڏيهي وزير جي تقرير تي سخت ردعمل، هندستان جا الزام ڪوڙا ۽ حقيقتن کان خالي آهن

هندستان پاڪستان کي بدنام ڪرڻ لاءِ هر فورم تي بي بنياد دعوائون ورجائي ٿو پر دنيا ڄاڻي ٿي ته پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ 90 هزار کان وڌيڪ قربانيون ڏنيون آهن

هندستان دهشتگردن جو وڏو سرپرست آهي، خطي ۾ نفرت ۽ ورهاست کي ڀڙڪائي ٿو ۽ سرحد پار پراڪسي نيٽ ورڪ ذريعي پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪرائي ٿو: محمد رشيد

نيويارڪ (م د) پاڪستان جنرل اسيمبلي ۾ هندستان جي پرڏيهي وزير جي توهين جو معقول جواب ڏيندي چيو ته پاڪستان هندستان جي سرپرستي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي خلاف وڙهي رهيو آهي. پاڪستاني سفارتڪار محمد رشيد جنرل اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نيويارڪ: گڏيل قومن جي اجلاس ۾ ۾ پاڪستاني سفارتڪار محمد رشيد ۽ هندستان جو پرڏيهي وزير جي تقرير ڪري رهيا آهن

سنڌ ۾ سولر رٿا ۾ بي ضابطگيون؟: صوبائي حڪومت ۽ ”ادارن“ کي فراڊ جي جاچ ڪرڻ گهرجي: ناصر شاهه

اسان به ان معاملي جي انڪوائري ڪئي، چين ۾ مقابلو گهٽ آهي اسان وٽ جيڪي دستاويز آهن ۽ جيڪي ميڊيا تي ڏيکاريا پيا وڃن انهن ۾ واضح فرق آهي

عالمي بئنڪ به انهن دستاويزن جي تصديق ڪئي آهي، شايد ان سولر پئڪيج جي قيمت گهٽ ٻڌائيندڙن پکي ۽ بيٽري جي قيمت شامل نه ڪئي هجي

لمي بئنڪ بلڪل ان رٿا لاءِ قرض ڏنو آهي پر گهٽ رٿائن ۾ انهن جي شموليت به هوندي آهي، شفافيت جي ڪري اسان انهن جي شموليت رکي

ڪراچي (رپورٽر) توانائي جي اڳوڻي صوبائي وزير ۽ بلديات جي موجوده وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ سولر هوم سسٽم جي رٿا 2018ـ19 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بيجنگ: وفاقي وزير احسن اقبال چائينا جي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پاڪستان چين کي 220 ارب روپيه وياج جي ادائيگي کان انڪار ڪري ڇڏيو

سي پيڪ تحت بجلي گهرن تي دير سان ادائيگي تي 200 ارب روپين جو وياج نه ڏنو ويندو

حڪومت صرف اصل واجبات 250 ارب روپيه تسليم ڪندي، توانائي ڊويزن آءِ ايم ايف کي پاور سيڪٽر جي مالي صورتحال بابت بريفنگ

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي حڪومت عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي ته هو چين جي تحت سي پيڪ ٺهندڙ بجلي گهرن کي دير سان ادائيگي تي 200 ارب روپيه وياج ادا نه ڪندو ۽ انهي سلسلي ۾ بيجنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

وزيراعظم جو جنرل اسيمبلي ۾ خطاب جاندار هو: نائب امير جماعت اسلامي

پاڪستان ـ سعودي عرب دفاعي معاهدو تازي هوا جو جهونڪو آهي، پاڪ ـ سعودي معاهدي کي اسلامي دنيا جو متحده ۽ جامع دفاع بڻايو وڃي: لياقت بلوچ

وزيراعظم شهباز شريف جو جنرل اسيمبلي ۾ خطاب جاندار هو، پاڪستان هڪ ئي وقت فلسطين ۽ ڪشمير جي تڪرارن تي آواز بلند ڪيو

ٻوڏ متاثرن جي بحالي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي گڏيل ذميواري آهي، پنجاب مقامي چونڊن کان محروم آهي. سنڌ، بلوچستان، ڪي پي ڪي جا مقامي حڪومتي نظام بي اختيار آهن

اسلام آباد (بيورو) جماعت اسلامي پاڪستان جي نائب امير لياقت بلوچ چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف جو جنرل اسيمبلي ۾ خطاب جاندار هو پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ٺٽو: صوبائي وزير فوڪل پرسن ڪوٽڙي بئراج ڊائون اسٽريم سيد رياض حسين شاهه شيرازي دولهه دريا خان پل ويجهو ٻوڏ متاثر ڳوٺن جو دورو ڪري رهيو آهي

چين جي اڳوڻي وزير کي ڪرپشن تي موت جي سزا

بيجنگ (م د) چين جي اڳوڻي زراعت ۽ ٻهراڙين واري کاتي جي وزير کي رشوت وٺڻ جي الزام ۾ جلين صوبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪنهن به هٿياربند گروپ کي ڪم ڪرڻ جي اجازت ناهي ڏني وئي: افغان عبوري حڪومت

افغان سرزمين کي ڪنهن ٻئي ملڪ خلاف استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

ڪابل جي پاليسي باهمي اعتماد، مثبت ۽ دوستانه لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ تي ٻڌل آهي

ڪابل (م د) افغان عبوري حڪومت جي ڊپٽي ترجمان جو چوڻ آهي ته ڪنهن به هٿياربند گروپ کي افغانستان ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي آهي. طالبان حڪومت جي ڊپٽي ترجمان حمدالله فطرت جو چوڻ آهي ته افغانستان چار ڌرڻي ڳالهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور ۾ ڪار چوري ڪرڻ جو هڪ نئون طريقو سامهون آيو

لاهور (م د) لاهور ۾ ڪار چوري ڪرڻ جو هڪ نئون طريقو سامهون آيو آهي. پوليس جوابدار کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي جو نانگن ۽ گيل موري جي ٻوڏ کان متاثر ڳوٺن جو دورو

دولهه دريا خان پل، نانگن ۽ گيل موري جي متاثر ڳوٺن ۾ ريسڪيو ۽ رليف آپريشن جو جائزو ورتو، ضلعي انتظاميه کي سهولتون مهيا ڪرڻ جي هدايت

متاثر خاندانن کي خوراڪ، عارضي رهائش، طبي امداد فراهم ڪيو ويندو، رليف پيڪيجز ۽ مالي مدد به ڏني ويندي: رياض حسين شاهه شيرازي

فلڊ ايمرجنسي دوران سڀ ادارا گڏيل حڪمت عملي سان ڪم ڪن، درياءِ سنڌ جي حفاظتي بندن جو به دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي/ ٺٽو (رپورٽر) صوبائي وزير اوقاف، مذهبي معاملات ، زڪوات ۽ عشر ۽ فوڪل پرسن فلڊ ايمرجنسي ڪوٽڙي بيئراج ڊائون اسٽريم سيد رياض حسين شاهه شيرازي، سيد تنوير حيدر شاهه شيرازي سان گڏجي دولهه دريا خان پل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڀارت ايشيا ڪپ جو فائنل کٽي ويو، پاڪستان 146 تي ڍير

پاڪستاني ٽاپ آرڊر ناڪام، آخري 9 وڪيٽون 33 رنزتي ڪري پيون

فهيم، شاهين ۽ حارث شاندار شروعات باوجود ميچ هٿان نڪري وئي

دبئي (اسپورٽس نيوز) ڀارت جي بظاهر مضبوط بيٽنگ لائن لاءِ 147 رنز جو آسان ٽارگيٽ پيئي لڳو پر ڀارتي ٽاپ بيٽر دباءُ جو شڪار ٿيا. انگ جي هئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪي ايم سي مليرڪالا بورڊ تائين روڊ به ناهيو، اسان ڪوڪرا پار تائين روڊ ناهيو: مرتضيٰ وهاب

ڪي ايم سي ماڊل ڪالوني تائين روڊ به ناهي رهي آهي، پريڊي اسٽريٽ جو ڪم اڄ مڪمل ٿيندو، شارع فيصل جي ڪجهه حصن تي به ڪم ڪيو ويندو

مضافات جي اندروني روڊن تي به ترقياتي ڪم جاري آهن. شهر جي سڀني روڊن جي بحالي جو ڪم ٻن مهينن ۾ مڪمل ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪي ايم سي شهر جي 106 روڊن تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي جي مختلف علائقن جو دورو ڪرڻ کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪي ايم سي مليرڪالا بورڊ تائين روڊ به ناهيو اسان ڪوڪرا پار تائين روڊ ناهيون هن چيو ته ڪي ايم سي ماڊل ڪالوني تائين روڊ به ناهي رهي آهي، پريڊي اسٽريٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ نيوز پيپر سوسائٽي پاران گهگهر ڦاٽڪ ۾ مفت طبي ڪيمپ لڳائي وئي

ضلعي صحت آفيسر مليرء ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف اسڪن ڊزيز جي تعاون سان مفت طبي ڪئمپ جو انعقاد ڪيو ويو

طبي ڪئمپ ۾ چمڙي جي ماهر ڊاڪٽر ارسلان الاهي ميمڻ، جنرل فزيشن ڊاڪٽر غلام حسين بلوچ، جنرل فزيشن ڊاڪٽر معاذ ۽ ڊاڪٽر محمد بخش ڏاهڻي ۽ ٻين چيڪ اپ ڪيو

ڪيمپ دوران، ماهر ڊاڪٽرن ماڻهن کي صحتمند طرز زندگي اختيار ڪرڻ ۽ بيمارين کان بچڻ بابت پڻ آگاهي ڏني وئي

ڪراچي (پ ر) ضلعي صحت آفيسر مليرء ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف اسڪن ڊزيز جي تعاون سان سنڌ نيوز پيپر سوسائٽي جي نگراني ۾ انڊس پبلڪ اسڪول، گهگهر ڦاٽڪ ۾ هڪ مفت طبي ڪئمپ جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ چمڙي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي: ضلعي صحت آفيسر مليرء ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف اسڪن ڊزيز جي تعاون سان سنڌ نيوز پيپر سوسائٽي جي نگراني ۾ انڊس پبلڪ اسڪول، گهگهر ڦاٽڪ ۾ مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي وئي آهي

فائرنگ ۾ زخمي ٿيل سينيئر صحافي ۽ اينڪر پرسن امتياز مير زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو

صحافي امتياز مير متان 21 سيپٽمبر جي رات مليرء ڪالا بورڊ ويجهو سندس ڪار تي اڻڄاتل هٿياربندن حملو ڪيو هو

اينڪر پرسن امتياز مير پنهنجي آفيس کان قائد آباد گهر وڃي رهيو هو ته ڪار مٿان ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار 6 حملي آورن فائرنگ ڪئي

امتياز مير کي منهن ۽ سيني تي ڪيترين ئي گوليون لڳيون، کيس لياقت نيشنل اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ڪالهه زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ اطلاعات کاتي جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ ٻين پاران سخت مذمت ۽ ڏک جو اظهار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ملير علائقي ۾ هڪ هفتو اڳ قاتلاڻي حملي ۾ زخمي ٿيل هڪ سينئر صحافي ۽ اينڪر پرسن امتياز اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. پوليس ۽ خانداني ذريعن موجب، هڪ خانگي ٽي وي چينل جو سينئر صحافي ۽ اينڪر پرسن، جنهن تي 21 سيپٽمبر جي رات مليرء ڪالا بورڊ ويجهو سندس ڪار ۾ هٿيارن سان حملو ڪيو ويو هو، آچر جي رات هڪ خانگي اسپتال ۾ علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آچر، 21 سيپٽمبر تي،/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سينيئر صحافي امتياز مر جي حياتي جي تصوير

پشاور ڌماڪي جو سهولتڪار داعش خراسان جو اهم ڪمانڊر افغانستان ۾ مارجي ويو

داعش خراسان جو ڪمانڊر محمد احساني عرف انوار افغانستان جي شهر مزار شريف ۾ مارجي ويو

مارجي ويل ڪمانڊر احساني 2022ع جي پشاور ڪوچه رسالدار ڌماڪي جو مُک سهولتڪار هو، سيڪيورٽي ذريعا

ڪابل (م د) پشاور ۾ 2022ع ڌماڪي جو سهولتڪار داعش خراسان جو ڪمانڊر محمد احساني عرف انوار افغانستان ۾ مارجي ويو سيڪيورٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پروفيسر ڊاڪٽر صالح چنڊ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال طور چارج سنڀالي ورتي

غفلت يا لاپرواهي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي: پروفيسر ڊاڪٽر صالح چنڊ

ڊاڪٽر صالح چنڊ اداري کي ماڊل ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ بڻائڻ ۽ تعليم، علاج ۽ تحقيق کي جديد طريقي سان استوار ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) ملڪ جا نامور ماهر طب، ماهر تعليم ۽ ماهر امراضِ باطنه پروفيسر ڊاڪٽر صالح احمد چنڊ (FCPS Medicine) تازو ئي غلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي ۾ مين ڪورنگي روڊ تي ڊي ايڇ اي فيز 2 ۾ عمارت ۾ باهه، ٻه عورتون فوت ۽ ڇهه زخمي

عمارت جي پهرين منزل تي هڪ خاندان موجود هو، ۽ باهه لڳڻ بعد ماڻهن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: ريسڪيو عملدار

باهه متاثر عمارت مان اٺ ماڻهن کي ڪيدي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ٻه عورتون علاج دوران فوت ٿي ويون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ مين ڪورنگي روڊ تي ڊي ايڇ اي فيز 2 ۾ هڪ عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب ٻه عورتون فوت ۽ ڇهه زخمي ٿي پيون. ريسڪيو عملدارن موجب، عمارت جي پهرين منزل تي هڪ خاندان موجود هو، باهه لڳڻ کان پوءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سرڪاري آفيسر جي ڌيءَ جي شادي تي 24 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ جو خرچ، سجاوٽ تي 4 ڪروڙ خرچ ڪيا ويا

اقتصادي بحران جي شڪار پاڪستان جي هڪ سينئر سرڪاري آفيسر جي ڌيءَ جي شادي تي 24 ڪروڙ 80 لک روپين جو خرچ ڪيو ويو

اهو ڪيس ٽيڪس چوري جي انتظامي مسئلي جي بهترين مثال آهي، امير طبقي جون شاديون، پرڏيهي ملڪن جا سفر، ملڪيتن ۽ زيورن تي ٿيل شاهاڻو خرچ اڪثر سامهون ناهي ايندو ٽيڪس اختيارين



اسلام آباد (بيورو) اقتصادي بحران جي شڪار پاڪستان جي هڪ سينئر سرڪاري آفيسر جي ڌيءَ جي شادي تي 24 ڪروڙ 80 لک روپين جو خرچ ڪيو ويو اهڙي صورتحال اميرن جي زندگي گذارڻ ۽ ملڪ جي ٽيڪس نظام ۾ انهن جي معمولي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ٿلاپتي جي جلسي ۾ ڀاڄ دوران 39 ڄڻا فوت

اداڪار ريلي ۾ ڀاڄ دوران فوت ٿيندڙن جي وارثن لاءِ 20 لک پارٽي ريين جي امداد جو اعلان ڪري ڇڏيو

ريلي ۾ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، جاءِ جي کوٽ سبب ڀاڄ جي نتيجي ۾ 39 ڄڻا فوت ٿي ويا هئا

چنائي (م د) ناميارا پارٽي اداڪار ۽ تاميلاگا ويتري ڪازگم (ٽي وي ڪي) جي سربراه جوزف وجئه چندرا شيکر عرف ٿلاپتي وجئه پارٽي ريلي ۾ ڀاڄ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

وائٽ هائوس وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي دوري جون تصويرون جاري ڪري ڇڏيون

تصويرن ۾ وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل کي صدر ٽرمپ کان علاوه ٻين اختيارين سان به خيالن جي ڏي وٺ ڪندي ڏٺو ويو

واشنگٽن (م د) وائٽ هائوس وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي دوري ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ملاقات جي تصوير/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

وزيراعظم گڏيل قومن جي تقرير لکڻ جو ڪم ڏنو ۽ پاڙ کي وفد جو حصو بڻايو: شمع جوڻيجو

مان گڏريل ڪيترن ئي مهينن کان پاڪستان ۽ وزيراعظم شهباز شريف لاءِ ڪم ڪري رهي هيس

پاڪ ـ ڀارت جنگ دوران منهنجا پاليسي بريف، صلاحون ۽ نقطا، سڀ ڪجهه رڪارڊ جو حصو ۽ محفوظ آهي

پرڏيهي وزارت پاران واضح ڪيو وي آيه ته گڏيل اقوام متحده ۾ شمع جوڻيجو نالي عورت پاڪستاني وفد ۾ شامل نه هئي

لاهور (م د) سوشل ميڊيا تي وزيراعظم شهباز شريف ۽ سندس ٽيم سان گڏ اقوام متحده ۾ شمع جوڻيجو نالي هڪ عورت تي تنقيد کان پوءِ پرڏيهي وزارت کي وضاحت ڪرڻي پئي ته لاڳاپيل عورت پاڪستاني وفد ۾ شامل نه هئي، پرهاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سرڪاري ملازمن جي احتجاج جي حمايت ڪيون ٿا: زين شاهه

اسان آل سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سمورن مطالبن ۽ احتجاج جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪريون ٿا

پينشن ۾ ڪٽوتي، ڊسپرٽي ريڊڪشن الائونس کان محرومي ۽ گروپ انشورنس جهڙا بنيادي حق نه ڏيڻ ملازمن سان سراسر زيادتي آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو

اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو باڊي جي آن لائين هنگامي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽسوري سان ترڪيه جو قونصل جنرل ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي (پ ر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر ۽ سنڌو درياهه بچايو تحريڪ جي ڪنوينر سيد زين شاهه چيو آهي ته اسان آل سنڌ ايمپلائيز الائنس جي سمورن مطالبن ۽ احتجاج جي ڀرپور حمايت جو اعلان ڪريون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو باڊي جي آن لائين هنگامي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. سيد زين شاهه چيو ته پينشن ۾ ڪٽوتي ، ڊسپرٽي ريڊڪشن الائونس کان محرومي ۽ گروپ انشورنس جهڙا بنيادي حق نه ڏيڻ ملازمن سان سراسر زيادتي آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. بلاول زرداري جو تازو بيان سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

فلپائن ۾ تباهي مچائيندڙ طوفان ويتنام پهچڻ وارو، هوائي اڏا بند

هي طوفان ڪجهه ڏينهن اڳ فلپائن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 ڄڻن جي موت ۽ وڏي پيماني تي ٻوڏ جو سبب بڻيو هو

هي تيزيءَ سان وڌندڙ طوفان آهي ـ سراسري رفتار ڪان لڳ ڀڳ ٻه پيرا تيز، جنهن جي شدت به انتهائي آهي

ڪراچي (م د) ويتنام اڄ ڏينهن طوفان جي خطري هيٺ علائقن ۾ هوائي اڏا بند ڪري ڇڏيا ۽ هزارين ماڻهن کي محفوظ جڳهن ڏانهن منتقل ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

باجوڙ ۾ بارودي مواد ڦاٽڻ سبب 3 ٻارڙا شهيد، 5 زخمي

مقامي ٻار دهشتگردن جي ڇڏيل بارودي مواد سان کيڏي رهيا هئا ته اهو اوچتو ڦاٽي پيو

واقعي جي فوري بعد پاڪ فوج وقت تي ايڪشن وٺندي زخمي ٻارن کي هيليڪاپٽر جي ذريعي پشاور منتقل ڪيو

باجوڙ: (م د) باجوڙ ۾ فتنته الخوارج طرفان ڇڏيل بارودي مواد جي ڦاٽڻ سبب 3 معصوم ٻار شهيد ٿي ويا. جڏهن ته 5 زخمي ٿي پيا. سرڪاري ٽي وي موجب اهو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پ پ سنڌ جو ڊپٽي سيڪريٽري جنرل سردار رفيق احمد جمالي ڪارڪنن جي اعزاز ۾ تقريب جو اهتمام

سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪارڪنن پارٽي جو پيغام اجاگر ڪرڻ ۾ شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو واقعي لائق تحسين آهي: سردار رفيق جمالي

پاڪستان پيپلزپارٽي جي اصل طاقت ان جا جيالا آهن جيڪي صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت هيٺ عوامي خدمت ۽ پارٽي جي مشن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن

ڪارڪنن هن عزت افزائي تي خوشي ۽ جوش و خروش جو اظهار ڪيو ۽ عزم ظاهر ڪيو ته هو قيادت جي ويزن مطابق پارٽي جو پيغام وڌيڪ مؤثر انداز ۾ عوام تائين پهچائيندا رهندا

ڪراچي (رپورٽر) قومي اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ پيپلزپارٽي سنڌ جو ڊپٽي سيڪريٽري جنرل سردار رفيق احمد جمالي ڪارڪنن جي اعزاز ۾ تقريب جو اهتمام قومي اسيمبليءَ جو رڪن ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جو سيڪريٽري جنرل سردار رفيق احمد جمالي پيپلزپارٽي دادو جي سوشل ميڊيا ڪارڪنن جي اعزاز ۾ هڪ پروقار تقريب جو اهتمام ڪيو ان موقعي تي ڪارڪنن جي شاندار محنت ۽ خدمتن جي سڃاڻپ ۾ سڀني کي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي پارائي وئي. خطاب دوران سردار رفيق احمد جمالي ڪارڪنن جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪارڪنن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

روزاني عوامي سوچ — جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily AWAMI SOCH KARACHI
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ

چيف ايگزيڪيوٽو
سيد شفقت حسين شاهہ

هيءَ اخبار پبلشر محمد حنيف ميمڻ قيوم پرنٽنگ پريس آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس ٽريڊ ٽاور روم نمبر 825 مان پڌري ڪئي

چيف ايڊيٽر حاجي حنيف ميمڻ

رابطي لاءِ: 03153327758

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي:
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون اڱار:
ڏوڏا! ٿيءُ مَ ڏارَ، جمَ ڪچو رُڪُ ڪٽيُون ٿئي.

سومر 29 سيپٽمبر 2025ع

بيان بازي سان نہ پر حڪومتي ڪارڪردگي ذريعي مقابلو ڪرڻ گهرجي

چوندا آهن تہ جيڪڏهن اوهان هڪ ڏانهن آڱر کڻندؤ تہ ٽي آڱريون پوءِ اوهان ڏانهن بہ کڄي سگهن ٿيون. اهڙي صورتحال اڄ ڪلهہ سنڌ ۽ پنجاب جي صوبائي حڪومتن جي وزيرن سان بہ لاڳو آهي. تازو چؤماسي جي برساتن ۽ ٻوڏن جو پنجاب صوبي کي ٻوڙي ڇڏيو تہ سنڌ حڪومت جي وزيرن کي پنجاب جي مسلم ليگ (ن) جي صوبائي حڪومت تي تنقيد ڪرڻ جو موقعو ملي ويو ۽ پوءِ جواب ۾ پنجاب حڪومت جي وزيرن بہ سنڌ حڪومت جي برساتن ۽ ٻوڏن واري صورتحال ۾ ڊيڪاريل بيڊ گورننس ڏانهن آڱريون کڻڻ شروع ڪيون. ان حوالي سان ڪالهہ بہ پنجاب جي خاتون وزيراعليٰ مريم نواز سنڌ حڪومت کي مخاطب ٿي ان کي تنقيد جو نشانو بڻايو ان کان اڳ ۾ بہ هن بلاول ڀٽو زرداري کي جواب ڏنو هو تہ پنجاب حڪومت کي مشورا ڏيڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي کي سڌاريو.

سو اسان جو بہ اهوئي خيال آهي تہ هڪٻئي سان بيان بازي جو مقابلو ڪرڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي سان هڪٻئي جو مقابلو ڪيو. ان معاملي ۾ خاص ڪري سنڌ حڪومت کي گڊ گورننس ڏيکارڻ جي وڌيڪ ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ اها اونئن ئي بيڊ گورننس ۽ ڪرپشن ۾ بدنام رهندي آئي آهي. هاڻي بہ هيلوڪي برساتن ۾ خاص ڪري سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ان جي ڪارڪردگي ڏاڍي خراب رهي آ، اهڙي حڪومت کي اخلاقي طور تي ڪو جواز ناهي تہ اها ڪنهن ٻئي صوبي جي ڪارڪردگي تي آڱريون کڻي سگهي ڇاڪاڻ تہ ان جي پنهنجي ڪارڪردگي ئي برساتي پاڻي ۾ ٻڏل نظر آئي.

هن سال چؤماسي جي برساتن سنڌ جي ننڍن شهرن جي روڊن رستن کي تہ ڀڃي ڇڏيو آهي ۽ روڊن رستن ۾ وڏا وڏا کڏا پئجي ويا آهن پر ان معاملي ۾ هن ڀيري ڪراچي جهڙي انٽرنيشنل شهر جي سيني روڊن کي پڻ ڀڃي ڇڏيو آهي. سواءِ شاهراهہ فيصل جي ڪراچي جو ڪو بہ روڊ رستو ناهي رهيو جنهن کي هنن برساتن نقصان نہ رسايو هجي. ڪراچي کي هيلوڪي برساتن ڀيو وڏو نقصان اهو ڏنو آهي جو هيل ڪراچي جو سڄو سيوريج نظام بہ جواب ڏئي ويٺي رهيو آهي جنهن نتيجي ۾ ننڍن روڊن تي تہ نهيو پروڙن ۽ اهم روڊن تي بہ گٽرن جو گندو ۽ ڏيارو پاڻي تلاءُ بڻجي بيهي رهيو آهي. ان صورتحال تي عام تاثر اهو آهي تہ پ پ جي سنڌ حڪومت ڪراچي جهڙي انٽرنيشنل شهر کي بہ پنهنجي ناقص حڪومتي ڪارڪردگي سان لاڙڪاڻي جهڙو شهر بڻائي ڇڏيو آهي. هيءَ ڳالهہ ان ڪراچي شهر جي ٿي رهي آهي جنهن ۾ ورهين کان پوءِ پ پ کي ميئرشپ ملي آهي جڏهن تہ ان کان اڳ وڏي عرصي کان ڪراچي جو مڪاني نظام ايم ڪيو ايم جي حوالي هو پر جڏهن کان ڪراچي جو مڪاني نظام پ پ کي مليو آهي تہ بجاءِ ان جي تہ پ پ ان کي چئلينج سمجهي ڪري هلائي ها ۽ ڪراچي ۾ رهندڙ پنهنجي مخالف ووٽر کي پنهنجي ڪارڪردگي سان لاجواب ڪري ها ۽ سندن دليون کٽي ڏيکاري ها ان رهندو پاڻ کي بدنام بہ ڪيو آهي ۽ جڳ بہ کلايو آهي. عام ماڻهو پ پ جي حڪومت تي اهڙيون ٺٺوليون ڪري رهيا آهن جيڪي هتي بيان بہ نہ ٿيون ڪري سگهجن. چوڻ وارا تہ شهر جي خراب حالت ڏسي پ پ جي ان نعري کي بہ مذاق بڻائيندا آهن تہ "ڀٽو زنده آهي، چوندا آهن تہ سنڌ تڏهن ترقي ڪندي جڏهن اهو زنده نہ رهندو" ڀيو تہ عام طور تي اهو بہ تاثر آهي تہ پ پ جي حڪومت کي سنڌس ڪرپشن کائي وئي آهي سڀ فنڊ حڪمرانن جي کيسن ۾ هليا وڃن ٿا. عوام تي، شهر تي ۽ انهن جي روڊن رستن تي خرچ نٿا ٿين. هاڻي تہ پ پ جا پنهنجا ماڻهو بہ حڪومت جي ڪارڪردگي مان خوش ناهن ۽ اهو چوڻ لڳا آهن تہ ايندڙ چونڊن ۾ شل ئي اها کٽي سگهي.

بهرحال اسان جو خيال آهي تہ پ پ وٽ هاڻي بہ پنهنجي حڪومت کي بهتر بڻائڻ جو موقعو آهي جيڪڏهن اها گڊ گورننس ڏانهن ڌيان ڏئي ۽ طاقت جي نشي مان پاڻ کي ڪڍي ۽ پنهنجي ڪارڪردگي بابت حقيقي صورتحال معلوم ڪري پر هاڻي جيڪڏهن ڪير حڪومت کي پنهنجو بہ ڪو اڳواڻ سچ ٻڌائي ٿو يا سڄڻاپ ۾ اصلاح ڪري ٿو تہ التو انهن کي پارٽي جو دشمن تصور ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪين گڏبڪ مان ڪڍيو وڃي ٿو تہ تنهن ڪري اڪثر ماڻهو مصلحتن طور خاموش ٿي رهن ٿا، جيڪو رويو خود پ پ لاءِ درست ناهي. پ پ جي باني ذوالفقار علي ڀٽي لاءِ مشهور هوندو هو تہ پارٽي جي اڳواڻن کي چوندو هو تہ حڪومت جي ڪارڪردگي بابت عوام جيڪو بہ چئي ٿو سو مون کي بنا لڪائڻ جي ٻڌايو وڃي تہ جيئن مون کي حقيقت جي خبر پئجي وڃي پر اڄ جي قيادت جي آڏو حقيقت کي لڪايو وڃي ٿو ۽ ان ۾ ئي هر ڪو پنهنجي عافيت سمجهي ٿو هونئن تہ سنڌ حڪومت چئي چڪي آهي تہ جلد ئي ڪراچي جي ٻگل ٽٽل ۽ کڏا پيل روڊن جي مرمت ڪرائي ويندي پر في الحال ان ڏس ۾ ڪا عملي اڳڀرائي نظر نہ ٿي اچي. جڏهن تہ ڪراچي جي روڊن رستن جي صورتحال خراب کان خراب ٿي ٿي رهي آهي. ڪراچي جي ماڊل ڪالوني واري اهم روڊ تي جيڪو مليرهالت ڏانهن وڃي ٿو تنهن جي پرسان هڪ ٽئي وقت وڏن کڏن ۽ وري گٽر لائين جي ڦاٽڻ جو مسئلو آهي جنهن سبب گندو پاڻي پڻ روڊ تي بيٺل آهي. ان روڊ جي اها حالت چؤماسي جي موسم کان اڳ ئي اهڙي بدترين هئي جيئن تہ ڪافي مهينن کان گٽر لائين جي بہ مرمت نہ ٿي سگهي آهي تنهن ڪري گٽرن جو پاڻي روڊ ۾ پيل وڏن کڏن ۾ پئجي ويو آهي تہ اتان هلندڙ گاڏين کي بيٺل پاڻي سبب کڏن جي خبر نٿي پوي ۽ گاڏيون ٽوڙي موٽر سائيڪلون انهن کڏن ۾ ڦاسي پون ٿيون جنهن ڪري اتي روز بدترين نموني ٽريفڪ جام رهي ٿي.

سو سنڌ ۽ پنجاب حڪومت جي ڪارڪردگي ڏسڻي هجي تہ ٻنهي صوبن جي روڊن کي ڏسبو تہ "وڻ ڏنو شهر ڏٺو" جي مصداق سڀ خبر پئجي ويندي. اها حقيقت تہ عالم آشڪار آهي تہ پنجاب ۽ سنڌ جي روڊن جي معيار ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. تنهن ڪري سنڌ حڪومت جي وزيرن کي واقعي بہ گهرجي تہ اهي پنجاب حڪومت تي تنقيد ڪرڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي ڏانهن ڌيان ڏين.

زندگيءَ جي اُس ۾ ڪجهه ڇانوري جا پل

رڪيل موراڻي

هو منهنجو اهو محسن دوست آهي، جنهن مون کي سدائين شخصي توڙي اديب طور اعليٰ ڏسڻ چاهيو. پر منهنجو ادنيٰ هجڻ ۽ پاڻ کي قبول ڪرڻ، منهنجي فطرت جو حصو رهيو آهي ۽ ان فطري طور طريقي کان ٻاهر وڃڻ پنهنجي لاءِ هڪ عيب محسوس ڪريان ٿو. منهنجي زندگي ۾ هو پهريون ۽ شايد آخري بہ شخص آهي جنهن منهنجي شعوري عمر ۾ منهنجا سمورا عيب، ثواب ڍڪيا آهن ۽ هر موڙ تي منهنجي شخصيت جي رهنمائي ڪئي آهي، اهڙي دعويٰ مان ڪنهن بہ فورم تي ڪري سگهڻ جي همت رکڻ وارو آهيان ۽ لکڻ ۾ بہ ڪيبائڻ وارو نہ آهيان.

اڄ مان سموري سچائيءَ سان اِها ڳالهہ چوڻ لائق پاڻ کي سمجهي رهيو آهيان جو ڪنهن بہ لڪي ڇپيءَ کان سواءِ چوان تہ اهو ممڪن آهي تہ، مان هن کي شخصي نماڻائي، اخلاقي قدرن جي پاسداريءَ سان گڏوگڏ پنهنجي موچاري ڇهري سبب بہ وڻندو هجان ۽ هن لاءِ مون وٽ جيڪو احترام اڄ جي تاريخ تائين آهي ان جا سبب مون وٽ اڻ ڳڻيا آهن. اهو خيال مان پاڻ وٽ محفوظ رکان ٿو ڇاڪاڻ تہ اهو بہ سمجهان ٿو ۽ پڪ سان چوان ٿو تہ هو جيڏو وڏو شخص آهي، موري ۾ ساڻس سهمتيءَ توڙي اڻ سهمتيءَ جا حوالا بہ اوترائي وڏا آهن.

هو ڪيئن جيئو آهي اهو سندس ڇهري مان ڏسي بہ سگهجي ٿو تہ پڙهي بہ سگهجي ٿو سندس مرڪ جي پنيان لڪل اڻ ڳڻيا ڏک آهن. اهو هڪ عجيب معجزو آهي، هو ڊبل ايم اي آهي، پوءِ بہ ڪنهن نوڪريءَ کي هن نوڪري سمجهي پنهنجي آبرودار مٽي تي نہ رکيو ۽ پنهنجي پورهئي کي اهم سمجهيو. منهنجي لکڻين ۾ ڪيترائي اهڙا حوالا ملي سگهندا، جيڪي هن جي خودداريءَ ۽ پاڻ تي اعتماد واري طبعيت جا شاهد هوندا. اڄ هن جي سڃاڻپ سنڌ ۾ هڪ اهم توڙي غير اهم شخص طور تہ آهي ئي آهي، پر سنڌس هڪ علحدي سڃاڻپ سندس اُهي پٽ بہ آهن جيڪي اعليٰ تعليم پرائي، بنا ڪنهن سفارش جي هڪ ذهين زندگي جي رهيا آهن ۽ عاليشان نوڪريون ڪري رهيا آهن ۽ مان ڪيس وڏي پاءِ جو درجو ڏيندو آهيان.

هن کي سموري سنڌ الڳ الڳ حوالن سان ڄاڻي ۽ سڃاڻي ۽ سنڌ جو هڪ طبقو جنهن کي اديب چئبو آهي اهو هن کي عظيم سنڌيءَ جي نالي سان سڃاڻي ٿو ۽ مان اڄ تائين هن کي ادا چئي سڏيندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ "ادا" لفظ پيءُ جي برابر وڏي ڀاءُ کي سڏبو آهي ۽ مون کي ياد آهي تہ سائين نور الدين سرڪي، سائين محمد ابراهيم جوئي کي سدائين "ادا" چئي مخاطب ٿيندو هُئو ساڳيءَ پر مان عظيم سنڌي صاحب کي "ادا" چئي مخاطب ٿيندو آهيان ۽ ان ۾ هڪ پنهنجائي محسوس ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ سندس ٽئي پٽ مجيب الرحمان، حبيب الرحمان ۽ شفيق الرحمان مون کي پنهنجي پيءُ جي دوست طور تريٽ ڪندا آهن ۽ سندس ٻئي نياڻيون ارم ۽ صنم مون کي چاچا چئي مخاطب ٿينديون آهن ۽ سچ پچ هو مون کي پنهنجي ڀنهي ڏيئرن جيترين وڻنديون بہ آهن.

ادا، عظيم سنڌي موري ۾ ادب، سياست ۽ سماجي خدمتن جي حوالي ۾ هڪ اهڙو شخص آهي جنهن جو مثال طور مان پنهنجي تعلق واري ڪنهن شخص جو نالو کڻان اهو مون لاءِ ممڪن نہ آهي، ان کان اڳ سيد علي بخش شاهہ، سائين ناصر موراڻي ۽ سائين قاضي نذير اهڙين خدمتن ۾ اڳرا مڃيا ويا آهن. قومي تحريڪ ۽ ادب جي حوالي ۾ راشد موراڻي صاحب پوءِ ايندو ڇاڪاڻ تہ هو موري ۾ سترواري ڏهاڪي ۾ آيو ۽ هيءُ شخص بنيادي طور موري جي سماج جو هڪ اهڙو حصو هُئو، جنهن کي مورو ڪڏهن بہ وساري سگهي اهو سنڌس وس کان ٻاهر آهي.

ادو عظيم پنهنجي سمورين خوبين ۽ خامين سميت موري جو اهڙو شخص آهي، جنهن پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ شخص کان وڌيڪ شخصيت جو مرتبو ماڻيو آهي، منهنجي زندگيءَ ۾ هن جو هڪ الڳ ڪردار آهي، هن مون کي اعتماد سان جيئڻ سيکاريو هن مون کي لکڻ سيکاريو اهو چئي نہ سگهبو

ادي عظيم جون موري شهر ۾ جيترين سڃاڻپون شفي/پازيٽو آهن، اوترين سڃاڻپون نفي/نيگيٽو آهن. پر اهي ٻين لاءِ آهن، مون هن جي نفي/نيگيٽو رخن کي بہ پازيٽو ڪري کنيو آهي ان ڪري مون کي هن سان سدائين هڪ اهڙي محبت ۽ احترام رهيو آهي، جهڙو پنهنجي دور ۾ جواهر لعل نهروءَ کي مهاتما گانڌيءَ لاءِ هُئو.

ادي عظيم جوان وقت رتبو هڪ اعليٰ ٽيلر ماستر وارو هُئو ۽ مان هاءِ اسڪول مورو ۾ ڇهين درجي ۾ داخلا کان پوءِ شام جو موري شهر ۾ سلائيءَ جو ڪم سکڻ لڳو هوس ۽ اهو بہ ڪٽي اڳ لکيو اٿم تہ جنهن استاد وٽ مان سلائيءَ جو ڪم سکڻ لڳو هوس اهو ۽ ادو عظيم، هڪ ئي استاد جا شاگرد هجڻ سبب هڪ ٻئي سان ڪڏهن دلي طور ڪو نہ ٺهيا جنهن سبب منهنجو ادي عظيم سان هڪ شاگرد طور ڪڏهن بہ ملڻ ٿيو تہ هڪ خوف جي ماحول ۾، ۽ هڪ اديب/شاعر طور ملڻ ٿيو تہ اهو بہ خوف اندر ۾ سدائين رهندو آيو. پر ساڻس دلي ويجهڙائي مون سدائين محسوس ڪئي ۽ اها هن بہ محسوسي، هو جڏهن بہ مون سان مليو تہ نهايت پنهنجائپ ۽ پيار منجهان، ان پنهنجائي ۽ پيار ڪانئس منهنجي حوالي ۾ ادبي دنيا اندر موري ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا امتحان بہ ورتا پر هن شخص ڪنهن بہ موڙ تي مون کي هيٺ ڪرڻ نہ ڏنو ۽ ادنيٰ ٿيڻ کان بچائي ورتو جيتوڻيڪ منهنجي زندگي جون ڪيتريون ئي لاڻقيون/ نالاڻقيون هن جي اکين اڳيان آيون هونديون پر پٽائيءَ جي لفظن ۾:

مُنهنجي مَدايُن جي، جَڏهن ڪَلَ پِريان پيئي،
ڪَڏهن کُوسا ڪِين ٿِيا، کُوڙوراپون ڏِيئي،
سَاجن سِيئي، مُنهنجون ڍَڪيون ڍَول ڍَلاٽيون.

۽ هن لاءِ منهنجي محبت ۽ احترام ۾ ڪڏهن بہ ڪو فرق ڪو نہ آيو زمانو رتو پرتو ڪاوڙيو هو منهنجي لاءِ اهوئي عظيم رهيو ۽ آهي. عظيم سنڌي استاد بخاريءَ جو پهريون دوست ۽ پوءِ مداح توڙي حافظ ۽ خاڪي جوئي جو دل گهريو دوست ۽ پوءِ همدرد. هڪ اهڙو همدرد جنهن جي دوستيءَ ۽ تعلق خاڪيءَ کي نہ رڳو هڪ نئين زندگي ڏني پر نئون جياپو ساجاهہ ادبي فورم ۽ پوءِ ساجاهہ ادبي رسالي معرفت ڏنو جنهن جو هو سدائين پبلشر رهيو آهي.

مان پاپان ٿو تہ سنڌ ۾ هڪ اعليٰ شاعر ۽ اديب توڙي وطن دوست/دانشور طور سڃاڻپ رکندڙ خاڪي جوئي صاحب کي جيڪڏهن ڪو دلي دوست زندگيءَ ۾ مليو تہ مان فقط ادي عظيم سنڌيءَ کي سڃاڻان، مون هن جي سهپ ۽ بردباريءَ کي نہ رڳو ڏٺو آهي پر پرکيو بہ آهي. ڪڏهن مون کي ائين بہ لڳو آهي تہ ادي عظيم پنهنجي شخصي لڳ لاڳاپي جي بنياد تي جيترن نوجوانن کي روزگار (جنهن کي نوڪري چئبو آهي) سان لڳايو هوندو، اوترو ڪنهن بہ موري جي وڏيري توڙي سرمائيدار، ايم اين اي يا ايم پي اي نہ لڳايو هوندو، اِهو موري جو سچ آهي. ان جو مثال اِهو آهي جو هن پنهنجي دوست رئيس خان محمد جماليءَ معرفت جيترو موري ۾ سماجي ڪم ڪيو اوترو ڪنهن جي نصيب ۾ مشڪل آيو هجي، پوءِ بہ هو ڊبل ايم اي هوندي بہ، پنهنجو پورهيو ڪندي زندگيءَ کي حقيقي معنيٰ ۽ پورهئي کي حقيقي مرتبو ڏيئي جيئندو رهيو آهي، پر پنهنجي پٽن لاءِ ڪنهن روزگار جي آرزو کي کڻي ڪنهن وڏيري يا دوست کي تڪليف ۾ وجهڻ وارو نہ ٿيو آهي. هن جا پٽ پنهنجي لائقي سبب مئرٽ تي نوڪريون ماڻي جيئڻ لائق ٿيا آهن، اها سنڌس خودداري ۽ شخصي شفافيت هئي، جنهن جو مثال شايد موري جو ٻيو ڪو بہ شخص بڻجي نہ سگهي.

مون کي اها بہ خبر آهي زندگيءَ ۾ ڪيترا شخص آهن جن تي ادي عظيم احسان ڪيا هوندا پر اڄ اهي شخص اهڙو احساس ڏيارڻ کان وانجهيل آهن ۽ هن شخص ان سڀ کي وري وري نظرانداز ڪري پنهنجي زندگي اهڙي زنده دليءَ سان گذاري آهي جو اڄ بہ کيس ان تي دلي خوشي آهي. ڪا بہ شڪايت هن جي ويجهو نہ آئي آهي ۽ نہ ئي هن ڪنهن شخص آڏو ڪو پڇتاءَ اظهاريو آهي. هن سموري زندگي دلي ڏک پرائي بہ خوشگوار نموني ڪلندي، پوڳ چرچا ڪندي ۽ ٻين کي عزت ۽ احترام ڏيندي گذاري آهي. هن موت جي اميد ڪڏهن بہ نہ رکي آهي، هو پنهنجي زندگي پنهنجي اصولن تي جيئڻ وارو شخص آهي.

هن جي ادب ۾ پونجي اُهو شاعراڻو ڪتاب آهي جيڪو "مٽيءَ جي مهڪ" جي نالي سان سندس پٽن ڇپايو آهي. بيءَ طرح هن الڳ الڳ موضوعن تي ڪيترائي لکيو آهي، جن ڪي هو پنهنجون يادگيريون ڪوٺي ٿو جن يادگيرين ۾ هڪ اهم ڪتاب اُهو بہ آهي جيڪي يادگيريون سنڌس استاد بخاريءَ جي تعلق ۽ ويڇوڙائي تي ٻڌل آهن. بيءَ طرح سنڌس ڪيترائي لکيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب جيڪي ترتيب ڏنا وڃن تہ انهن جو انگ بہ اڌ درجن کن تہ پڪ ٿي پک ٿي ويندو.

مورو جنهن ورهاڱي کان پوءِ الڳ الڳ حوالن ۾ جيڪو مرتبو ۽ مان ماڻيو آهي، ان ۾ الڳ شعبن اندر ڪنهن نہ ڪنهن طرح ادي عظيم جون خدمتون الڳ ڪري نہ سگهبيون. شاگرد سياست کان سياست، ادب، ادبي سنگت، سگا، ملهہ ايسوسيئيشن، اشاعتي ادارا، سماجي ادارا ۽ تعليمي ادارا، ڪو بہ ادارو اهڙو شال هجي جنهن ۾ ادي عظيم جو رت شامل نہ هجي ۽ هو پاڻ ڪنهن بہ نماءَ کان سواءِ اهي عمل سر انجام ڏيندڙ، سنڌي چوڻيءَ وانگر:

"ڪو بہ ڪم اهڙي ريت ڪجي جو پيو هٿ نہ ڏسي سگهي"

يارن دوستن سان هڙان توڙي وڙان ساٿ نڀائيندڙ ادو عظيم! موري ۾ هڪڙوئي ادو عظيم آهي، شايد پٽائيءَ چواڻي، موري جي!

مِٽي اُن خَمير، اَصل هُئي اِيتري.

۽ مان اڄ تائين ان ڳالهہ کي سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ هو پنهنجي دور جو عاليشان ٽيلر ماستر هُئو جيڪو پنهنجي والد صاحب محمد يوسف سولنگيءَ جي ڪپڙي جي عاليشان دُڪان تي ويهڻ سبب ئي بڻيو هو پنهنجي چئن ئي پڙهيل ڪڙهيل ڀائرن ۾ ٽئين نمبر تي آهي.

سنڌس ٽيئي ڀائر عاليشان نوڪرين ۾ رهيا، پر هن نوڪريءَ کي نہ قبولي پورهيت هجڻ پنهنجي شان وٽان سمجهيو جنهن ڪري هو سڏو سنئون خدا جو دوست بہ هُئو تہ سندس بندن جو دوست بہ هُئو پر سنڌس پاءِ ۽ اسان جي عمر ۾ وڏي يار، ادا ڪبير ڪائنس ڪڏهن بہ ڪپڙا نہ سبرايا. اهو اعزاز هڪ پيرو مون کي ادا ڪبير ضرور ڏنو جو تہ هو ڪپڙن پائڻ جو گهڻو شوقين هُئو منهنجي واسطي وارن ۾ ٻيو اهڙو شخص ڊاڪٽر سليمان سولنگي هُئو

ادي عظيم جي هڪ غضب جي ڪوالٽي اها آهي تہ هن سان ملندڙ ماڻهو سنڌس ڳالهين جي ڳوٺ کان ڪڏهن بہ ٻاهر وڃي نہ سگهندو آهي. پلي هو پويان ڪيترا بہ ڪم ڪاريون ڇڏي آيو هجي.

صبح کان شام ۽ شام کان ورندي صبح تائين هو سنڌس ڳالهين جي گهر مان نڪري سگهي اهو قبول ڪرڻ منهنجي لاءِ ڏکيو آهي. هو ڪيڏي بہ ڪڙي ڳالهہ ٻنهہ مني نموني چئي ۽ قبول ڪرائڻ جو هنر ڪمال جو ڄاڻي ٿو هن جي زندگي جي ڪڙائي اِها آهي، جيڪا هن ڪڏهن بہ اظهاري نہ آهي. پر اسين جيڪي سنڌس ويجهو رهيا آهيون ۽ قبول ڪيا ويا آهيون انهن شدت سان محسوس ڪيو آهي، تہ هن جن شخصن کي پاڻ هيناهون رهي بہ مٿاهون مرتبو ڏياريو انهن ڪڏهن بہ هيٺ نہ نهاري ڏٺو تہ اسان جي قد جي وڏيل نظر اچڻ ۾ اُهي ڪلها بہ آهن جيڪي ادي عظيم جا آهن.

هنن فقط مٽي ئي ڏٺو ۽ ادو عظيم! وري اهڙو جو هنن جي قد ماپڻ کان سواءِ ئي زمين کي ڏسي ان جي وزن جو اندازو لڳائڻ ۾ پورو، شخص جو وزن جو ڪيترو گهورو هجي ان کي زمين جي وزن کان گهورو تہ ڪو نہ سمجهبو. چو تہ هن کي آخر زمين جي بار هيٺ ئي دٻجڻو آهي، اها سنڌس آخري سڃاڻپ آهي، سنڌس پهريون سڃاڻپون سڀ عارضي آهن، دائمي فقط عظمت رهڻي آهي، جيڪا عظيم ماڻهن جو نصيب هوندي آهي. ادو عظيم انهن مان هڪ آهي. مون لاءِ تہ پڪ ئي پڪ عظيم شخص آهي، جنهن کان انڪاري ٿيڻ مون لاءِ قيامت جو ڏينهن هوندو، جيڪو ڪنهن بہ طرح اچڻو ئي آهي! ماڻهن تہ ماحول کي قيامت کان اڳ ئي قيامت جهڙو بڻائي ڇڏيو آهي، شايد اهو بہ انسان خاص ڪري اجوڪي انسان جو گڏيل الميو آهي، ڇا چئجي؟

******

صحافتي تعصب ۽ عورت: جڏهن سوالَ ئي فيصلو ٿي وڃن

احسان لغاري

اڄوڪي صرف انهن سوين انٽرويو ويڊيوز مان هڪ جو حوالو ڏئي رهيو آهيان جيڪي مون سوشل ميڊيا تي ڏٺا آهن. هڪ صحافي هڪ نوجوان عورت کان سوال پنيان سوال پڇي رهيو آهي، جنهن پيار جو پرڻو ڪيو آهي ۽ هوءَ اهو ڇنو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي تہ هن جي زندگي هن جي ئي خاندان طرفان خطري ۾ آهي. صحافي جي ذهني لاڙي، انداز، سوالن جي ٻولي، ۽ هر جملي/سوال ۾ لڪيل چيڀندڙ طنز، خاموشيءَ سان ٻڌڻيون هٽندڙ آهي اهڙا انٽرويو 99 سيڪڙو مرد ئي ڪندا آهن بظاهر سنڌس عام حالتن ۾ ڪيل سوالن کان نرم لهجي ۾ پڇيل سوالن ۾ رڪ اندر بني جي باهہ جهڙا آهن اهو ٻڌائي ٿو تہ هو ڪيترو تعصب پسند آهي، ۽ هن ذاتي طور پنهنجي دل ۾ ئي ان عورت جي عمل خلاف فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي

هي ان عام رواجي انٽرويو جي باري ۾ ڳالهہ آهي. اهڙي ڪنهن بہ انٽرويو کان اڳ يا ان ڪانپوءِ عورت جو سر اڏيءَ تي هوندو آهي پنهنجي جياپي ۾ پسند سان جيئڻ جي اظهار لاءِ هن کي موت جو جوکم کڻڻو پوي! مرد لاءِ هڪ عام رواجي ڳالهہ ۽ هُن لاءِ زندگيءَ جو داءُ کن لاءِ سوچيو تہ هن کي ايستائين پهچڻ لاءِ جبل جهڙو بار کڻڻو پيو هوندو هوءَ بهادري سان پنهنجي پيار، طلاق ۽ ٻي شاديءَ جي ڪهاڻي بيان ڪري ٿي. صحافي هر سوال اڳرائي وارو ڪري ٿو ۽ هو تحمل سان جواب ڏيندي ٿي وڃي جڏهن ڪانئس "پيارواري شادي" بابت پڇيو ويو تہ هن پنهنجي پهرين شاديءَ جي تڪليف ڏيندڙ تفصيلن کي ظاهر ڪيو جيڪا مبينا طور تي اڳوڻي شهري جي بدسلوڪيءَ ۽ بدنيتي سبب طلاق تي ختم ٿي. جنهن بابت هن پنهنجي مڙس کي ورور ڀڏايو ۽ مار کائيندي رهي تان جو هن کي طلاق ڏني وئي هاڻي هن هڪ اهڙي شخص سان شادي ڪئي آهي جنهن سان هن جي موبائل تي ڳالهہ ٻولهہ ذريعي ملاقات ٿي آهي انتهائي ذاتي سوال صحافي بنا جهجهڪ جي ڪيا پئي ڪنهن کي کهڙو حق آهي اهڙن سوالن ڪرڻ جو؟! آئين، قانون ۾ ڇا ان بابت ڪجهہ چيل آهي؟ ۽ عقل ۽ فهم سان قانوني ۽ مذهبي طريقي سان شادي ڪن ٿا تہ پوءِ اهو سوال موبائل، سوشل ميڊيا يا ڪنهن بہ ڊيٽ ويٽ بابت پڇيو ئي ڇو ٿو وڃي؟ هوءَ پنهنجي خاندان طرفان ممڪن زندگي لاءِ خطرن جو اظهار ڪري ٿي ۽ تحفظ جي گهر ڪري ٿي، اهو پاڪستان ۽ سنڌ جو وڏو سچ آهي جيڪو روايتي اصولن جي پچڪڙي ڪندڙ ڪيترين ئي عورتن جي خطرناڪ حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿو حيرت انگيز ڳالهہ اها آهي تہ سنڌس مڙس ڪئميرا کان پري رهيو جنهن کي مرد صحافي "سائين" چئي ڪوٺي ٿو " سو توهان سائين سان شادي ڪئي، موبائل تي سائين جو چا وٽيو توهان ڪير آهيو (ذات ڪهڙي اٿو)، پيءُ جو نالو ڀائرن جا نالا! هي سوالن جو سلسلو هو جيڪو صحافي جاري رکيو ڪنهن جي تنقيد پڙهيم " شادي ڪئي اٿو پر پنهنجي خاندان کي بدنام ۽ شرمسار تہ نہ ڪيو!" سڀ نالا ذات پات صحافي جي اڳرائي ڪيل سوالن جي جوابن جي ڪري آيا! پران ۾ خاندان لاءِ شرمساري جو هجڻ ڪپي هن هٿ سان گهڙيل عزت ۽ شرمساري جي ڪنهن بہ سبب کان هڪ عورت جي زندگي مٿاهين آهي! اهڙين حالتن ۾ لاڳاپيل ڪانڊ کي موت جو خطرو رهي ٿو پر عورت لاءِ خطرو ڏهوڻو وڌيڪ هجي ٿو

هن انٽرويو ۾ "سائين" مرد صحافي جي ڪنهن بہ تنقيد کان محفوظ رهيو جڏهن تہ ان عورت کي مسلسل پنهنجن خانداني نالن ۽ پسمنظر بابت سخت سوالن کي منهن ڏيڻو پيو هي فرق نہ رڳو ان خطرن کي واضح ڪري ٿي جيڪي ان عورت کي ڪئميرا تي اچي سنا يا سهندي، پر ان وسيع تر سماجي ۽ ميڊيا جي تعصب کي بہ اجاگر ڪري ٿو جيڪو عورتن کي بچاءُ ڪندڙ بجاءِ ڪمزور ۽ شڪي طور پيش ڪري ٿو

هي انٽرويو ڪو الڳ واقعو ناهي؛ هي پاڪستان جي اندر ويڙهيل جنسي اڻ برابريءَ جو هڪ ڏکوئيندڙ نمونو آهي، جتي پيار يا ٻي شاديءَ جو رستو وٺندڙ عورتن کي اڪثر موت ڏيندڙ مزاحمت کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي مردن جا ڍانچا غالب آهن، اهڙيون شاديون اڪثر "عزت جي نالي تي قتل" (ڪارو ڪاري) جو شڪار ٿين ٿيون اهي قتل خانداني شرم ۽ ڀرم کي قائم رکڻ لاءِ خاندان جي مرد ميمبرن پاران ڪيا ويندا آهن. انساني حقن جي تنظيمن جو اندازو آهي تہ هر سال تقريباً 1,000 عورتون عزت جي نالي تي قتل ٿي وڃن ٿيون. تازا انگ اکر خوفناڪ لاڙن ڏانهن اشارو ڪن ٿا: 2024 ۾ گهٽ ۾ گهٽ 405 اهڙا ڪيس رپورٽ ٿيا، خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ 43 سيڪڙو واڌارو ڏٺو ويو. خانداني ڌمڪيون ۽ قتل اهو واضح ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن تہ عورت جي وري جي شادي خاص ڪري "پيارواري شادي" کي روايتي عزت سان غداري سمجهيو وڃي ٿو جنهن جي قيمت هر سال هزارين ماڻهن جي حياتين جي قرباني جي صورت ۾ ڏني وڃي ٿي.

هن نااِنصافي جي مرڪز ۾ پاڪستان جي گهري جنسي ورڇ آهي، جيڪا امتيازي اصولن ۾ جڪڙيل آهي ۽ زندگيءَ جي هر پاسي ۾ نظر اچي ٿي. عورتن کي ڪئي سماجي ۽ برپا نظام جي رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: تقريباً 50 سيڪڙو بنيادي تعليم کان محروم آهن، ۽ 2024 تائين پارلياماني سيٽن تي سندن حصو صرف 20.5 سيڪڙو آهي. انٽيميٽ پارٽنر وائلنس 28 (IPV) سيڪڙو عورتن کي متاثر ڪري ٿي، (انٽيميٽ پارٽنر وائلنس هڪ پارٽنر يا اڳوڻي پارٽنر پاران ڪيل جسماني، نفسياتي، جنسي يا معاشي تشدد جو عمل، جيڪو ساٿي جي خلاف ٿئي ٿو جهڙوڪ مڙس، زال، يا ساٿي)؛ جڏهن تہ وسيع تر تشدد بشمول تيزاب /ايسڊ اٽيڪ ۽ زوري زنا/ريپ (2024 ۾ 5,000 کان وڌيڪ رپورٽ ٿيل ڪيس) بي قابو آهن. پوري پاڪستان جي ڀهراڙي، ڪنهن حد تائين شهرن ۾ پڻ عورتون وڌيڪ امتيازي سلوڪ جو شڪار ٿين ٿيون. هي انگ اکر هڪ اهڙي سماج جي تصوير پيش ڪن ٿا جتي عورتون نہ صرف پاسي تي آهن پر پنهنجي زندگين ۽ جسمن تي خودمختياريءَ جو دعويٰ ڪرڻ لاءِ فعال طور تي خطرن ۾ آهن. هي ڌرتي عورتن لاءِ تاماٽي تي پٽي آهي

اهڙي حالتن ۾ سڄاڻ ميڊيا کي اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي، جيڪو سنڌ جي ساجهہ وند صحافين ۽ ليکڪن گهڻي ڀاڱي ڪيو بہ آهي ۽ سنڌ جي سماجي شعور سان گڏ بيٺل رهيا آهن هن انٽرويو جو مثال ان ڳالهہ جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو تہ سوشل ميڊيا تي يا ان ڪانسواءِ بہ وسيع لاپرواهي عورتن خلاف ڏاڍ، سندن زندگين لاءِ خطرن کي وڌائين ٿا جيئن انٽرويو ۾ واضح طور تي ڏيکاريو ويو. مرد صحافي جو رويو عورت کان ذاتي تفصيلن جو مطالبو ڪرڻ جڏهن تہ سندس مڙس کي عزت ۽ گمنامي ڏيڻ هڪ خطرناڪ جنسي تعصب کي برقرار رکي ٿو اهو هڪ وسيع تر پاڪستاني صحافت جو مسئلو آهي. جڏهن ميڊيا جا ذريعا/ آئوٽليٽس سماجي تعصبن جي عڪاسي ڪن ٿا، تہ اهي تشدد ۽ اڻ برابريءَ کي عام بڻائين ٿا ۽ عورتن کي ڳالهائڻ کان روڪين ٿا. ان عورت جي تحفظ لاءِ دانهن، جيڪا هن وڏي ذاتي خطري جي باوجود ڏني، اسان جي صحافتي ڪرت تي سوال اٿاري ٿي: هوءَ چو تنقيد جو بار کڻي جڏهن تہ سنڌس مڙس پاچي ۾ لڪيل رهي؟ اسان هڪ اهڙي نظام جيڪو روايت جي نالي تي عورتن جي خوابن ۽ حياتين کي ختم ڪري ٿو سان سهڪاري تہ ناهيون؟ پاڪستان، عورت کي تعليم يافتہ، پنهنجا فيصلا ڪندڙ ۽ برابري تائين آڻڻ ڪانسواءِ ترقي نہ ڪري سگهندو عورت جي لاءِ گهر ۾، باهر، گهٽي ۾، بني تي ڪم ڪندي، آفس ۾ يا مارڪيٽ ۾ تحفظ جو احساس پنجاهہ سيڪڙو پاڪستان جي بنيادي گهرج آهي ان لاءِ سوشل ميڊيا ۽ ابلاغ جي سين ذريعن کي هاڪاري اثرانداز ٿيڻ، ان ڏس ۾ مضبوط ڪرڻ، جنسي حساس صحافت جي تربيت کي فروغ ڏيڻ ۽ ميڊيا ۽ سياست ۾ عورتن جي آواز کي وڌائڻ اٿڻ آهي. عورتن جي برابري صرف اخلاقي طور لازمي ناهي؛ هيءَ خوشحاليءَ جو ڏس ۽ گس آهي، ڇاڪاڻ تہ بااختيار عورتون معاشي ترقي ۽ سماجي استحڪام کي اڳتي وڌائين ٿيون.

بقايا 01

اسان وٽ وچ اوڀر ۾ عظمت حاصل ڪرڻ جو هڪ حقيقي موقعو آهي ۽ پهريون ڀيرو سڀ هڪ ئي صفحي تي آهن. اسان اهو ڪندا رهنداسين. ٻڌايو ويو آهي تہ آمريڪي صدر جو هي بيان اهڙي وقت ۾ آيو آهي جڏهن ڪجهہ ڏينهن اڳ صدر ٽرمپ چيو هو تہ غزه جنگ ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي ۽ جلد ئي هڪ وڏو معاهدو ٿيڻ وارو آهي. جيتوڻيڪ صدر ٽرمپ ڪا خاص تاثير لاڳن يا تفصيل فراهم نہ ڪئي، پر سندس تازين بيانن عالمي سياسي ۽ سفارتي حلقن ۾ هڪ نئين بحث کي جنم ڏنو آهي. آمريڪي عملدارن جو چوڻ آهي تہ ٽرمپ سومر تي وائيٽ هائوس ۾ اسرائيلي وزيراعظم بنجمن نتنياهو سان ملاقات ڪرڻ جي اميد رکي ٿو تہ جيئن ممڪن امن معاهدي جي فريم ورڪ تي بحث ڪري سگهجي.

بقايا 02

ايوان صدر جي ونگ ۾ جاري ڪيل بيان ۾ مطابق ڄاڻ تائين پهچڻ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پيغام جاري ڪندي چيو تہ تحت ڄاڻ تائين بروقت ۽ درست پهچ شهرين کي خود مختيار بڻائي ٿي صدر عوام کي اپيل ڪئي تہ سوشل ميڊيا تي ڄاڻ پهچائڻ کان اڳ ان جي تصديق ڪئي وڃي تہ جيئن ڄاڻ تائين پهچ کي پاسو ڪيو وڃي باشعور معاشرتي شفافيت ترقي ۽ انصاف جو بنياد رکي ٿو سمورا ادارا ڄاڻ تائين پهچ جي نظام ۾ ڪارگر ۽ اثرائتو بڻائن.

بقايا 03

ٽيل شين تي ٻوڏ ٽيڪس لاڳو ڪرڻ جي مخالفت ڪري سگهي ٿي پاڪستان ۾ دورو ڪندڙ آءِ ايم ايف جي جائزي مشن کي بريفنگ ڏيندي، فيڊرل بورڊ آف روينيو جي اعليٰ عملدارن انهن کي ٻڌايو تہ هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽن مهينن ۾ جولاءِ کان سيپٽمبر تائين 100 ارب روپين کان وڌيڪ آمدني جي گهٽتائي ٿي سگهي ٿي پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف جي جائزي مشن جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ هڪ مڪمل ٿيڻ تي ايڪسٽينڊڊ فنڊ سهولت (اي ايف ايف) تحت 1 ارب ڊالرجي ٽئين قسط جاري ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪري رهيا آهن ايف بي آر موجوده مالي سال جي پهرين ٽہ ماهي لاءِ 30.8 ٽريلين روپين جو آمدني جو هدف مقرر ڪيو هو (جيتوڻيڪ آءِ ايم ايف 30 سيپٽمبر جي عرصي جي آخر تائين 30.23 ارب روپين جو هدف مقرر ڪيو هو)، پر ايف بي آر گذريل ٽن مهينن کان پنهنجي گهربل هدف حاصل ڪرڻ ۾ فرق کي منهن ڏئي رهيو آهي، مجموعي طور تي، اهو خدشو آهي تہ ٽيڪس وصولي جو هدف 100_150 ارب روپين تائين گهٽجي سگهي ٿو جڏهن تہ آءِ ايم ايف ٽيڪنيڪل جائزي ۾ 14.13 ٽريلين روپين جي امڪاني ساليانو ٽيڪس هدف تي سوال اٿاريو ويو تہ ايف بي آر جي اعليٰ عملدارن جواب ڏنو تہ موجوده ٻوڏ ٽيڪس وصولي جي عمل کي متاثر ڪيو آهي پر اهي پراميد آهن تہ ڊسمبر 2025 تائين ٻيهر ايڪسپورٽ ٽيڪس گڏ ڪرڻ شروع ٿي ويندي تنهن ڪري ساليانو ٽيڪس هدف کي تبديل ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

بقايا 04

بيان ۾ لياقت بلوچ چيو تہ پاڪستان_سعودي عرب دفاعي معاهدو تازي هوا جو جهونڪو آهي، پاڪ_سعودي معاهدي کي اسلامي دنيا جو متحده ۽ جامع دفاع بڻايو وڃي. هن چيو تہ فلسطين ۽ ڪشمير جي آزادي لاءِ امت جو اتحاد ضروري آهي. لياقت بلوچ چيو تہ وزيراعظم شهباز شريف جو جنرل اسيمبلي ۾ خطاب جاندار هو. پاڪستان هڪ ئي وقت فلسطين ۽ ڪشمير جي تڪرارن تي آواز بلند ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ ٻوڏ متاثرين جي بحالي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي گڏيل ذميواري آهي، پنجاب مقامي چونڊن کان محروم آهي، سنڌ، بلوچستان، ڪي پي ڪي جا مقامي حڪومتي نظام بي اختيار آهن هن چيو تہ آءِ پي پيز لاءِ سرمائي ۽ چيني ڪمپنين جو معاملو حل ٿيڻ گهرجي، صرف سستي بجلي ۽ سستو تيل ئي ملڪ کي معاشي بحرانن مان ڪڍي سگهي ٿو

جي هڪ عدالت آچر ڏينهن موت جي سزا (مهلت سان) ٻڌائي آهي، چين جي سرڪاري خبرو ايجنسي شنهوا جي رپورٽ موجب مسٽر ٽينگ رنجيان 2007 کان 2024 تائين مختلف عهدن دوران 268 ملين يوآن (37.6 ملين آمريڪي ڊالر) کان وڌيڪ رقم ۽ ملڪيت رشوت طور ورتي. چانگ چون انٽرميڊيٽ يعني وچولي عوامي عدالت سندس موت جي سزا کي ٻن سالن لاءِ معطل ڪندي ٻڌايو تہ ٽانگ پنهنجي ڏوهن جو اعتراف ڪيو آهي. واضح رهي تہ چين جي ڪميونسٽ پارٽي نومبر 2024 ۾ ٽينگ کي پارٽي مان ڪڍي ڇڏيو هو ڇهہ مهينا پوءِ جڏهن سندس بدعنواني جي نگراني ڪندڙ اداري جاچ هيٺ آندو ۽ عهدي تان هٽايو ويو.

بقايا 05

جي ويجهو ۽ نانگن، گيل موري جي ٻوڏ کان متاثر مختلف ڳوٺن جو تفصيلي دورو ڪيو. ان موقعي تي هن متاثر علائقن ۾ هلندڙ ريسڪيو ۽ رليف آپريشن جو جائزو ورتو ۽ ضلعي انتظاميہ ۽ ريسڪيو ادارن کي هدايت ڪئي تہ متاثر ماڻهن کي هر ممڪن سهولتون مهيا ڪيون وڃن. هن چيو تہ سنڌ حڪومت متاثر خاندانن کي اڪيلو هرگز نہ ڇڏيندي، سندن خوراڪ، عارضي رهائش، طبي امداد ۽ صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو. سيد رياض حسين شاهہ شيرازي ٻوڏ متاثرين سان ملاقات ڪري سندن مسئلا ٻڌا. هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي تہ متاثر خاندانن جي فوري رجسٽريشن ڪئي وڃي ۽ ڪين رليف پيڪيجز ۽ مالي مدد فراهم ڪئي وڃي. صوبائي وزير زور ڏنو تہ فلڊ ايمرجنسي دوران سڀ ادارا پاڻ ۾ مربوط رابطي ۾ گڏيل حڪمت عملي تحت ڪم ڪن تہ جيئن ڪو بہ متاثر ڳوٺ يا بستي نظرانداز نہ ٿئي. هن چيو تہ سنڌ حڪومت عوام جي تڪليفن کان بخوبي واقف آهي ۽ متاثرن جي فوري بحالي ۽ مستقل حل لاءِ سڀ وسيلن کي ڪتب ۾ آندو پيو وڃي. بعد ۾ صوبائي وزير درياءَ سنڌ جي مختلف حفاظتي بندن جو دورو ڪري پاڻيءَ جي وهڪري، بندن جي صورتحال ۽ انتظامن جو جائزو پڻ ورتو _ ان موقعي تي لاڳاپيل عملدار، مقامي نمائندا ۽ علائقي جا معززين پڻ موجود هئا.

بقايا 06

ماهرن ۽ جنرل فزيشن مريضن جو معائنو ڪيو ۽ دوائون ڏنيون. طبي ڪيمپ ۾ ڪل 800 مريضن جو معائنو ڪيو ويو طبي ڪئمپ ۾ چمڙي جي ماهر ڊاڪٽر ارسلان الاهي ميمڻ، جنرل فزيشن ڊاڪٽر غلام حسين بلوچ، جنرل فزيشن ڊاڪٽر معاذ ۽ ڊاڪٽر محمد بخش ڏهاڻي مريضن جو چيڪ اپ ڪيو سنڌ نيوز پيپر سوسائٽي جي صدر قاضي شفيق ڊاڪٽرن ۽ عملي ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا. ڪيمپ دوران، ماهر ڊاڪٽرن ماڻهن کي صحتمند طرز زندگي اختيار ڪرڻ ۽ بيمارين کان بچڻ بابت پڻ آگاهي ڏني وئي. علائقي جي رهواسين سنڌ نيوز پيپر سوسائٽي جي هن فلاحي قدم جي تمام گهڻي تعريف ڪئي ۽ مطالبو ڪيو تہ اهڙين سرگرمين مستقبل ۾ بہ جاري رکيون وڃن. ان موقعي تي سي پي اين اي سنڌ نيوز پيپر سوسائٽي جو جنرل سيڪريٽري رضوان شاهہ، نسيم شيخ، ديدار سنڌيلو، عامر راٺوڙ، دلاور چنا، آغا طارق پٺاڻ، عبدالستار جوکيو، صفدر چانڊيو، جان محمد جاني، ملڪ دوست محمد، مزمل شاهہ، بشير احمد جوڻيجو، اعجاز علي سنڌيلو ۽ ٻيا بہ موجود هئا.

بقايا 07

حصي جي وچ ۾ چرڪائيندڙ فرق کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. سرڪاري ڏيکن موجب ايف بي آر (جنهن هاڻ اهڙن بليڪ هولز کي حذف بنائڻ شروع ڪيو آهي) انهن کي هاڻ هڪ هاءِ پروفائل شادي جو ڪيس مليو آهي جيڪو 6 تقريبن تي ٻڌل هو جنهن تي اندازن 248 ملين (24 ڪروڙ 80 لک) روپيہ خرچ ٿيا، شاندار هنڌ، ڊيزائنر ٽيل ڪپڙا، هيرن جا زيور، آتشبازي ۽ پرڏيهي ڪنسلٽنس تي فضول خرچ جي باوجود لاڳاپيل سرڪاري آفيسر ۽ نہ ئي اُهي جي ڌيءُ (ڪنوار) جا ٽيڪس ريٽرنز ۾ انهي خرچ کي ڪو بہ جواز سامهون ناهي آيو. جي ٽيڪس لاڳو ٿيندو هو اتي بہ ادائيگي ناهي ڪئي وئي. شادي جي خرچن جا تفصيل خاندان جي تقريب کان وڌيڪ ڪنهن فيچر فلم جي بجيٽ جيان لڳندا آهن صرف سجاوٽ ۽ هنڌ جي چونڊ تي تقريبن 4 ڪروڙ روپيہ خرچ ڪيا ويا جڏهن تہ 6 تقريبن ۾ 400 مهمانن جي ماني تي 3 ڪروڙ روپيہ لڳايا ويا. گهوٽ ڪنوار ۽ ويجهن مائٽن جا ڪپڙا ساوٿ ايشين ڊيزائنرز کان تيار ڪرايا ويا هئا ۽ انهن تي 3 ڪروڙ روپيہ خرچ ڪيا ويا. سيني کان حيران ڪندڙ خرچ زيورن تي ڪيو ويو هو. هيرن ۽ سون جا سيٽ جن جي ماليت 8 ڪروڙ روپيہ هئي، ميڪ اپ، اسٽائلنگ، تفريح ۽ فوٽوگرافي تي 3 ڪروڙ روپيہ خرچ ٿيا، جڏهن تہ دعوت ناما، تحفا ۽ ڪري ايٽيو (تخليقي) ڪنسلٽنسي تي تقريبن 2 ڪروڙ 80 لک روپيہ خرچ ڪيا ويا. گڏيل خرچ 24 ڪروڙ 80 لک روپين کان وڌي ويا. شاهاڻي انداز کي وڌيڪ نمايان ڪرڻ لاءِ ڊرون فوٽيج سان سئنيما اسٽائل وڊيو شوٽس ڪيون ويون، ملٽي ڪورس، گورمي کاڌا (مينو)، آتشبازي ۽ ڊرون لائٽ شوز هٿ سان تيار ڪيل دعوت ناما ۽ ذاتي نوعيت جا تحفا، ميڻ بتين جي گلدستا بہ شامل هئا. اهڙين شادين ۾ دولت جي کلي عام نمائش ڪئي وئي پر ايف بي آر (ٽيڪس اختيارين) جو چوڻ آهي تہ خرچن کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ڪا بہ ڊيڪليريشن موجود نہ آهي. آمدني جا ذريعا بہ نامعلوم آهن. ذريعن جو چوڻ آهي تہ اها سروس گهڻي طور تي حاصل ڪئي وئي، وينڊرز کي روڪ ادائيگي ڪئي وئي ۽ ڪابہ انوائس موجود نہ آهي اها ٽيڪس جي جانچ پڙتال کان بچڻ جي عام ترڪيب آهي. ڪنوار ڪينيڊا، برطانيہ، ميڪسيڪو ۽ متحده عرب امارات جا ڪيترائي دورا ڪري رکيا آهن جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ ٽيڪس گوشوارن ۾ ظاهر ڪيل انگ اکرن جي ابتڙ انهن جو اصل زندگي گذارڻ جو طريقو تمام گهڻو شاندار آهي. ٽيڪس اختيارن موجب اهو ڪيس ٽيڪس چوري جي انتظامي مسئلي جي بهترين مثال آهي، امير طبقي جون شاديون، پرڏيهي ملڪن جا سفر، ملڪيتن ۽ زيورن تي ٿيل شاهاڻو خرچ اڪثر سامهون ناهي ايندو. ٽيڪس جي دائري کان ٻاهر رهندو آهي

بقايا 08

دوران فوت ٿيندڙن جي وارثن لاءِ 20 لک ڀارتي رپين جي امداد جو اعلان ڪري ڇڏيو گذريل ڏينهن پارٽي رياست تامل ناڊو جي شهر ڪرور ۾ ريلي ڪڍي وئي هئي، وجئہ جي ريلي ۾ عوام جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، جاءِ جي کوٽ سبب ڀاڄ جي نتيجي ۾ 39 ڄڻا فوت ٿي ويا هئا. رپورٽن موجب، ريلي ۾ 30 هزار ماڻهن جي اچڻ جي اميد هئي پر انڪل 60 هزار ماڻهو اچي ويا. اداڪار ٿلاپتي وجئہ واقعي ۾ فوت ۽ زخمي ٿيندڙن جي وارثن لاءِ امداد جو اعلان ڪندي چيو تہ ڪرور ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو ان جو سوچيندي منهنجو دل ۽ دماغ ڳري بار هيٺ دٻجي ويو آهي، هن واقعي جي دل جي تڪليف بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ناهن. هن اعلان ڪيو تہ هر هڪ فوتي جي وارثن کي 20 لک ڀارتي رپيا ۽ زخمين کي بہ لک ڀارتي رپيا ڏنا ويندا. وجئہ جو چوڻ هو تہ پيارن جو نقصان جو پيسن سان ازالو ناڪافي آهي، هيءَ امداد " برداشت نہ ڪرڻ جوڳي نقصان" جو معاوضو نہ پر همدردي ۽ يڪجهتي جي علامت آهي، هڪ ڪٽنب جي ڀاتيءَ طور رقم ڏيڻ جو وعدو ٿو ڪريان. ٻئي پاسي ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي ۾ حادثي ۾ حياتي وڃائيندڙن جي پونئرن لاءِ امداد جو اعلان ڪندي چيو تہ فوتين جي وارثن کي بہ لک ڀارتي رپيا ۽ زخمين کي في 50 هزار ڀارتي رپيا ڏنا ويندا.

بقايا 09

ملازمن سان مڪمل طور ڌوڪو آهي جڏهن تہ سنڌ جي وزيراعليٰ ۽ بلاول زرداري جي بيانن ۾ کليل تڪرار ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ سرڪاري ملازمن سان سنگين مذاق ڪيو پيو وڃي، سنڌ جا سرڪاري ملازم ٻين صوبن جي ۽ وفاقي ملازمن وانگر مساوي الائونس ۽ پگهارن جا حقدار آهن.

بقايا 10

سان گڏ بہ غزا جي مسئلي تي آمريڪي صدر سان ملاقات ٿي هئي، اميد آهي تہ ان سلسلي ۾ جلد سٺا نتيجا سامهون ايندا. وزيراعظم موجب، غزا ۾ 64 هزار کان وڌيڪ بيگناهہ ٻار، نوجوان، بزرگ ۽ عورتون شهيد ڪيون ويون. اهڙو ظلم اسان اڳ ڪڏهن ناهي ڏٺو. دعا آهي تہ غزا ۾ هي ظلم جلد کان جلد ختم ٿئي. هن چيو تہ گڏيل قومن جي اجلاس ۾ پنهنجي تقرير دوران 24 ڪروڙ پاڪستانين جي جذبات جي عڪاسي ڪئي، ڪشمير جو ڪيس پڻ وڙهيو. شهباز شريف سمندر پار پاڪستانين جي خدمتن کي ساراهيندي چيو تہ سمندر پار پاڪستاني پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ ملڪ جي خدمت ڪري رهيا آهن. توهان پاڪستان جا سفير آهيو وزيراعظم چيو تہ 2 کان 3 سال اڳ پاڪستان جي معيشت هچڪولين کائي رهي هئي، اڄ اسان جي معيشت مستحڪم ٿي رهي آهي. معيشت جي ترقي جو وقت اچي چڪو آهي، هي سڀ ڪجهہ ٽيم ورڪ جي نتيجي ۾ ٿيو ٽيم ورڪ کان سواءِ ڪا ڪاميابي حاصل نٿي ٿئي. هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان پرڏيهي ميدان، عسڪري ۽ معاشي ميدان ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي، پاڪستان جي عزت ۽ توقير ۾ واڌ ٿي آهي. اسان جنگ کٽي، دشمن کي شڪست ڏني.

بقايا 11

۾ هڪ جوابي بيان ۾ چيو تہ هندستان جي پرڏيهي وزير هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان کي بدنام ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، پاڪستان تي دهشتگردي ۾ ملوث هجڻ جو الزام لڳايو، جڏهن تہ دنيا تسليم ڪري ٿي تہ پاڪستان دهشتگردي خلاف جنگ ۾ 90,000 کان وڌيڪ قربانيون ڏنيون آهن. هن چيو تہ هندستان دهشتگردن جو سرپرست آهي، خطي ۾ نفرت، ورهاست ۽ تعصب کي ڀڙڪائي ٿو. هندستان سرحد پار دهشتگردي جو نيٽ ورڪ هلائي ٿو، پراڪسي عنصرن ذريعي پاڪستان ۾ دهشتگرد ڪارروايون ڪيون وينديون آهن. پاڪستان امن چاهي ٿو ۽ دهشتگردي خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي. جئي شنڪر جي الزامن کي رد ڪندي، محمد رشيد ڪيس خطي ۾ دهشتگردي، انساني حقن جي پچڪڙين ۽ رياستي جبر جو مکيہ ذميوار قرار ڏنو ۽ ڪشمير کان ڪلبوشن تائين مضبوط ثبوتن سان هندستاني چهرو بي نقاب ڪيو پنهنجي خطاب ۾، محمد رشيد چيو تہ اڄ اسان هڪ ميمبر ملڪ کان اهي ئي پراڻيون تقريرون ٻڌيون جيڪي اڳ ڪئيون هيون. هڪ تقرير جيڪا غلط بيانين ۽ گمراهہ ڪندڙ دعوائن تي ٻڌل هئي، جيڪا هميشہ وانگر حقيقتن کان خالي آهي. اسان جي پاڙيسري ملڪ پاران دهشتگردي بابت ڪوڙا الزام اصل ۾ بار بار ڪوڙ ورجائي ان کي سچو بڻائڻ جي ڪوشش آهي، پر حقيقت بلڪل ان جي ابتڙ آهي. محمد رشيد چيو تہ هندستان انهن ملڪن مان هڪ آهي جيڪي غير قانوني طور تي علائقن تي قبضو ڪن ٿا، ماڻهن تي ظلم ڪن ٿا ۽ بنيادي انساني حقن جي پچڪڙي ڪن ٿا، جنهن جي سڀ کان نمايان مثال هندستان جي قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير آهي جتي رياستي دهشتگردي روز جو معمول آهي، جنهن ۾ ماورائي عدالت قتل، ناحق گرفتاريون، جبري نظربنديون، جعلي مقابلا ۽ اجتماعي سزائون شامل آهن. جيڪي دهشتگردي جي خاتمي جي نالي تي ڍڪيل آهن. هن اهو بہ چيو تہ اهو ئي ملڪ هڪ خفيہ ۽ سرحد پار دهشتگرد نيٽ ورڪ هلائي ٿو ۽ پنهنجي پراڪسي عنصرن ذريعي پاڪستان جي اندر ۽ ٻاهر ڪارروايون ڪري ٿو ان جو هڪ زنده ثبوت ان جي حاضر سروس بحري آفيسر ۽ انٽيليجنس ايجنسي ايجنٽ ڪمانڊر ڪلبوشن يادو جي گرفتاري آهي، جنهن کي پاڪستان ۾ دهشتگردي ۽ تخريبڪاري جي ڪارروايون ۾ رنگي هٿ سان ملوث قرار ڏنو ويو پاڪستاني مندوب جنرل اسيمبلي کي ٻڌايو تہ اسان پهلگام واقعي بابت بي بنياد ۽ ناقابل فهم دعوائون پڻ ٻڌيون آهن. اهو هڪ مقرر اسڪرپٽ بڻجي چڪو آهي تہ ڪنهن بہ واقعي جو فوري طور تي پاڪستان تي الزام لڳايو ويو بغير ڪنهن ثبوت، منطق يا جاچ جي. پاڪستان، هڪ ذميوار رياست جي حيثيت سان، سيڪيورٽي ڪائونسل جي ٻين ميمبرن سان گڏ، پهلگام واقعي جي مذمت ڪئي، جيڪا فوري طور تي ڪئي وئي. اهو حيران ڪندڙ ناهي تہ اڄ تائين واقعي بابت ڪو بہ ثبوت پيش نہ ڪيو ويو آهي. محمد رشيد چيو تہ هن واقعي کي جواز طور استعمال ڪندي، 7 مئي کان 10 مئي تائين پاڪستان تي کليل جارحيت ڪئي وئي، جيڪا بين الاقوامي قانون جي سنگين خلاف ورزي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 54 بيگناهہ شهري شهيد ٿيا، جن ۾ 15 ٻار ۽ 13 عورتون شامل هيون. اسان سخت پر احتياط سان جواب ڏنو خود دفاع جو حق استعمال ڪندي، ۽ صرف نشانن کي نشانو بڻايو ويو پاڪستاني سفارتڪار، اجلاس جي صدر کي خطاب ڪندي چيو تہ هندستان جو رويو بين الاقوامي قانون لاءِ هڪ تمام خطرناڪ مثال قائم ڪري ٿو اهو هڪ نمونو آهي جيڪو انهن ملڪن پاران اختيار ڪيو ويندو آهي جيڪي بين الاقوامي قانونن جي پچڪڙي ڪرڻ، سرحد پار قتل ڪرڻ، پاڙيسرين کي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ کليل جارحيت ڪرڻ چاهين ٿا. عالمي برادري کي ڪڏهن بہ اهڙي غير قانوني ۽ غير ذميوارانہ رويي کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. هن چيو تہ پاڪستان امن چاهي ٿو ڏکڻ ايشيا جا 1.9 ارب ماڻهو جيڪي دنيا جي آبادي جو چوٿون حصو آهن، خوشحالي ۽ استحڪام جا مستحق آهن، پر خطرن ۽ خوف جي ماحول ۾ اهي مقصد حاصل نٿا ڪري سگهجن. سيڪنڊ سيڪريٽري محمد رشيد چيو تہ حقيقي ترقي لاءِ خلوص، باهمي احترام، ڳالهہ ٻولهہ ۽ سفارتڪاري ضروري آهي. اهي ئي اصول آهن جن کي پاڪستان هميشہ ترجيح ڏني آهي. جيڪڏهن هندستان واقعي امن چاهي ٿو تہ ان کي بہ آخرڪار ساڳيو رستو اختيار ڪرڻو پوندو.

بقايا 12

ع ۾ عالمي بئنڪ جي سهڪار سان شروع ڪئي وئي هئي، عالمي بئنڪ هئي پوري دنيا ۾ 18 ڪمپنين حصو ورتو ٽي ڪمپنيون شارٽ لسٽ ٿيون انهن مان هڪ گڏيل عرب امارتن، هڪ ماريشس ۽ هڪ چين مان هئي، چئني واڪن ۾ چين جي ڪمپني کي ٺيڪو مليو، ٽيسٽائين 2024 ع اچي ويو انهن ئي ڪمپنين ۾ مقابلو ٿيو هن چيو تہ اسان بہ ان معاملي جي انڪوائري ڪئي، چين ۾ مقابلو گهڻو آهي اسان وٽ جيڪي دستاويز آهن ۽ جيڪي ميڊيا تي ڏيکاريا پيا وڃن انهن ۾ واضح فرق آهي، عالمي بئنڪ بہ انهن دستاويزن جي تصديق ڪئي آهي، شايد ان سولر پئڪيج جي قيمت گهٽ ٻڌائيندڙن پکي ۽ بيٽري جي قيمت شامل نہ ڪئي هجي، مان ميڊيا کي اهي دستاويز بہ موڪلي ڇڏيندس انهن تحت اهي ٽي ريٽ هئا جن تحت ادائيگيون ڪيون ويون، هن چيو تہ عالمي بئنڪ بلڪل ان ڳالهہ لاءِ قرض ڏنو آهي پر گهٽ ڳالهہ ۽ انهن جي شموليت بہ هوندي آهي، شفافيت جي ڪري اسان انهن جي شموليت رکي، ڪسٽمز ۽ ٻين ڊيوٽين ۾ هيرڦير ڪئي وئي آهي تہ ان جي ذميوار اها ڪمپني آهي، اسان وٽ ڪسٽمز جون تصديق ٿيل ڪاپيون موجود آهن جيڪڏهن ڪمپني ايترو وڏو فراڊ ڪيو آهي تہ اسان اڳ ۾ ئي جاچ ڪري رهيا آهيون، هن پروگرام ۾ جيڪي تفصيل مليا آهن ان تي وڌيڪ جاچ جاري ڪئي ويندي، هن چيو تہ اسان وٽ ڪسٽمز جا بيان جيڪي سهولتون ڏنيون آهن، اهي ڏسڻ ٿيون، ڪامورن جي اسان کي اهي دستاويز موڪليا، اسان نيڪ نيتي سان اهو عمل ڪيو آهي پر اسان جي ماتحتي ۾ اهو ڪم ٿي رهيو آهي تہ اها اسان جي ذميواري آهي، اهي پڪا درآمد ڪيل آهن، تہ پاڪستان ۾ تيار ٿين ٿا تہ پوءِ درآمد ڪيئن ٿيا؟ انهن تي ڪسٽم ڊيوٽي ڪيئن لڳي؟ ان ڳالهہ جي اڃا وڌيڪ جاچ ٿيڻ گهرجي، سنڌ حڪومت ۽ ادارن کي ان جي انڪوائري ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ اسان حاضر آهيون، هڪ سوال تي هن چيو تہ محفوظ قاضي کي ان ڪري هٽايو ويو تہ اسان جا اڪثر پراجيڪٽ دير جو شڪار هئا، ڪجهہ ڏينهن اڳ يوٽيوب تي بہ ان سلسلي ۾ پروگرام هليو هو ان تي بہ جاچ هلي رهي آهي، اها ڳالهہ هاڻي اسان جي سامهون آئي آهي.

بقايا 13

ڪري ڪار واپس وٺي ڇڏي آهي. لاهور جي علائقي اقبال ٽائون جي نيلم بلاڪ ۾ 23 سيپٽمبر تي پيش آيل واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ سامهون آئي آهي. فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو تہ موٽرسائيڪل تي سوار هڪ شڪي شخص ڪار کي پوئان کان ٽڪر هڻي ٿو جڏهن عورت ڪار مان نڪرندي آهي ۽ پوئتي اچي ٿي تہ موٽرسائيڪل تي سوار شڪي شخص فرار ٿي ويندو آهي جڏهن تہ سندس ساٿي ڊرائيونگ سائيڊ کان اچي ڪار ۾ ويٺو هوندو آهي ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيندو آهي.

بقايا 14

کان باقاعده چوٽ طلب ڪئي ويندي. ذريعن موجب توانائي ڊويزن آءِ ايم ايف سان جاري ڳالهين جي دوران پاور سيڪٽر جي مالي ۽ عملي صورتحال تي بريفنگ ڏني. حڪومت واضح ڪيو تہ هو صرف 250 ارب روپيہ اصل واجبات تسليم ڪندي آهي تہ وياج جي مد ۾ واجب الادا رقم 220 ارب روپين کي تسليم نہ پيو ڪيو وڃي، اها رقم 1.7 کرب روپين جي گڏيل سرڪلر ڊيٽ جو حصو آهي. پر چين تازو ملاقاتن ۾ پاڪستان تي زور ڏنو آهي تہ هو سي پيڪ جي توانائي منصوبن لاءِ ٺاهيل معاهدي جي تحت هڪ سرڪلر اڪائونٽ فوري طور تي قائم ڪندي تہ جيئن واجبات جي وقت تي ادائيگي ممڪن ٿي سگهي. چين ۽ پاڪستان تازي گڏيل تعاون ڪميٽي (جي سي سي) جي گڏجاڻي ۾ انهي ڳالهہ تي اتفاق ڪيو تہ سي پيڪ جي تحت توانائي منصوبن جي قيمتن ۾ استحڪام قائم رکيو ويندو ۽ ڪابہ ڌر هڪ طرفو فيصلو نہ ڪندي. توانائي ڊويزن جي ترجمان معاملي تي تبصرو ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو تہ انهي وقت ناڻي واري وزارت تي تبصرن جي مجاز آهي. آءِ ايم ايف ڳالهين جي دوران بجلي جي گهربلو طلب ۾ گهٽتائي، سرڪلر ڊيٽ ۾ مسلسل اضافي ۽ ٻوڏ جي اثرن تي بہ سوال اٿاريا. توانائي ڊويزن ٻڌايو تہ مالي سال 2025_26 جي دوران وڌيڪ 500 ارب روپيہ سرڪلر ڊيٽ ۾ شامل ٿي سگهن ٿا، جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ناڻي واري وزارت کان 540 ارب روپين جي بجيٽ سبسڊي جي اميد آهي. گذريل مالي سال ۾ سرڪلر ڊيٽ ۾ اضافو صرف 45 ارب روپيہ هو جيڪو امڪاني 340 ارب کان گهٽ هو پر موجوده مالي سال ۾ صورتحال بيهر خراب ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف حڪومت طرفان پاور سيڪٽر جي ڪارڪردگي ۾ بهتري ۽ سرڪلر ڊيٽ جي ذخيري کي 2.42 کرب کان گهٽ ڪري 1.6 کرب روپيہ ڪرڻ واري ڪوشش جي تعريف ڪئي پر انهي بهتري کي پاور سيڪٽر جنهن تي 2.6 کرب روپين جو سرڪلر ڊيٽ آهي. انهي لاءِ اڃان تائين ڪو بہ بجيٽ فنڊز مختص ناهي ڪيو جڏهن تہ قطر ايل اين جي معاهدي تي بيهر ڳالهين جو اشارو ڏنو آهي. چوڻ تہ ايل اين جي بجلي گهر گيس نہ پيا کڻن جنهن سبب فراهمي ۾ رنڊڪون پيدا ٿي رهيون آهن.

بقايا 15

۾ افغانستان ۽ ڪنهن بہ پرڏيهي فوجي اڏي جي خلاف بيان جو استقبال ڪري ٿو ۽ افغانستان پاڪستان، روس، چين ۽ ايران جي موقف جو استقبال ڪري ٿو حمدالله فطرت چيو تہ افغانستان سرزمين کي ڪنهن ٻئي ملڪ خلاف استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي، ڪنهن بہ هٿياربند گروپ کي افغانستان ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني وئي آهي، ۽ اهو بي بنياد آهي تہ ٻيا ملڪ افغانستان کان خطرو آهي افغان حڪومت جي ڊپٽي ترجمان جو چوڻ آهي تہ افغانستان ڪرپشن، منشيات ۽ هر قسم جي ناپسنديده مسئلن خلاف قدم کڻي رهيو آهي، اسان سيني ملڪن سان باهمي احترام جي بنياد تي لاڳاپا چاهيون ٿا، حمدالله فطرت چيو تہ ڪابل جي پاليسي باهمي اعتماد، مثبت لاڳاپن ۽ دوستانہ لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ تي ٻڌل آهي، سياسي ماهرن موجب، افغانستان جي استحڪام لاءِ علائقائي ملڪن جي حمايت هڪ موقعو آهي هن چيو تہ ان ذريعي افغانستان پنهنجا سياسي ۽ اقتصادي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ڪري سگهي ٿو ۽ پاڙيسري ملڪن جي خدشن تي ڪابل جو مثبت جواب اعتماد سازي کي وڌائي سگهي ٿو.

بقايا 16

قدم، ماحولياتي تبديلي، جديد زرعي ۽ گرين ٽيڪنالاجي، هنرمند ماڻهن جي ڏي وٺ، تعليم ۽ تربيت جهڙي اهم شعبن تي ڳالهيون ٿيون. وزيراعليٰ مريم نواز جرمن سفير جي آجيان ڪندي تازو تباهي آڻيندڙ ٻوڏ کان پوءِ جرمني طرفان يڪجهتي ۽ فوري تعاون جي پيغام جي تعريف ڪئي. هن چيو تہ ماحولياتي تحفظ اسان جي حڪومت جي اولين ترجيح آهي، سرحد پار اسموگ، ٻوڏ جهڙن چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ جرمني جي ٽيڪنيڪل مدد اهم ثابت ٿي سگهي ٿي. مريم نواز جرمني جي ڪامياب ووڪيشنل ٽريننگ ماڊل جي تعريف ڪندي انهي ماڊل تي پنجاب ۾ وڌيڪ تعاون جي آجيان ڪئي. هن چيو تہ جرمني ويمن ايمپاورمينٽ، سماجي تحفظ، انساني ترقي ۽ گرين ٽيڪنالاجي ۾ پاڪستان جو پائيدار ڀائيوار آهي. وزيراعليٰ مريم نواز ٻڌايو تہ 2024 ۾ پاڪستان ۽ جرمني جو ٻطرفو واپار 3.63 بلين ڊالر رهيو جنهن ۾ پاڪستان جي واپاري توازن مثبت رهيو هن وقت پاڪستان ۾ 40 جرمن ڪمپنيون ڪم ڪري رهيون آهن جيڪي روزگار جا موقعا پيدا ڪري رهيون آهن هن زور ڏنو تہ اهڙن لاڳاپن کي صوبائي سطح تي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي. ملاقات ۾ تعليم، جرمني ۾ تعليم پرائيندڙ پاڪستاني شاگرد ۽ نصاب ۾ جدت تي بہ ڳالهيون ڪيون ويون. وزيراعليٰ مريم نواز لاهور ۾ قائم اَنا ميري شمل هائوس جي خدمتن جي تعريف ڪئي ۽ راندين کي هٿي ڏيڻ ۾ جرمني جي تعاون کي خوشي جوڳو قرار ڏنو هن جرمن جونيئر هاڪي ٽيم جي تازي لاهور جي دوري کي راندين جي ڏي وٺ جو سلو سنڌوڻ قرار ڏنو ٻوڏ صورتحال تي ڳالهيون ڪندي مريم نواز چيو تہ ٽن دريائن ۾ هڪ ئي وقت مٿاهين درجي جي ٻوڏ ۽ مسلسل برساتن سبب پنجاب وڌيڪ متاثر ٿيو پر پنجاب حڪومت وقت تي لڏ پلاڻ، ريسڪيو ۽ رليف آپريشن جي ذريعي لکين جانورن کي بچايو 2.2 ملين چوپائي مال کي محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ فيلڊ اسپتال، ڪلينڪ آن ويل ۽ فلڊ رليف ڪيمپن بہ صحت جي ميدان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جرمن سفير واسا ايڪسپو جو دورو بہ ڪيو ۽ انهي ۾ کنيل قدمن جي تعريف ڪئي. هن چيو تہ پنجاب جي ڏوراهين علائقن ۾ ٻوڏ جي باوجود حڪومت جيڪي مثالي ڪم ڪيا اهي تعريف جوڳا آهن.

بقايا 17

جو ڪم اڄ مڪمل ٿيندو شارع فيصل جي ڪجهہ حصن تي بہ ڪم ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو تہ مضافات جي اندروني روڊن تي بہ ترقياتي ڪم جاري آهن. شهر جي سيني روڊن جي بحالي جو ڪم ٻن مهينن ۾ مڪمل ڪيو ويندو مرتضيٰ وهاب چيو تہ ڪراچي جي ماڻهن جو احتساب ڪيو وڃي، شفافيت تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو ميئر ڪراچي وڌيڪ چيو تہ ايم ڪيو ايم جو پيغام آهي تہ ڪم اسلام آباد کان نہ ٿيندو وزيراعظم شهباز شريف کي هڪ رات لاءِ نہ پر ڪيترن ئي ڏينهن لاءِ ڪراچي اچڻ گهرجي، وزيراعظم کي ڪراچي لاءِ سخاوت جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

بقايا 18

ميٽرو نيوز جو اينڪر پرسن امتياز مير پنهنجي آفيس کان قائد آباد ۾ پنهنجي گهر وڃي رهيو هو سندس ڪار سندس وڏو ڀاءُ محمد صالح هلائي رهيو هو تہ ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار ڇهن حملي آورن قومي شاهراهہ تي سندس ڪار تي اڻڌڻ فائرنگ ڪئي. امتياز مير کي منهن ۽ سيني تي ڪيترائي گوليون لڳيون ۽ کيس لياقت نيشنل اسپتال منتقل ڪيو ويو حملي ۾ سندس وڏي ڀاءُ کي بہ معمولي زخم آيا. سندس ڀاءُ رياض علي، جيڪو ڪيس جو مدعي آهي، آچر جي رات ڊان نيوز کي ٻڌايو تہ سندس ڀاءُ علاج دوران فوت ٿي ويو سعود آباد پوليس اسٽيشن جي ايس ايچ او عتيق الرحمان، جنهن جي اختيار هيٺ اهو واقعو پيش آيو پڻ صحافي جي موت جي تصديق ڪئي. پوليس هڪ شخص ۽ سندس پٽن خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪيو آهي ۽ دعويٰ ڪئي آهي تہ اهو واقعو جيڪب آباد جي ٺل تحصيل ۾ زمين جي تڪرار جو نتيجو لڳي ٿو هڪ گهٽ مشهور شدت پسند گروپ پڻ حملي جي ذميواري قبول ڪئي هئي پر پوليس ان کي ناقابل اعتبار قرار ڏنو هو ان دوران، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ هڪ بيان ۾ امتياز مير جي موت تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ سنڌ جي آءِ جي پوليس کي هدايت ڪئي تہ قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي. وڏي وزير عهد ڪيو تہ "امتياز مير جي قاتلن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو" هن چيو تہ مرحوم صحافي جي ميڊيا لاءِ خدمتن کي ياد رکيو ويندو وڏي وزير جي ترجمان عبدالرشيد چنا موجب، وڏي وزير چيو تہ "حڪومت هن ڪيس کي ان جي منطقي انجام تائين پهچائيندي."

بقايا 19

ذريعن موجب، داعش خراسان جو ڪمانڊر محمد احساني عرف انوار افغانستان جي شهر مزار شريف ۾ مارجي ويو سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي تہ مارجي ويل ڪمانڊر احساني 2022ع جي پشاور ڪوچہ رسالدار ڌماڪي جو مک سهولتڪار هو، جنهن ۾ 67 ڄڻا شهيد ٿي ويا هئا. ذريعن موجب، احساني تاجڪ آپگهاتي بمبارن کي پاڪستان آڻڻ ۽ تربيت ڏيڻ جو ذميوار هو.

بقايا 20

محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج (GMMMC) جي پرنسپال جو عهدو سنڀالي ورتو آهي. سندن مقرريءَ کي طبي حلقن، شاگردن ۽ عوام طرفان هڪ خوش آئند ۽ مثبت قدم قرار ڏنو پيو وڃي. ڊاڪٽر صالح چنڙ عهدو سنڀاليندي ئي سول اسپتال سکر جي سمورن ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کي سختيءَ سان هدايت جاري ڪئي تہ هو پنهنجون ذميواريون پوري ايمانداري ۽ خوش اخلاقي سان نڀائن. هن واضح ڪيو تہ مريضن سان حسن سلوڪ سندن رويي جو لازمي جز هجڻ گهرجي، جڏهن تہ ايمرجنسي جي موقعي تي ڊاڪٽر ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف هر حالت ۾ پنهنجا فرض نڀائڻ لاءِ موجود رهن. ڊاڪٽر صالح چنڙ خبردار ڪيو تہ ڪنهن بہ قسم جي غفلت، لاپرواهي يا شڪايت برداشت نہ ڪئي ويندي ۽ اهڙي صورت ۾ فوري تاديبي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. ساڳئي وقت هن اهو اعلان بہ ڪيو تہ هو روزانو بنياد تي اسپتال ۽ ڪاليج جو دورو ڪندو ۽ سمورن شعبن جي سڌي نگراني ڪندو. ڊاڪٽر صالح چنڙ انهن شخصيتن مان آهي، جن نہ رڳو ميڊيڪل شعبي ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون پر پنهنجي پيشہ ورانہ صلاحيتن سان هزارين مريضن کي شفا بہ بخشي. هو هميشہ کان هڪ محنتي، ايماندار ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جو حامل ماهر طور سڃاتو وڃي ٿو FCPS Medicine جي ڪامياب ماهر طور، هو طلبا جي بهترين تربيت ۽ ميڊيڪل شعبي ۾ جديد ضرورتن کي اپنائڻ جا حامي رهيا آهن. غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال طور ڊاڪٽر صالح چنڙ جو عزم ظاهر ڪيو آهي تہ اداري کي هڪ ماڊل ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ ۾ تبديل ڪيو ويندو جتي شاگردن کي معياري تعليم، تربيت ۽ تحقيق جا بهترين موقعا ملندا. ساڳئي وقت سول اسپتال جي علاج معالج جي نظام کي جديد طريقي سان استوار ڪرڻ لاءِ بہ عملي قدم کنيا پيا وڃن. ڊاڪٽر صالح چنڙ جي قيادت ۾ اها اميد ڪئي پئي وڃي تہ ڪاليج ۽ اسپتال ٻئي، طبي معيار، تحقيق ۽ تدريسي سطح تي نون اوچائين کي ڇهندا.

بقايا 21

عمارت ۾ ڦاٿل ماڻهن کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ريسڪيو عملدارن چيو تہ باهہ متاثر عمارت ۾ اٺ ماڻهن کي ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ريسڪيو ذريعن موجب، باهہ کان متاثر ٻہ عورتون علاج دوران اسپتال ۾ فوت ٿي ويون. فائر برگيڊ عملدارن چيو تہ باهہ وسائڻ جون ڪوششون جاري آهن ۽ جانچ ڪئي پئي وڃي تہ عمارت ۾ ڪو ٻيو آهي يا نہ.

بقايا 22

جاري ڪري ڇڏي. تصوير ۾ وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل کي صدر ٽرمپ کان علاوه ٻين اختيارين سان بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪندي ڏٺو ويو آهي. جاري ڪيل تصويرون گڏيل طور تي ٻنهي ملڪن جي طاقتور ترين شخصين جي وچ ۾ ملاقات جي نوعيت، اهميت ۽ ڪاميابي جون بهترين عڪاسي ڪن ٿيون. ڪيمري ۾ بند ڪيل خوشگوار منظرن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ ملاقات نہ صرف مثالي ماحول ۾ ٿي پر ٻنهي طرفن جي اميدن تي بہ پوري لٿي آهي. هڪ گروپ فوٽو ۾ صدر ٽرمپ اپ جو اشارو بہ ڪندي ڏسي سگهجي ٿو آمريڪي صدر ٻنهي شخصيتن کي خميس جي ڏينهن اوول آفيس گهرايو هو جتي انهن جي وچ ۾ تقريبن هڪ ڪلاڪ 20 منٽ ڊگهي ملاقات ٿي. انهي دوران آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس ۽ پرڏيهي وزير مارڪو روبيو بہ موجود هئا.

بقايا 23

لاڳاپيل عورت جو هڪ تفصيلي بيان سامهون آيو آهي جنهن ۾ هن دعويٰ ڪئي آهي تہ هوءَ وزيراعظم جي صلاحڪار جي حيثيت سان پاڪستاني مشن ۾ حصو وٺي رهي هئي. شمع جوڻيجو لکيو تہ مان گذريل ڪيترن ئي مهينن کان پاڪستان ۽ وزيراعظم شهباز شريف لاءِ ڪم ڪري رهي هيس. پاڪ_ڀارت جنگ دوران منهنجا پاليسي بريف، صلاحون ۽ نقطا، سڀ ڪجهہ رڪارڊ جو حصو ۽ محفوظ آهي. شمع جوڻيجو پنهنجي ايڪس اڪائونٽ تي لکيو تہ وزيراعظم مون کي گڏيل قومن جي تقرير لکڻ جو ڪم ڏنو ۽ مون کي پاڻ وفد جو حصو بڻايو. منهنجو نالو باقاعده صلاحڪار جي طور تي شامل ڪيو ويو ۽ ان سلسلي ۾ منهنجو سيڪيورٽي پاس پڻ جاري ڪيو ويو مون سندس ٽيم سان ڏينهن رات ڪم ڪيو ۽ مان ساڻس گڏ سفر ڪيو سوشل ميڊيا تي مون لکيو تہ مان وزيراعظم ۽ سندس ٽيم سان گڏ ساڳئي هوٽل ۾ رهيس، مان بل گيٽس وانگر اهم ترين سائڊ لائن ميٽنگن جو حصو هوس، جنهن جي فوٽيج ٽي وي تي پڻ ڏيکاري وئي هئي. اسحاق ڊار ۽ مان موسمياتي ڪانفرنس ۾ وزيراعظم جي پويان ويٺا هئاسين، جنهن جي وزارت جي باري ۾ منهنجي ٽوئيٽ ڪيو تہ مان وفد جو حصو نہ آهيان. هن چيو تہ هن ڪانفرنس کان پوءِ پروٽوڪول ٽيم مون کي آءِ اي ڪانفرنس ۾ وٺي وئي جتي بلال ۽ مان نہ رڳو سڄو وقت خواجہ آصف جي پويان گڏ ويٺا هئاسين، پر بلال هڪ نئين تقرير جي فوٽيج پڻ ڏيکاري وئي هئي. اسان گڏجي ٻاهر نڪتاسين، ڪار جي انتظار ۾ 40 منٽ گڏ بيٺا رهياسين، بيهر تصويرون ڪڍيون، ۽ اسان ٽيئي هڪ ئي ڪار ۾ هوٽل واپس آياسين، خواجہ ڪار ۾ منهنجي پويان ويٺو هو

بقايا 24

پارٽي جو پيغام اجاگر ڪرڻ ۾ شاندار ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو واقعي لائق تحسين آهي. هن زور ڏنو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اصل طاقت ان جا جيالا آهن، جيڪي صدر آصف علي زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت هيٺ عوامي خدمت ۽ پارٽي جي مشن کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. ڪارڪنن هن عزت افزائي تي خوشي ۽ جوش وخروش جو اظهار ڪيو ۽ عزم ظاهر ڪيو تہ هو قيادت جي ويزن مطابق پارٽي جو پيغام وڌيڪ مؤثر انداز ۾ عوام تائين پهچائيندا رهندا.

بقايا 25

ڇاڪاڻ تہ تيز طوفان ٽائفون ٻوالوئي ملڪ ڏانهن وڌي رهيو آهي. هي طوفان ڪجهہ ڏينهن اڳ فلپائن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 ڄڻن جي موت ۽ وڏي پيماني تي نقصان جو سبب بڻيو هو رياستي اخبار ٿانہ نين مطابق، آچر 1000 GMT (ڏهين وڳي صبح، پاڪستاني وقت شام 3 وڳي) تائين طوفان جي هوا جي رفتار 133 ڪلوميٽر في ڪلاڪ (83 ميل في ڪلاڪ) هئي ۽ اميد آهي تہ سومر 0100 وڳي جي لڳ ڀڳ ويٽنام جي وچولي ساموندي ڪناري سان ٽڪرائيندو جتي ساموندي ڪناري تي پهچندي ان جي رفتار ڪجهہ گهٽجڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. موسميات جيئومي ادري چيو آهي تہ: "هي تيزيءَ سان وڌندڙ طوفان آهي۔ سراسري رفتار کان لڳ ڀڳ ٻہ ڀيرا تيز۔ جنهن جي شدت بہ انتهائي آهي ۽ اثر جو دائرو بہ تمام وڏو آهي. اهو ساڳئي وقت ڪيترن ئي قدرتي آفتن کي جنم ڏئي سگهي ٿو جن ۾ طاقتور هوائون، زوردار مينهن، ٻوڏ، تيز وهڪرا، لينڊ سلائيڊنگ ۽ ساموندي پاڻي جي وڌيون لهرون شامل آهن" اداري موجب اتر ۽ وچ وارا صوبن ۾ پهرين آڪٽوبر تائين 600 ملي ميٽر تائين مينهن پئجي سگهن ٿا، جڏهن تہ درياهن جي سطح 9 ميٽر تائين وڌڻ، ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ جو خطرو موجود آهي. حڪومت ٻڌايو تہ وچولي صوبي ها تہ ۾ 15 هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي منتقل ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو ويو آهي ۽ هزارين فوجين پڻ تيار بيٺل آهن. نغي آن صوبي جي ڳادي وڏي ۾، جتي طوفان اچڻ جي اميد آهي، ماڻهو پنهنجا گهر محفوظ ڪرڻ، ٻيڙيون ٻڌڻ ۽ ڇتين تي واريءَ جا ٿلها يا پاڻي سان ڀريل ٻوريون رکي رهيا آهن. 41 ورهين جي رهواسي بوي ٿي ٽوئيٽ چيو: "اسان کي اڳ ئي هن سال جي 'طوفان ڪاجڪي' سبب نقصان ٿيو آهي ۽ اڃا بحال بہ ناهيون ٿيا هتي 20 سال رهڻ دوران مون ڪڏهن بہ طوفانن کان ايترو خوف محسوس ناهي ڪيو" شهري هوابازي اٿارٽي موجب، ويٽنام اڄ کان چار هوائي اڏن سميت دانانگ انٽرنيشنل ايئرپورٽ جون خدمتون معطل ڪري ڇڏيون ۽ ڪيترين ئي اڏامن جي روانگي وقت ۾ تبديليون ڪيون ويون آهن. وي اين ايڪسپريس مطابق، طوفان جي خطري هيٺ ايندڙ علائقن ۾ سومر ڏينهن اسڪول بند رهندا، ۽ جيڪڏهن ضرورت پئي تہ بندش وڌائي بہ سگهجي ٿي. حڪومت ٻڌايو تہ ڳري برسات سبب اڳ ئي هوئي ۽ ڪوانگ ٽري ۾ ٻوڏ اچي چڪي آهي. ڏاکڻي چيني سمنڊ جي سامهون ڊگهي ساموندي ڪناري سبب ويٽنام هميشہ طوفانن جي زد ۾ رهندو آهي، جيڪي اڪثر موتمار هوندا آهن. گذريل سال ٽائفون ياگي لڳ ڀڳ 300 ڄڻن جي حياتي کسي ۽ 3.3 ارب آمريڪي ڊالر جو ملڪيتي نقصان ڪيو هو.

بقايا 26

افسوسناڪ واقعو باجوڙ جي علائقي لغڙئي ۾ انهي وقت پيش آيو جڏهن مقامي ٻار دهشتگردن جي ڇڏيل بارودي مواد سان کيڏي رهيا هئا تہ اهو اوچتو ڦاٽي پيو واقعي جي فوري بعد پاڪ فوج وقت تي ايڪشن وٺندي زخمي ٻارن کي هيلي ڪاپٽر جي ذريعي پشاور منتقل ڪيو جتي انهن جو علاج سي ايم ايچ پشاور ۾ ماهر فوجي ڊاڪٽرن جي نگراني هيٺ جاري آهي. مقامي پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن موقعي تي پهچي واقعي واري هنڌ جو گهيراءُ ۽ شاهدين گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. اختيارين موجب فتنہ الخوارج ماضي ۾ بہ مسجدن، گهرن ۽ شهري آبادين کي ڍال بنائي اهڙيون دهشتگردانہ ڪارروايون ڪندا رهيا آهن. هن چيو تہ اهو سانحو انهي ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ فتنہ الخوارج علائقي کي ڪهڙي طرح خطرناڪ بارودي وڇائي رکيو آهي. ياد رهي تہ وادي تيراهہ ۾ بہ خوارج جي ذخيرو ٿيل بارودي مواد جي ڦاٽڻ سبب ڪيترائي معصوم شهري شهيد جڏهن تہ 14 دهشتگرد مارجي ويا هئا. پاڪ فوج اهڙي ارادي جو اظهار ڪيو آهي تہ مقامي آبادي جي تعاون سان باجوڙ ۽ لاڳاپيل علائقن کي هنن خطرناڪ عناصرن ۽ بارودي جارن کان مڪمل پاڪ ڪيو ويندو ياد رهي تہ گذريل ڏينهن بہ سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخواهہ جي علائقي لکي مروت ۾ آپريشن دوران 17 خوارج مارجي ويا هئا.

بقايا 27

افسوسناڪ واقعو باجوڙ جي علائقي لغڙئي ۾ انهي وقت پيش آيو جڏهن مقامي ٻار دهشتگردن جي ڇڏيل بارودي مواد سان کيڏي رهيا هئا تہ اهو اوچتو ڦاٽي پيو واقعي جي فوري بعد پاڪ فوج وقت تي ايڪشن وٺندي زخمي ٻارن کي هيلي ڪاپٽر جي ذريعي پشاور منتقل ڪيو جتي انهن جو علاج سي ايم ايچ پشاور ۾ ماهر فوجي ڊاڪٽرن جي نگراني هيٺ جاري آهي. مقامي پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن موقعي تي پهچي واقعي واري هنڌ جو گهيراءُ ۽ شاهدين گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. اختيارين موجب فتنہ الخوارج ماضي ۾ بہ مسجدن، گهرن ۽ شهري آبادين کي ڍال بنائي اهڙيون دهشتگردانہ ڪارروايون ڪندا رهيا آهن. هن چيو تہ اهو سانحو انهي ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ فتنہ الخوارج علائقي کي ڪهڙي طرح خطرناڪ بارودي وڇائي رکيو آهي. ياد رهي تہ وادي تيراهہ ۾ بہ خوارج جي ذخيرو ٿيل بارودي مواد جي ڦاٽڻ سبب ڪيترائي معصوم شهري شهيد جڏهن تہ 14 دهشتگرد مارجي ويا هئا. پاڪ فوج اهڙي ارادي جو اظهار ڪيو آهي تہ مقامي آبادي جي تعاون سان باجوڙ ۽ لاڳاپيل علائقن کي هنن خطرناڪ عناصرن ۽ بارودي جارن کان مڪمل پاڪ ڪيو ويندو ياد رهي تہ گذريل ڏينهن بہ سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخواهہ جي علائقي لکي مروت ۾ آپريشن دوران 17 خوارج مارجي ويا هئا.

بقايا 28

اوور جي پهرين بال تي فهيم اشرف اسٽار بيٽر ابيشڪ شرما کي حارث رئوف هٿان ڪيچ ڪرائي بريڪ ٿرو ڪيو هن 5 رنز اسڪور ڪيون، جنهن بعد شاهين آفريدي ٻئي اوور ۾ آئوٽ آف فارم ڀارتي ڪپتان سوريا ڪمار يادو کي هڪ رن ٺاهڻ بعد شاهين آفريدي سلمان آغا هٿان ڪيچ ڪرايو چوٿين اوور ۾ فهيم اشرف 12 رنز ٺاهيندڙ شبمن گل کي حارث رئوف هٿان ڪيچ ڪرائي ڀارتي ڪرائوڊ کي خاموش ڪرائي ڇڏيو. 20 رنز تي ڀارت جا ٽاپ آرڊر جا 3 بيٽسمين پويلين واپس موٽي چڪا، جنهن بعد سنجو سيمسن ۽ تلڪ ورما اسڪور اڳتي وڌايو ٽيم جو نائون ۽ ابرار پهرين اوور ڪرڻ آيو تہ سنجو سيمسن جو آسان ڪيچ حسين طلعت ڊراپ ڪري کيس نئين زندگي ڏني، جنهن کي بعد ۾ ابرار جي بال تي صاحبزادا فرحان 13 هين اوور ۾ ڪيچ ڪيو هن 24 رنز ٺاهيون. 19 هون اوور فهيم اشرف ڪرايو پر شروعاتي ٻئي بال ڊيڊ ڊڪليئر ٿيا، ڊاڪٽر آيا نيٽ هن اوور ڪرايو ۽ آخري بال تي شيوام دوبي جي وڪيٽ ورتي هن ٻن ڇڪن ۽ ٻن چوڪن جي مدد سان 33 رنز ٺاهيون شاهين آفريدي سندس ڪيچ پڪڙيو آخري اوور حارث رئوف ڪرايو جنهن 4 بالن تي 13 رنز ڏنيون انڊيا کي ميچ کٽائي ورتو ڀارت 5 وڪيٽن تان پاڪستان کي شڪست ڏئي ميچ کٽي ورتي. حارث رئوف فائنل جو مهانگو بالر ثابت ٿيو ۽ 3.4 اوورز ۾ بنا وڪيٽ 50 رنز ڏنيون تلڪ ورما 4 ڇڪن ۽ 3 چوڪن جي مدد سان 53 بالن تي 69 رنز جي ناقابل شڪست اننگ کيڏي ڀارت کي ميچ کٽائي ورتي. ايشيا ڪپ جي فائنل ميچ ۾ ڀارت ٽاس کٽي پاڪستان کي بيٽنگ ڪرڻ جي دعوت ڏني، پاڪستان جي پوري ٽيم 20 اوور بہ نہ کيڏي سگهي ۽ پنج بال باقي هئا تہ پوري ٽيم 146 رنز تي ڍير ٿي وئي. پاڪستان جون آخري 9 وڪيٽون صرف 33 رنز تي ڪري پيون. مڊل ۽ لوئر آرڊر بلڪل بري طرح ناڪام رهيو ڀارت 16 اوورز ۾ 4 وڪيٽن تي نقصان تي 111 رنز ٺاهي چڪي هئي. اوپنرز سلو اسٽارٽ ورتو پر بعد ۾ بهتر فائونڊيشن فراهم ڪئي. صاحبزاده فرحان ڀارت خلاف ايشيا ڪپ ۾ ٻئي ففٽي اسڪور ڪئي، هو 3 ڇڪن ۽ 5 چوڪن جي مدد سان 38 بالن تي 57 رنز ٺاهي وورن چڪرورتي جي بال تي تلڪ ورما هٿان ڪيچ ٿيو فخرالزمان 2 ڇڪا 2 چوڪا هڻي 35 بالن تي 46 رنز ٺاهي وورن جي بال تي ڪلديپ نيئر هٿان ڪيچ ٿيو صائم ايوب 14، محمد حارث زيرو، سلمان آغا 8، حسين طلعت هڪ، محمد نواز 6، شاهين آفريدي زيرو، فهيم اشرف زيرو، حارث رئوف 6 ۽ ابرار احمد هڪ رن ٺاهي آئوٽ ٿيا. بومرا، وورن چڪرورتي، اڪشر پٽيل ٻہ ٻہ وڪيٽون ۽ ڪلديپ نيئر 4 وڪيٽون ورتيون.

بقايا 29

تي بہ ترقياتي ڪم جاري آهن. شهر جي سيني روڊن جي بحالي جو ڪم ٻن مهينن ۾ مڪمل ڪيو ويندو مرتضيٰ وهاب چيو تہ ڪراچي جي ماڻهن جو احتساب ڪيو وڃي، شفافيت تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو ميئر ڪراچي وڌيڪ چيو تہ ايم ڪيو ايم جو پيغام آهي تہ ڪم اسلام آباد کان نہ ٿيندو وزيراعظم شهباز شريف کي هڪ رات لاءِ نہ پر ڪيترن ئي ڏينهن لاءِ ڪراچي اچڻ گهرجي، وزيراعظم کي ڪراچي لاءِ سخاوت جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

بقايا 01

ٿي پيئي.زخمين ۾ وڌيڪ تعداد عورتن ۽ معصوم ٻارڙن جو آهي.جن کي فوري طور ڪورواهِ پوليس موبائيل ذريعي تعلقہ سول اسپتال گولاڙچي منتقل ڪيو ويو جتي ڪين طبي امداد ڏني پئي وڃي اسپتال ذريعن مطابق 6 زخمين جي حالت گهڻي جوکي آهي، جن کي ريفر ڪرڻ جو امڪان آهي.افسوسناڪ حادثي سبب زخمي ٿيندڙن ۾ گوري زال روجي، ريشما زال ميگو، جوتي زال اجمل ڪملي، رميش انيل پٽ رميش، انيتا زال مولچند، هري زال سيوجي، سومري ڌي رميش، ديويا زال سومار ڪملي، ڌي سيوجي، هيما زال عالم، هيري زال ليمون ڪولهي ۽ ٻيا شامل آهن

بقايا 02

فصلن جا مناسب اگهہ ڏنا وڃن .اهڙا مطالبا سنڌ ڪلچرل فورم (مرڪز) پاران ملڪ جي مشهور زرعي سائنسدان ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ سنڌ آبادگار بورڊ جي اڳوڻي صدر حاجي عبدالمجيد نظامائيءَ جي ياد ۾ وي _ڪيٽرهال مڪليءَ ۾ ڪوٺايل سيمينار ۾ مقررن پنهنجي ويچارن ۾ ڪيو .سيمينار کي مخاطب ٿيندي سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو ,سنڌ آبادگار فورم جي باني صدر ڊاڪٽر محمد افضل آرائين،ترقي پسند آبادگار محمد علي خواجہ،لطيف جي پارکو ۽ مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر محمد ماروخشڪ ,اين سي ايچ ڊي نئين جي ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ميمڻ، سينيئر اديب الهجڙيو برفت.حميرخان سرڪي ,اديب غلام نبي زئور ۽ ٻين پنهنجي الڳ الڳ ويچارن ۾ چيو تہ ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائي ڌرتيءَ جا سچيت ,صالح ۽ پنهنجي مقصد سا سچا انسان هيا جن هميشہ ءَ هر هنڌ پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق پنهنجي ماڻهن جي دائمي خوشحاليءَ ڌرتيءَ جي شادابيءَ ساوڪ برقرار رکڻ لاءِ شاندار جاکوڙ ڪئي ڊاڪٽر ڪيريٽي ڪمند جي جنس نئو_ 10 دريافت ڪري زرعي تحقيق جي دنيا ۾ تمام وڏو ڪمال ڪيو.نئو _10,ڪمند جي اها بهترين جنس هئي جيڪا آبادگارن ۽ شگر ملن جي لاءِ هڪ جيتري فائيدمند هئي ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر ڪيريو سنڌي ادب جي جهول ۾ ٿي تند وڙهي تلوارن سان جهڙو شاندار ڪتاب ڏئي ادبي حوالي سان وڏي مڃتا ماڻي .جڏهن تہ حاجي عبدالمجيد نظامائي آبادگارن جي حقن ,توڙي ڪالاباغ ڊيم سميت سنڌو درياءَ تي بند ٻڌڻ خلاف سگهاري جدوجهد ڪئي ۽ مشرف جي مارشلائي دور ۾ مشرف آڏو ڪالاباغ ڊيم خلاف سخت موقف رکيو. ان ڪري اهي ٻئي شخصيتون سنڌجي مٽيءَ ماڻهن جون طرفدار رهيون آهن جن کي عظمت پري پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٺايل سيمينار تمام گهڻو ساراهہ لائق ڪم آهي سنڌ ڪلچرل فورم جي سينيئر وائيس چيئرمين محمد شريف جاکرو ,سياسي سماجي شخصيت ڏاڏا محمد اسماعيل شورو,استاد سلطان قادر ٿهيم، ايس آر ڊي سي جي قادر بخش اوٺو,وحدت نيٽ ورڪ جي محمد ابراهيم هيجب ,سانوڻ برفت ,ڪامريڊ علي محمد بروهي حماد اشرف راجپوت-فقير محمد پائيل-شهزاد لاشاري-۽ ٻين پڻ پنهنجي ويچارن ۾ ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائيءَ کي لفظن جي گلابن سان عظمت پريو خراج پيش ڪيو سينيئر شاعرن جي ايم ٿهيم، سيد غلام محمد شاهہ لڪياري پنهنجي نڪور شاعريءَ ذريعي ٻنهي قومي هيرن کي خراج پيش ڪيو ان بعد سمورن مهمانن گڏجي ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائي جي ياد ۾ مختلف گلن جا ٻوٽا لڳايا.

بقايا 03

تباهہ ٿي ويون. هن چيو تہ بي وڏي وجہ اها آهي تہ ملڪ جي وڏي آبادي غيررسمي شعبي ۾ گهٽ اجرت ۽ غيرمحفوظ نوڪرين تي گذارو ڪري رهي آهي جيڪي خاندانن کي غربت مان ڪڍڻ جي سگهہ نٿيون رکن. ان سان گڏ تعليم ۽ هنر جي کوٽ سبب نوجوانن کي بهتر روزگار جا موقعا نٿا ملن. هن چيو تہ زراعت جيڪا پاڪستان جي معيشت جي ريڙهہ جي هڏي آهي اها بہ پنهنجي اصل سگهہ موجب عوامي خوشحاليءَ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. هاري فصلون تہ پيدا ڪن ٿا پر زرعي چين ۾ ڪمزور ڳانڍاپا، پروسيسنگ جي کوٽ، اسٽوريج جون سهولتون نہ هجڻ ۽ مارڪيٽ تائين محدود رسائي جي ڪري پنهنجي محنت جو مڪمل معاوضو نٿا وٺي سگهن. هن چيو تہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) جي فنڊز جو هڪ مناسب حصو مثلاً شروعاتي طور صرف 5 سيڪڙو پروڊڪٽو پاٿ وي يا گريجوئيشن طرز جي پائلٽ پروگرامن ۾ منتقل ڪيو وڃي جنهن سان لڳ ڀڳ 36 ارب رپيا دستياب ٿي سگهن ٿا جن سان اهڙا نئيا يونٽ قائم ٿي سگهن ٿا جيڪي روزگار پيدا ڪن. ياد رهي تہ بي آءِ ايس پي جون 2025_26 جون اداڪيون لڳ ڀڳ 722 ارب رپيا آهن جن جو هڪ معمولي حصو بہ غربت جي پائيدار خاتمي ڏانهن موڙڻ سان نمايان تبديلي اچي سگهي ٿي. هن چيو تہ غربت گهٽائڻ لاءِ مائڪروفنانس کي صرف قرض تائين محدود نہ رکيو وڃي پر تربيت ۽ مارڪيٽ تائين رسائي سان ڳنڍيو وڃي، بناسود قرض ماڊلز جي شراڪت ۾ ننڍن ڊيري، پولٽري، گهريلو فوڊ پروسيسنگ ۽ عورتن مرڪوز انٽرپرائز کي مالي ۽ ٽيڪنيڪي مدد ڏني وڃي تہ جيئن اهي سڌي طرح مارڪيٽ تائين رسائي حاصل ڪري سگهن. ان سان گڏ ڏيهي صنعتن ۽ لائيو اسٽاڪ جي ننڍن يونٽن لاءِ سبسڊي يا اينجل فنڊنگ ڏني وڃي تہ جيئن ڳوٺ جي سطح تي مهارت وڌي، روزگار پيدا ٿئي ۽ مقامي ويليو ايڊنگ جو دائرو وڌي. ان سان گڏ ٽيڪنيڪل ڪاليجز کي نجي شعبي سان ڳنڍي مارڪيٽ جي گهرج موجب ڪورسز متعارف ڪرايا وڃن ۽ نوجوانن کي آءِ ٽي اسڪلنگ، فري لانسنگ ۽ انڪيوبيشن جي ذريعي شهرن ۽ ڳوٺن ٻنهي ۾ معاشي سرگرمين جو حصو بڻايو وڃي. هن مقصد لاءِ ٽارگيٽنگ، ڊجيٽل رڪارڊ، گڏيل آڊٽ ۽ آزاد مانيٽرنگ اينڊ ايوليئشن يونٽس قائم ڪيا وڃن تہ جيئن هي پروگرام ڪنهن بہ سياسي استعمال جو شڪار نہ ٿين. هن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور بي آءِ ايس پي جي اندر هڪ پائلٽ ريفارم ڪميٽي قائم ڪئي وڃي جنهن ۾ وفاقي ۽ صوبي نمائندن سان گڏ پرائيويٽ سيڪٽر، مائڪروفنانس ادارن ۽ سول سوسائٽي کي بہ شامل ڪيو وڃي، پروگرامن کي سياسي استعمال کان پاڪ رکڻ لاءِ ڊجيٽل شفافيت ۽ آزاد مانيٽرنگ جو نظام لازمي قرار ڏنو وڃي تہ جيئن هر رڪارڊ محفوظ رهي، صدر چيمبر چيو تہ غربت جي خاتمي لاءِ زرعي ويليو چينز، ڊيري فوڪسڊ انڪيوبيٽرز ۽ ننڍن صنعتڪارن لاءِ خاص سبسڊي ۽ قرض اسڪيمون متعارف ڪرايون وڃن تہ جيئن مقامي سطح تي روزگار جا موقعا پيدا ٿين ۽ پيداوار جي سگهہ ۾ واڌارو ٿئي، ان سان گڏ نوجوانن لاءِ TVET ۽ آءِ ٽي اسڪلنگ پروگرامن تحت پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپس قائم ڪيون وڃن تہ جيئن ڏيهي نوجوان بہ آن لائين روزگار ۽ فري لانسنگ جي ذريعي قومي معيشت جو حصو بڻجي سگهن، هن چيو تہ پاڪستان ۾ گڏيل چار ڏهاڪن کان ادارن ۾ سياسي بنيادن تي ماڻهن جي ڀرتين ادارن جي ڪم ڪرڻ جي سگهہ ڪسي چڏي آهي، هاڻي بهتري هڪ ئي صورت ۾ ممڪن آهي تہ حڪومت پاڪستان چيمبرس ۽ پرائيويٽ سيڪٽر جي قابل ماڻهن کي پاليسي ۽ فيصلا سازي ۾ شامل ڪري ۽ ايماندار ۽ باصلاحيت ماڻهن کي اڳتي آڻي ادارن کي مضبوط بڻائي.

بقايا 04

پ ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي کي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جو اقليتي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار مقرر ٿيڻ تي ننگرپارڪر، چاچرو ۽ عمرڪوٽ جي سياسي سماجي حلقن طرفان مبارڪباد ڏيندي خوشي ۾ مٺايون ورهايون ويون ان ڏس ۾ ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڪاسبو جي پارڪر ميگهواڙ پنچائيت جي مرڪزي صدر ڏيوجي مل ميگهواڙ طرفان ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي کي سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار مقرر ٿيڻ تي چيو آهي تہ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي اقليتي برادري جي ماڻهن جي بناهہ ڪنهن فرق جي خدمت ڪئي آهي ۽ سنڌن کي اقليتي برادري جي معاملن بابت سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار مقرر ڪرڻ تي ڪيس مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ٻي طرف چاچرو تعلقي جي ڳوٺ قلڙا ٻاهہ جي رهواسين يوسي

بقايا 05

رقم واپس ڪرايو آهي سندس رشتيدار شاهد آهن جيڪا لڪت پڻ موجود آهي هن جا 3 لک 80 هزار رهيل آهن جيڪي ٽريول ايجنسي واري وٽ قائل آهن مان هن کي چيو اوهان جا پيسا واپس ڪرائي ڏيندس پر وسيم رند الزام هڻي ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو تہ هن منهنجي پائرن مٿان بہ الزام هنيا آهن منهنجا پائر هن معاملي جي وچ ۾ نہ هئا پر هي پائرن مٿان بہ غلط الزام هڻي رهيو آهي هن چيو ويزا جا مسئلا ٿيندا رهندا آهن هي پيسا ٽريول ايجنسي واري وٽ قاسي ويا آهن مان هن کي 3 لک 80 هزار وٺرائي ڏيندس جيڪي هن جا پيسا قائل آهن پر ميڊيا تي لڳايل سڀ الزام بي بنياد آهن مان شهر ۾ ڪنهن سان بہ فراڊ نہ ڪيو آهي

بقايا 06

جي علامتي بک هڙتال ڪئمپ ۽ ڪراچي ۾ بلاول هائوس جي سامهون ڌرڻو ٿيندڙ سنڌ جي تاريخ جي سرڪاري ملازمن جي سپ کان وڏي احتجاجي ڌرڻي جي تياري جي سلسلي ۾ سنڌ ايمپلائيز الائنس ٿرپارڪر ۾ شامل سيني تنظيمن جي اڳواڻن جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي ۾ هڪ ميٽنگ جيتيش راٺي جنرل سيڪريٽري گستا ٿرپارڪر ۽ صدر سنڌ ايمپلائيز الائنس ٿرپارڪر جي صدارت ۾ ٿي گذري جنهن ۾ سپسا ضلع ٿرپارڪر اڳواڻ ارجن لال سوٿهڙ، ڪيلاش لوڌا، عطا الرحمان بحير، گستا ٿرپارڪر جي اڳواڻ انب جوٽيجو، جڻ ديو لانگهڻي، پيشم ڪوناري، ب ٽ الف ٿرپارڪر بادل دل، رميش چوڌري، اڪبر درس، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ٿرپارڪر ڊاڪٽر صاحب ڏنو جهنجي، سپلا ٿرپارڪر اڳواڻ رويش گوماڻي ، آل روينيو ايمپلائيز ايسوسيئيشن ٿرپارڪر جي اڳواڻ راجيش لوڌا، آپڪا ٿرپارڪر اڳواڻ مدن لال ڪيلا، مهراج ڪانتيش، مڪيش لڌاڻي، آئي ٽي اي اي ٿرپارڪر اڳواڻ ارون آچاريہ، سروڻ مالهي، لوڪل گورنمينٽ ايسوسيئيشن ٿرپارڪر اڳواڻ تيرٿ ڪمار، مانيٽرنگ اسسٽنٽ تنظيم اڳواڻ سڪراج لڪائي ۽ ٻين تنظيمن جي اڳواڻن جي مصروفيت سبب ٽيليفونڪ رابطي ذريعي ميٽنگ ۾ اڪثريت راءِ سان اهو فيصلو ڪيو تہ سياڻي 29 سيپٽمبر کان 05 آڪٽوبر تائين ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر آفيس آڏو علامتي بک هڙتال ۽ مڪمل لاڪ ڊائون جي لاءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي ويندي سيني ملازم تنظيمن پاران ان احتجاجي ڪئمپ ۾ ڀرپور شرڪت جو وچن ڪيو ويو.

بقايا 07

تہ وائلڊ لائف کاتو جنگلي جيوت کي تحفظ بدران شڪارين جو ساٿاري بڻيل آهي. سنڌن چوڻ آهي تہ ڪڇهہ ضلعي آفيسرن پاران ڳري رقم وٺي بااثر شڪارين کي ڪليل چوٽ ڏني وئي آهي، جنهن سبب پکين جو نسل تيزي سان گهٽجي رهيو آهي.ان ڏس ۾ ماحولياتي ماهرن خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن پکين جو اهڙو وحشي شڪار جاري رهيو تہ ايندڙ سالن ۾ سنڌو درياهہ جي ڪنارن ۽ ڪارونجهر جي ٻيٽن تي پرديسي پکين جو اچڻ ئي بند ٿي ويندو. ماهرن موجب اهو عمل نہ صرف ماحولياتي توازن ۽ ايڪو سسٽم لاءِ وڏو خطرو آهي پر مقامي سياحت ۽ تاريخي ورثي لاءِ بہ تباهي آڻيندو.مقامي سماجي اڳواڻن حڪومت سنڌ کان سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي تہ بااثر شڪارين خلاف فوري ڪاروائي ڪئي وڃي، ملوث وائلڊ لائف کاتي جي عملدارن خلاف ڪاروائي ڪري. ناياب نسل جي پکين سميت جنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ مستقل نگراني ۽ قانوني نفاذ کي يقيني بڻايو وڃي. هنن خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن حڪومت فوري قدم نہ کنيا تہ تاريخي ورثو ۽ قدرتي حسن مستقبل ۾ صرف ڪتابن تائين محدود ٿي ويندو

بقايا 08

سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي پاڪستان اقوام متحده ۾ اسرائيل جي ظلم کي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي اقوام متحده ۾ فلسطين جي لاءِ ڀرپور آواز بلند ڪيو آهي وزيراعظم شهباز شريف اقوام متحده جي اجلاس ۾ تاريخي خطاب ڪيو پاڪستان سميت دنيا جي ملڪن فلسطين کي آزاد رياست تسليم ڪيو آهي اهڙا اظهار هن ميرپورخاص ۾ پاڪستان مسلم ليگ ن ميرپورخاص ڊويزن طرفان ڪيس ڏنل آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو تہ اسان اسرائيل جي ظلم جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا وزيراعظم جي سڌسماءِ بابت سنڌجي صلاحڪار راجا خليق الزمان خطاب ڪندي چيو تہ فلسطين ۾ وڏي پشماني تي اسرائيل انساني حقن جي لتاڙ ڪري رهيو آهي ايتري تائين جو ميڊيا جي وڃڻ تي بہ پابندي مڙهي وئي آهي اسرائيل جي اهڙي ظلم ڏاڍ خلاف سڄي دنيا ۾ هزارين لکين ماڻهو رستن تي نڪري احتجاج ڪري رهيا آهن فلسطين جي عوام سان اسان گڏ آهيون ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ ن ميرپورخاص ڊويزن جي صدر ميرصفدر ٽالپر جنرل سيڪريٽري زاهد قائمخاني اطلاعات سيڪريٽري نوشابہ ناز بہ خطاب ڪيو

بقايا 09

ڪوڪر , قاضي وسيم , ۽ ٻين گڏيل خطاب ڪندي چيو تہ سڄي دادو ضلعي اندر امن ۽ امان جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي ڪوبہ شهري دڪاندار واپاري ڌوهارين کان محفوظ ناهي ڦرون ڌاڙا روز جو معمول بڻيل آهن هنن آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي موجودا ايس ايس پي دادو کي هٽائي جوهي سميت دادو ضلعي اندر امن و امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي

بقايا 10

واري لاٽين کي ڪوٽائي ڪري ڪيڏي چڏيو اها لاٽين ڳوٺ ميمون شاهہ تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ لڳ ڀڳ 400 فٽ ڊگهي لوهہ جي پائپ ذريعي وڌل هئي، جيڪا ڏهاڪن کان ڳوٺ لاءِ زندگيءَ جو واحد ذريعو هئي. پائپ لاٽين چوري ٿيڻ بعد سمورو ڳوٺ سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. چاڪاڻ تہ ڳوٺ جبل جي مٿان واقع هجڻ سبب هتي نہ واٽر سپلاءِ موجود آهي ۽ نہ ئي کوهن جو پاڻي ميسر آهي. گهوڙاٻاري تعلقا پريس ڪلب ور جي اڳواڻ روزاني عوامي سوچ اخبار تعلقا رپورٽرسينيئر صحافي ۽ ڳوناٺو شاهہ خالد شاهہ ڏاتاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ اسان جو ڳوٺ ميمون شاهہ هڪ قديمي ڳوٺ آهي، جتي صرف درگاهہ حضرت سخي ڏاتارجميل شاهہ ڳرناري کان نڪتل پاڻيءَ واري قديم لاٽين ذريعي ئي پاڻي پهچندو هو پر شرپسندن اها سموري لاٽين رات جي اونداهي ۾ ڪيڏي فرار ٿي ويا آهن. جنهن ڪري هاڻي سمورو ڳوٺ پاڻيءَ کان محروم ٿي ويو آهي.هن وڌيڪ ٻڌايو تہ واقعي جو اطلاع پير پٺو پوليس پوسٽ . ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي تہ پاڻيءَ جي لاٽين چوري ٿيڻ سان ڳوٺ ۾ انساني زندگي خطري ۾ اچي وئي آهي. چو تہ پاڻي ڪانسواءِ هتي رهائش ناممڪن ٿي ويندي. ڳوٺاڻن پاران سخت احتجاج پڻ ڪيو ويو . هنن ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جو نوٽيس وٺي ڌوهارين کي فوري گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڳوٺ جي قديمي پاڻيءَ جي لاٽين ٻيهر بحال ڪرائي وڃي، تہ جيئن ڳوٺاڻن کي ريليف ملي سگهي.علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن اهڙن ڌوهن خلاف فوري طور قدم نہ کنيا ويا تہ بدامني وڌيڪ وڌندي ۽ ڳوٺاڻن جي زندگي اجيرن بڻجي ويندي.

بقايا 11

سرعام هلي رهيا آهن جنهن سبب نوجوان نسل تباهہ ٿي رهيو آهي ڏوڪري پوليس امن امان ,منشيات فروشي ۽ جوا جو ڪاروبار ڪنڊڙ ماڻهن خلاہ قدم کڻڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي جنهن سبب قبائلي تڪرار وڌڻ جو خدشو تمام گهڻو وڌي ويو آهي ان سمورين سماجي برائين خلاف نواجون سماجي اتحاد جي سڏ تي ايس يو پي، جسقم، سنڌي ادبي سنگت، جي يو آءِ، جسقپ، نوجوان سماجي اتحاد منڊرا، نوجوان سماجي اتحاد ڳجهڙ سميت مختلف سياسي تنظيمن جي اڳواڻن ارشاد بگهيو، عمير جوٽيجو،

بقايا 12

تہ "مون منشيات خلاف حق ۽ سچ جو قلم کنيو، جنهن تي منشيات وڪڻندڙن مون تي حملو ڪيو جيڪڏهن مون کان ڪجهہ ٿيو تہ ان جا ذميوار منشيات وڪرو ڪندڙ لياقت بروهي ۽ سندس ساٿي هوندا."هن واقعي خلاف اڄ سٽي پريس ڪلب سامارو جي سامهون احتجاج ڪيو ويو. اسان ايس ايس پي عمرڪوٽ، ايس ايچ او سامارو، ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمن صاحب کان اپيل ڪريون ٿا تہ هن معاملي تي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ منشيات وڪرو ڪندڙ لياقت بروهي کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي، بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

بقايا 13

رستن تي اچڻ بعد بااثر سياسي ماڻهن جي مداخلت تي محڪہ بلديا جا اختيارات ٽائون آفيسر آفتاب ملاح جي حوالي ڪيا هئا جن سان صفائي ۽ نيڪاسي ۾ بهتري آئي جيڪا چيئرمين کي پسند نہ آئي ان پنهنجي ڪوسڙو ملازمن خاڪروب عملي ذريعي نالن ۾ ٻوريون وجهي ڪري نيڪال جو سسٽم خراب ڪري چڏيو محرابپور پوليس کي مداخلت ڪرڻي پئي پوليس مداخلت جو بهانو ڪري ڪوسڙو ملازمن خاڪروب ٽائون آفيسر کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ هڙتال ڪئي آهي جنهن سبب ڪاروباري مرڪز اهم رستن تي پاڻي نيڪال جو نظام درهم برهم ٿيو گندو پاڻي جمع ٿي ويو آهي جماعت اسلامي جي ڪنوينر يونس رفيق ملڪ سماجي رهنما درمحمد عرف ڪيڪل نوناري سماجي تنظيم استاب جي محمود حسين نيئر علائقي مڪينن محڪہ بلديا محرابپور چيئرمين جاويد ميمڻ ۽ هڙتال ڪندڙ ڪوسڙو ملازمن خاڪروب تي تنقيد ڪندي چيو تہ 700 ڪوسڙو ملازم سياسي اثر تي گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن جنريٽر هلائڻ بنا ڊيزل جا لکين رپين جا جالي بل نهي رهيا آهن ويزا ملازمن ذريعي لکين رپين جي ڪرپشن ٿي رهي آهي پائپ لائن جي مرمت نہ ڪئي وئي ٽتل نالن ڪڏن جي مرمت نہ ڪئي وئي چيئرمين ٽائون آفيسر پنهنجي فائدي لاءِ شهر کي تباهہ نہ ڪن حڪومت سنڌ بلديا نوٽيس وٺي رابطو ڪرڻ تي ٽائون آفيسر آفتاب ملاح ٻڌايو تہ ڪوسڙو ملازمن ۽ خاڪروب جي بليڪ ميلنگ ۾ نہ ايندس ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن انهن جون پگهارون بند ڪيون ويندون محڪمہ بلديا محرابپور لاءِ يارنهن ڪروڙ رپين جي اين آءِ ٽي ٽي ڪم جاري آهي جنهن سان محرابپور ۾ بهتري ايندي

بقايا 14

۾ مٺائي پڻ ورهائي وئي رپورٽ موجب احمدپور ٽائون ڪاميٽي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ نئين چونڊيل پيپلزپارٽي جي جنرل ڪائونسلر ممتاز علي شيخ پاران پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ تان ۽ سنڌن ئي حمايت ۾ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ درٻ ميهر شاهہ پهچي پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاهہ جيلاني ۽ سندس پرسنل سيڪريٽري دين محمد اڇڻ کي گلن جا هار پارايا ويا ۽ ڪارڪنن ۾ مٺائي پڻ ورهائي وئي ان موقعي تي سيد محمد بچل شاهہ جيلاني کيس مبارڪباد ڏيندي چيو تہ پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي جنهن جون پاڙون عوام ۾ ئي کتل آهن ۽ شهيدن جي ڏنل قربانين جي ڪري عوام دلي محبت ڪري ٿو جنهن ڪري پيپلزپارٽي جي اميدوارن سان ڪا بہ پارٽي مقابلو نٿي ڪري سگهي ان موقعي ايڊووڪيٽ علي احسان ميتلو پ پ اڳواڻ ڪاشف علي ميتلو ۽ ٻيا ساٿي گڏ هئا

بقايا 15

وڌيڪ لاڳت سان 16 وڏيون اسڪيمون شروع ٿينديون، جن ۾ روڊن جي نئين سر مرمت، فلائي اوور ۽ برج تي گارڊ ريل لڳائڻ، ڪلورن جي ٻيهر تعمير، ٽائونن ۽ ڳوٺن اندر پکين اسٽريٽن تي پيڪا بلاڪ لڳائڻ ۽ حفاظتي سائن بورڊ لڳائڻ شامل آهن. سجاول بائي پاس، ميرپور ساڪرو، گهارو ٽائون، مڪلي، غلام الله ٽائون ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ عوام کي سهولتون مهيا ڪيون وينديون، جڏهن تہ منصوبن جي مد ۾ ننڍن وڏن ڳوٺن جي رستن جي بہ بحالي ڪئي ويندي. جيڪي برساتن سبب متاثر ٿيا هئا.ضلعي واسين خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ حاجي علي حسن زرداري جي ڪوششن سان سهولتن لاءِ عملي قدم کنيا آهن. جنهن سان نہ رڳو روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا پر عوام کي سڌي ريت فائدو بہ ٿيندو

بقايا 16

جي پرنسپال جي آجيان واري تقرير سان ٿي، جنهن ۾ هن فزيوٿراپي جي پيشي جي اهميت ۽ سماج ۾ ان جي خدمتن کي اجاگر ڪيو ان کان پوءِ مهمان خاص پروفيسر ڊاڪٽر رئيس پرويز فزيوٿراپسٽس جي ڪردار، جديد علاج جي طريقن ۽ معياري تعليم جي ضرورت بابت روشني وڌي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس) ڄامشورو جي فئڪلٽي ميمبرن ۽ ٻين معزز مهمانن بہ تقريب ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ان کي وڏي ڪاميابي بخشي شرڪت ڪندڙن ۾ فزيوٿراپسٽس، شاگرد، صحت جي شعبي سان لاڳاپيل ماهر ۽ نمايان شخصيتون شامل هيون پروگرام ۾ فزيوٿراپسٽس جي روزاني ڪم، جديد تحقيق، ۽ مريضن سان لاڳاپيل موضوعن تي بحث مباحثا، پيشڪشون ۽ سوال جواب جا سيشن شامل هئا جديد اوزارن ۽ علاج جي ٽيڪنيڪن جون زنده ڊيمونسٽريشنز بہ پيش ڪيون ويون البيروني انسٽيٽيوٽ جي انتظاميا ان پروگرام کي هڪ مثبت ۽ علم وڌائيندڙ قدم قرار ڏنو ۽ مستقبل ۾ اهڙيون علمي ۽ سماجي تقريبون جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو تقريب جو اختتام مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن ۾ اسناد ۽ تحفن جي ورهاست سان ٿيو

بقايا 17

نہ وجي پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاهہ جيلاني جون صحافين سان ڳالهيون رپورٽ موجب پاڪستان پيپلزپارٽي پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاهہ جيلاني پنهنجي درٻ ميهر شاهہ واري رهائش گاهہ تي پريس ڪلب احمدپور جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ احمدپور شهر جي مين بازار جو روڊ پهريان 2013 ۾ مان نهرايو ۽ وقفي وقفي سان ٻيا بہ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ان سان گڏوگڏ تعلقي ڪنگري جي مختلف ڳوٺن پريالو پيرجوڳوٺ وڏا مهيسر رفيق مهيسر لعل بخش ڪانڌڙو ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ڪروڙين رپين جا ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ تقريبن رهيل ڳوٺن جون بہ اسڪيمون تيار ڪيون ويون آهن تہ جيئن ڪوبہ ڳوٺ ترقياتي ڪمن کان رهجي نہ وڃي ان گڏ مان ۽ منهنجي صاحبزادي پيپلزپارٽي تعلقي ڪنگري جي صدر سيد حسين شاهہ جيلاني پاران بہ تازو آيل ڪچي واري امڪاني وڏي ٻوڏ جي خطري جي ڪري ڪچي جي بچاءَ بندن جو دورو ڪرڻ بعد متاثرين کي ٽينٽ مهرڊانيون راشن پهچائڻ سان گڏ ڪين ميڊيڪل جون ڪئمپون پڻ لڳايون ويون تہ جيئن ٻوڏ متاثرين جي ڏکن ۾ گهٽتائي اچي سگهي، ان موقعي تي پ پ اڳواڻ دين محمد اڇڻ محمد علي اڇڻ لطيف ناريجو غلام رسول ناريجو ۽ ٻيا اڳواڻ ساٿس گڏ هئا

بقايا 18

منتقل فوتين جا لاش ۽ زخمي کي مورو اسپتال آندو ويو آهي جتي قانوني گهرجون پوريون ڪيون پيو وجنفوتين ۾ عجيب علي چانديو، صغران، معصوم فياض علي چانديو شامل آهن. زخمي عورت غلام ڪبران چانديو شامل آهي هي ڪنديارو کان اچي رهيا هئا اهڙو حادثو پيش آيو

بقايا 19

آرگنائيزر غلام الله ٻجاڻي، حنيف سنڌي، خان غفار ۽ ٻين ڪئي. اڳواڻن انتظاميا کي چتاءَ ڏيندي چيو تہ اسان جي نوجوانن جي نسل ڪشي بند ڪريو هن وقت منشيات فروش پوليس جي آشيرواد سان سرعام منشيات هلائي رهيا آهن پر پوليس انهن جو وار بہ ونگو نٿي ڪري، آئيس جهڙو موت مار نشو ڪلوئي تعلقي جي ننڍن استاپن ۽ ڳوٺن ۾ ملي رهي آهي. آئيس نوجوانن ۽ شاگردن جي زندگي تباهہ ڪري چڏي آهي، آئيس، ٺرو، چرس ۽ سفينا اسان جي نوجوانن جي ذهني صلاحيتن کي ختم ڪري انهن کي ناڪاره بڻائي ڇڏيو آهي.اسان سمجهون ٿا تہ رياست هٿ وٺي ڪري منشيات جي ناسور کي هٿي وٺرائي آهي جيئن نوجوان تباهہ هجي ۽ پنهنجي حقن جي لاءِ آواز نہ اٿاري.اسان هتي جي سياسي اڳواڻن خاص ڪري ايم پي اي ۽ ايم اين اي کي بہ چئون ٿا تہ خدارا منشيات فروشن کي لغام ڏياريو چاڪاڻ تہ توهان بہ ٻچڙيوال آهيو قوم جي ٻچن تي رحم ڪريو ورنا بي صورت ۾ عوام توهان جي خلاف بہ سخت احتجاج ڪندي. اسان ايس ايس پي ٺٽو، ايس ايچ او ڪلوئي ۽ انتظاميا کي الٽيميٽم ٿا ڏيون تہ منشيات جي روڪٿام ڪريو ورنا توهان خلاف جدوجهد جاري رهندي.احتجاجي ريليءَ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اڳواڻ نجم ناز نهڙيو، سينئر سياسي اڳواڻ ڪامريڊ محمد خان لنڊ، ارباب حاجي عبد الله جونيئر، جساف ٿرپارڪر ڊويزن فهيم سنڌي، جيئي سنڌ محاذ ٿرپارڪر اڳواڻ پگوان داس مهاراج، عوامي تحريڪ اڳواڻ رحمان ريگستاني، لنڊ ويٽ ونگ اڳواڻ لطيف لنڊ , سنڌ ترقي پسند پارٽي اڳواڻ زاهد لنڊ، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ الهجايو لنڊ، پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ اڳواڻ قيوم لنجو جماعت اسلامي اڳواڻ عبد الحفيظ لنڊ ۽ سياسي تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن خطاب ڪيو.

بقايا 20

نپ ٿي ويو آهي ۽ عام ماڻهو سخت پريشاني جو شڪار بڻيل آهن. هن چيو تہ حڪمران اقتدار جي نشي ۾ انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا بڻجي ويا آهن، جيڪي عوامي تڪليفن ڏانهن ڌيان ڏيڻ بدران بي حسي جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. بي حس حڪمرانن کي هوش ۾ اچي فوري طور تي مسئلن جو حل ڳولڻ گهرجي. نوان بحران پيدا ڪرڻ بدران حڪومت کي ذميواريءَ سان قدم کڻڻ گهرجي. ڊاڪٽر قادر مگسي واضح ڪيو تہ ملازمن سان ناانصافي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪئي ويندي. حڪومت کي گهرجي تہ فوري طور سرڪاري ملازمن سان ڳالهيون ڪري سنڌن جائز مطالبا مڃي. جيڪڏهن حڪومت سنجيدگي نہ ڏيکاري تہ سنڌ جو عوام ملازمن سان گڏجي پنهنجي حقن لاءِ روڊن تي نڪرندو.

بقايا 21

چيو تہ سندس مائٽ پسند جي شادي تان جان جا ويري بڻجي ويا آهن پاءِ اياز ڪوسو چاچو خان محمد ڪوسو جان محمد، رفيق ڪوسو، ۽ ٻيا مائٽ بي هنڌ پئسن عيوض وڪرو ڪرڻ پيا چاهن پنهنجي راز خوشي سان گهران نڪري پنهنجو جيون ساٿي چونڊيو آهي ۽ شريعت موجب ڪورٽ ۾ نڪاح ڪيو آهي پنهنجي مرضي سان زندگي گذارڻ چاهيان ٿي، پر مائٽ جيئڻ نہ پيا ڏين منهنجي مڙس عباس علي جي پائرن ۽ پي تي منهنجا مائٽ اغوا جا ڪوڙا ڪيس ڪري مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن، پريمي جوڙي اعلي' اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 22

صحافين ۽ سول سوسائٽي جو احتجاج سينارجا ۾ ٽائون ڪاميٽي سينارجا جو بدتر معيار ڳوٺن کي ترقياتي ڪمن کان نظرانداز ڪرڻ خلاف پ پ شهيد پٽو اڳواڻ مهتاب راجپر سينئر صحافي الهوارائيو راجپر عبدالنبي راجپر سوشل ورڪر علي اعجاز سهتو سليم منگريو صحافي امداد ولي ۽ سول سوسائٽي پاران پبلڪ پارڪ سينارجا جي ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ مختلف ڳوٺن جي نوجوانن ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي.احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو تہ ٽائون ڪاميٽي سينارجا جا ڪيترائي ڳوٺ بنيادي سهولتن کان محروم آهن. روڊ، ناليون، نوري لائٽون ۽ پري جي ڳالهہ مڇرن خلاف اسپري بہ نہ ٿي رهي آهي، جنهن سبب مليريا، ڊينگي ۽ ٻين بيمارين جو خطرو وڌي ويو آهي

بقايا 23

ومنظر پيش ڪري رهيو آهي. هن المناڪ حادثي تي ڪولهي برادري جي نوجوان سماجي اڳواڻ ڪامريڊ پريم راٺوڙ ڪولهي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ ايتري وڏي سانحي تي انتظاميا جي مجرمانہ خاموشي ۽ لاپرواهي وڏو سواليو نشان آهي. انسانن جون جانيون اهڙي بي قدريءَ سان ضايع ٿيڻ افسوسناڪ ۽ ناقابل برداشت آهي. ڪامريڊ پريم راٺوڙ ڪولهي وڌيڪ چيو تہ حادثي جا ذميوار ڪٽهري ۾ آندا وڃن. ڳري گاڏين جي نگراني سخت ڪئي وڃي ۽ ڊگهڙي روڊ تي فوري حفاظتي قدم کنيا وڃن. جيئن وڌيڪ قيمتي جانيون ضايع نہ ٿين. آخر ۾ هن متاثر خاندانن سان دلي همدردي ۽ يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ برادري ۽ سماج ان ڏک جي گهڙي ۾ پوري طرح متاثرن سان گڏ بيٺل آهي

بقايا 24

وٺ پٿورو T واسي گل حسن چورو ۽ اسد چورو ميرپورخاص کان واپس پٿورو اچي رهيا هئا بہ نامعلوم هٿيارٻند ڦورو سي ڊي موٽر سائيڪل 2022 ماڊل ۽ 2 عدد موبائيل ڦر ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي علائقي واسي ۽ شادي پلي پوليس بروقت سرزمين تي پهچي تفصيل ورتا ۽ پوليس ناڪابندي پڻ شروع ڪئي آخري اطلاعن تائين ڦورن جو پتو نہ پئجي سگهيو ياد رهي تہ ڪجهہ ڏينهن کان پٿورو ۽ شادي پلي ٿاڻي جي حدن ۾ ڦورن رڻ ٻاري ڏنو آهي هفتي اندر ڪافي ڦرين جا واقعا پيش اچي چڪا آهن ذريعن موجب پنج ڏينهن اڳ پٿورو جي حد مان ڦورو ٿئين سان پريل ٽريڪٽر ٽالهي ڦرڪري ويا ان سلسلي ۾ پوليس پاران ڪاروايون پڻ ڪيون ويون آهن ۽ وڏي پشماني تي گرفتاريون بہ پڻ ڪيون آهن

بقايا 25

۽ ڊي ايس پي ڪئمپلين نئو سيد گوهر علي لڪياري وچ ۾ سوشل ميڊيا تي تڪراري پوسٽون هلن پيون. جنهن معاملي ۾ مونکان بنا پڇڻ بنا بيان ڏيڻ جي منهنجي حوالي سان بيان هلايو ويو آهي، جنهن بيان ۾ ڪا بہ صداقت ناهي، آءُ واضح ڪندو هلان تہ اسان پير سيد صالح شاهہ جيلاني نيٽنگ شريف جا مريد آهيون. فقير شاهنواز بروهي اسانجو عزيز آهي، جنهن سان ڪا بہ ٿيندڙ ناانصافي برداشت نہ ڪنداسين. هن چيو تہ سندن نوجوان فقير شاهنواز بروهي کان ڪنهن بہ شخص کي ڪا بہ شڪايت آهي تہ اهو شڪايت اسانکي ڏي تہ اسان ان جو بہ ازالو ڪرائڻ لاءِ تيار اهيون باقي سوشل ميڊيا تي اجائي پروپيگنڊ ڪري ڪنهن جي ڪردار ڪشي ڪري ڪنهن جي ساک کي نقصان پهچائڻ وارو عمل هرگز برداشت نہ ڪيو ويندو.

بقايا 26

تقسيم ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب ڏوڪري ۾ ٽائون چيئرمين عبدالحميد جيسر پاران ذاتي ڪوششن سان ڏوڪري جي نوجوانن کي ڪمپيوٽرائيزڊ ٽيڪنالاجي ذريعي ٽيڪنالاجي اسڪلز فني مهارتن جي سکيا ڏيڻ وارو سينٽر ۽ موبائيل ڊجيٽل جي سکيا ڏيڻ جي لاءِ مختلف سينٽر قائم ڪيا ويا آهن سينٽرن جو افتتاح پ پ ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ پاران ڪيو ويو آهي ان موقعي تي علي پارڪ ڏوڪري ۾ ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪندي پ پ ايم پي اي عادل الطاف حسن انڙ چيو تہ ڏوڪري جي نوجوانن کي جديد ٽيڪنالاجي جي سکيا ڏيڻ لاءِ ٽائون چيئرمين عبدالحميد جيسر ۽ سندس ڪائونسلرن سميت سموري ٽيم پاران نوجوانن کي ڪيريئر ٺائيندڙ فني مهارتون جي سکيا ڏيارڻ واري جاکوڙي ڪوشش ساراهہ جوڳو عمل آهن ۽ کين مبارڪباد پيش ڪجي ٿي ، هن وڌيڪ چيو تہ پيپلز پارٽي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي جدوجهد ڪري رهي آهي، اٽو، لٽو، اجهو ۽ روزگار سميت نوجوانن کي جديد سکيا ڏيڻ کي اولين ترجيح ڏئي رهي آهي ڏوڪري جي عوام کي تعليم، صحت، صفائي سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪيون وڃن. ڏوڪري ٽائون ڪميٽي واحد ٽائون ڪميٽي آهي، جنهن پنهنجي محدود بجيت باوجود فري ايمبولينس سروس، فري ڪمپيوٽر سينٽر، سي سي ٽي وي ڪيمرائون، پبلڪ پارڪ، مسافرخانا تعمير ڪرايا ۽ چوڪيداري سسٽم سميت سي سي نلاڪ ۽ پيور بلاڪ لڳرائي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.تقريب کي خطاب ڪندي چيئرمين عبدالحميد جيسر چيو تہ نوجوانن کي بهتر مستقبل ڏيڻ لاءِ ٽائون ڪميٽي طرفان لائبريري ۽ فري ڪمپيوٽر سينٽر قائم ڪيو آهي، هاڻي بجلي ۽ سولر سسٽم سميت ٽيڪنيڪل سکيا ڏيڻ لاءِ سينٽر جو افتتاح ڪيو ويو آهي شهر ۾ علي پارڪ سميت 3 نوان پارڪ جوڙيا آهن، 5 مسافر خانا، ٽڏي پاڻيءَ جون ٽانڪيون، سي سي ۽ پيور بلاڪن سميت سولر لائيٽون، سرچ لائيٽون لڳرايون آهن هن چيو تہ شهر ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳايون آهن، جنهن سبب ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۾ مدد ملي رهي آهي، پ پ ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ جي ڪوشش سان 3 ڪروڙ رپيا منظور ٿيا آهن، جن مان برين ڊسپوزل ڪوهہ، ناليون، بلاڪ ۽ ٻيون ترقياتي اسڪيمون شروع ڪيون وينديون، افتتاحي تقريب کان پوءِ شهر جي مستحق عورتن ۽ مردن ۾ سولر پليٽون تقسيم ڪيو ويو آهن مظفر علي چانديو، شڪيل بروهي، پروفيسر سراج سوهو، حافظ عثمان جهتيال، شبير سولنگي، عبدالغني ابڙو، مظهر گلال سميت وائيس چيئرمين سيف الله سومرو، فدا حسين ڳاڏهي، ڪائونسلر حبيب الله ڪوڪر، ڪاشف خاصخيلي، مونا فقير، پرهہ ڍڪڻ، بشير ٿهيم، محراب علي خاصخيلي جاويد علي ڪولاچي ۽ ٻين ڏوڪري ٽائون ڪميٽي جي مستحق عورتن ۽ مردن ۾ سولر پليٽون تقسيم ڪيون.

بقايا 27

سومرو ۽ ٻين مظاهري کي خطاب ڪندي چيو آهي تہ دادو ۾ بدامني وڌي وئي آهي، سومرا برادري جي دڪاندار ذوالفقار علي سومرو کان ڏينهن ڏٺي جو هٿيارٻندن لکين رپيا ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا پر پوليس ڦورن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو تہ انهي ساڳي دوڪاندار کان دادو ۾ 3 دفعا اڳ ۾ بہ ڦر ڪئي وئي هئي افسوس جو هڪ دفعو ٻيهر بہ ڪائنس ڦر ڪئي وئي مظاهرين آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڦر واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪري دڪاندار کي ڦر جي رقم واپس ڏياري وڃي بي صورت ۾ سومرا اتحاد طرفان سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا

بقايا 28

بخش ڪورائي، ساگر يوسف منگي، محمد حسن زرداري، محمد يعقوب وڳڻ جي اڳوائيءَ ۾ نڪتل پيادل مارچ قافلو شاهپورجهانيان پهتو، جتي ايس يو پي اڳواڻ استاد عبدالفتاح ٻگهيو، ديدار ٻگهيو جي ڊبليو سي جي ظفر ٻگهيو، اسد ٻگهيو، پريس ڪلب جي چيئرمين محمد ياسين آرائين سندن شاندار استقبال ڪيو، شهيد اقبال لاڙڪ جي قاتلن خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ انجنيئر جاويد ٽانوري ڪرپشن جو ڪنگ مين آهي، جيڪو جعلي بل ناهي ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ۾ ملوث آهي، سيڪريٽري آبپاشي سميت لاڳاپيل عملدارن کي ثبوت ڏيڻ باوجود انجنيئر خلاف ڪا بہ ڪارروائي نہ ٿي آهي، ڪروڙين رپين جي ڪرپشن سبب ضلع ۾ 500 کان وڌيڪ ٽيوب ويل بند آهن. جنهن ڪري آبادگارن کي سخت نقصان ٿي رهيو آهي، هنن وڌيڪ چيو تہ اسان ڪالهہ کان لانگ مارچ شروع ڪيو آهي ۽ 3 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ چيف انجنيئر ايريگيشن جي آفيس آڏو ڌرڻو هڻنداسين، ملازمن وزيراعلي' سنڌ، گهرو وزير ۽ وزير آبپاشي کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڪرپٽ مافياز خلاف فوري ڪارروائي ڪن.

بقايا 29

اسڪولن، ڪميونٽيز ۽ والدين سان گڏ آگاهي سيشن: علائقي ۾ وڏي پذيرائي ناري ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جوهي پاران هيلپ (HELP) ۽ گاوي (GAVI) جي سهڪار سان ٻارن کي روزمره لڳڻ وارن حفاظتي ٽڪن بابت آگاهي مهم جاري رکي وئي، جڏهن تہ 15 سيپٽمبر کان 27 سيپٽمبر 2025 تائين صحت کاتي، حڪومت سنڌ پاران 9 کان 14 سالن جي نيائين کي HPV (سروائيڪل ڪينسر) کان بچاءَ لاءِ لڳندڙ ٽڪن بابت بہ جاڳرتا مهم منظم ڪئي وئيهن مهم دوران تعلقوجوهي جي يوسي چني، تندو رحيم خان ۽ يوسي جوهي ۾ مختلف اسڪولن ۾ استادن، شاگردياڻين، والدين، ڳوٺن جي بزرگن، علمائن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن، ماءِ پينرن ۽ ڪميونٽي جي نمائندن سان گڏجي جاڳرتا سيشن، معلوماتي گڏجاڻيون ۽ ڪميونٽي ميٽنگون منعقد ڪيون ويونمهم جو مقصد والدين ۽ ڪميونٽي کي آگاهہ ڪرڻ هو تہ نيائين لاءِ سروائيڪل ڪينسر خلاف حفاظتي ٽڪو ڪيترو ضروري ۽ مؤثر آهي، جيئن مستقبل ۾ عورتن ۾ وڌندڙ هن بيماري کان بچاءُ ممڪن ٿي سگهي.ناري ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن ۽ صحت کاتي جي ٽيم گڏجي ميدان ۾ سرگرم رهي ان سلسلي ۾ ناري ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي سي اي او عذرا ميمڻ، ڊاڪٽر منظور شاهاڻي، معشوق علي، طاهره (Project Coordinator, NARI) ۽ نصرت سومرو سميت ڪيترن ئي سماجي ڪارڪنن، صحت عملي ۽ استادن ڀرپور تعاون ڪيوعذرا ميمڻ پنهنجي بيان ۾ چيوتہ "سروائيڪل ڪينسر هڪ خطرناڪ پر روڪجڻ جهڙي بيماري آهي، ان کان بچاءَ لاءِ ٽڪي لڳائڻ ۽ آگاهي وڌائڻ لازمي آهي اسان جو مقصد آهي تہ هر نيائي محفوظ، صحتمند ۽ بااختيار مستقبل ڏانهن وڌي"هن مهم کي علائقي جي عوام، استادن ۽ والدين طرفان وڏي ساراهہ ملي، ۽ ماڻهن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ ڪميونٽي هاڻي صحت ۽ بچاءَ بابت وڌيڪ باشعور ٿي رهي آهي

بقايا 30

ڏيپلو روڊ مٺي کان ڪشمير چوڪ تائين ڪڍي وئي، ريلي ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪري مطالبو ڪيو تہ بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي سنڌ حڪومت کان نوٽيس وٺي سنڌ جي مسڪين ماڻهن کان جيئڻ جو حق ڏئي.ريلي کي صدارتي خطاب ڪندي مرڪزي صدر ديدار سينڌل صاحب چيو تہ صوبي ۾ وڌندڙ مهنگائي غريب ماڻهن جي چيل چپي ڪري ڇڏي آهي، مارو ماڻهو بہ ويلا ڪاٽڻ لاءِ بہ پريشان آهن. تڙجو ٻوجهہ ماڻهو ٻچڙن سميت خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهي، ليڪن پ.پ.پ سنڌ سرڪار کي ذري جيترو بہ احساس ناهي. انهن زرداري مافيا ماڻهو کان اٽو، لٽو ۽ اجهو جو ڪوڙو نعرو ڏئي دوکو ڪيو آهي. هتي ٿرجا چونڊيل نمائندہ عمران خان جي دور ۾ جڏهن تيل 5 رپيا في لٽر مهانگو ۽ اٽو 2600 رپيا مڻ پهتو هو تہ سڄي سنڌ ۾ پ.پ.پ سرڪار ٽريڪٽرن ٽرالين، گڏهہ گاڏين، ٽانگا گاڏين توڙي ڏگا گاڏين احتجاجي مظاهرا ڪيا هئا اڄ اهي ڪٿي آهن. مراد علي شاهہ جي حڪومت سنڌ جي ملازمن کي بہ ديوار سان لڳائي ڇڏيو آهي. اسان بلاول ڀٽو زرداري کان ڀرپور مطالبو آهي تہ سنڌ جي عوام سان انصاف ڪيو وڃي نہ تہ عوام توهان کي اڳتي هلڻ نہ ڏيندي.ريلي کي ضلع صدر چيتن لال پيل، ضلع جنرل سيڪريٽري لالچند گلاٽي، پرشوتم سوراٺي، ڪامريڊ گومون مل پيل، سومار اجاڻي، مانجي پيل، پلجي پيل، ڪانجي سڪاٽي، جمن سينگلاٽي، سردار پيل، ڪانجي ڊاپو ۽ ٻين خطاب ڪيو.

بقايا 31

انساني حقن جي تنظيم انٽر نيشنل هيومن رائٽس جي صدر ڊاڪٽر ذوالفقار گگو، ضلعي ڪائونسل جي ميمبر عبدالجبار منگسي، ضلعي نٿي جي صدر عبدالبصير سومرو، پراميڊيڪل جي اڳواڻ معشوق علي گگو، ضلعي ڪائونسل جي ميمبر وڏيرو ذوالفقار علي ترڪ جي اڳوائيءَ ۾ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو تہ تي سال اڳ 28 فيبروري 2023 تي پورهيت فتح محمد سومرو ڌهرڪي پرچوندي وارن پيرن کي سامر ڏنل 10 ورهين جي نينگري سائره کي اغوا ڪيو ويو، جيڪا ٽي سال گذرڻ باوجود ظاهر نہ ڪئي وئي آهي نہ سندس ڪو ڏس پتو ڏنو پيو وڃي، هنن چيو تہ نياڻي جي اغوا ۽ گمشدگي ۾ ميان ارسلان، ميان سهيل، ميان نعمان ۽ ميان عارف ملوث آهن علي محمد سومرو، سردار عبدالجبار سومرو چيو تہ اسان پنهنجن نڱن ۽ دنگن جي حفاظت لاءِ هر حد تائين وڃي سگهون ٿا، هنن چو تہ مغو سائر سومرو جي بازيابيءَ لاءِ اسان سراپا احتجاج بڻيل آهيون، پر معصوم نينگري جي باحفاظت بازيابيءَ لاءِ نہ سنڌ حڪومت ۽ نہ ئي وري انصاف فراهم ڪندڙ ادارا ۽ انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هنن چيو تہ اهڙي صورتحال سبب اسان وٽ پر امن احتجاج واري هن جدوجهد کي پوري ملڪ ۾ وڌائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستوئي ناهي رهيو شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳواڻن ملڪ جي اعلي عدالت سپريم ڪورٽ، سنڌ هاءِ ڪورٽ، وزيراعلي سنڌ سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ڪئي تہ فوري نوٽيس وٺي ڌهرڪي واسڻ غريب پورهيت جي معصوم نياڻي سائره سومرو کي پرچوندي جي بااثر اغوا ڪارن وٽان بازياب ڪرائي سندس وارثن سان انصاف ڪرائي اغوا ڪارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سندس بازيابي تائين سندن پرامن احتجاج جاري رکڻ سميت انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا سين.

بقايا 32

سوڍر، حبيب ڏيرو، عبدالغفور ڪوسو، گل محمد ڪرٽيو سوشل ورڪر مومن سوڍر ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ميهڙ ايس يو پي آفيس ٻاهہ پاس کان ميهڙ سنڌ پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ، ۽ مظاهرين سنڌ پريس ڪلب اڳيان زوردار نارا هنيان ڪوڙا ڪيس ختم ڪريو ,ميهڙ شهر کي امن ڏيو . وڌيڪ هنن چيو تہ ايس يو پي ضلع صدر سڪندر سوڍر ۽ ٻين تي دهشتگردي ايڪٽ تحت داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪريو ميهڙ شهر کي بدامني جي ٻاهہ کان بچايو

بقايا 33

بيواهہ امڙ جي فرياد تي ٿنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري نينگر کي ميڊيڪل لاءِ ليٽر جاري ڪري چڏيو تفصيل موجب نيوسعيداباد لڳ ڳوٺ خدابخش ڪاڪا ۾ ٽن وحشي درندن هرهڪ فدا حسين ڪاڪا،جواد ڪاڪا ۽ سنيل ڪاڪا هڪ 10 ورهين جي نينگر نالي محي الدين پٽ مرحوم ايوب ڪاڪا کي زبردستي بدفعلي ڪري انجي وڊيو پري سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري چڏي معصوم يتيم نينگر جي بيواهہ امڙ پاران نيوسعيداباد ٿاڻي تي اهڙي ايف آئي آر داخل ڪرائڻ ڪانپوءِ ايس ايچ او نادر علي پٽي ٿنهي وحشي درندن فداحسين،جواد ۽ سهيل ڪاڪا کي گرفتار ڪري زيادتي جو شڪار ٿيل نينگر کي ميڊيڪل لاءِ ليٽر جاري ڪري چڏيو نينگر کي تعلقا اسپتال نيوسعيداباد آندو ويو جتي سندس جزا ورتا ويا.

بقايا 34

جي هڪ شاندار تقريب ڪوٺائي وئي تقريب جا ميزبان پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر هيا آجياڻي جي تقريب ۾ پيپلزپارٽي جي ضلعي ,تعلقي ۽ سٽي جي اڳواڻن شرڪت ڪئي تندو غلام علي: آجياڻي جي گڏجاڻي ۾ پ پ ضلعي بدين جي چونڊيل نمائندن ۾ پ پ ايم اين اي مير غلام علي ٽالپر، پ پ ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر ,ايم پي اي تنزيلا قمبراڻي ,ايم پي اي بي بي ياسمين شاهہ ,صالح هاليپوٽو, اعظم نوحاڻي سميت پ پ اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تندو غلام علي:سماجي تنظيم طرفان تندو غلام علي شهر ۾ معذور مستحقين ۾ ويل چيئرز ڊسٽريبيوشن جي تقريب پڻ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ صوبائي وزير جناب مير طارق علي خان ٽالپر صاحب جن چيف گيسٽ جي حيثيت سان شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ پ ضلعي بدين جي ايم اين اي ايم پي ايز ۽ پيپلزپارٽي تنظيم جي اڳواڻن شرڪت ڪئيتندو غلام علي:ان موقعي تي صوبائي وزير جناب محترم مير طارق علي خان ٽالپر صاحب جن ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪيو

بقايا 35

فصلن جا مناسب اگهہ ڏنا وڃن .اهڙا مطالبا سنڌ ڪلچرل فورم (مرڪز) پاران ملڪ جي مشهور زرعي سائنسدان ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ سنڌ آبادگار بورڊ جي اڳوڻي صدر حاجي عبدالمجيد نظامائيءَ جي ياد ۾ وي _ڪيٽرهال مڪليءَ ۾ ڪوٺايل سيمينار ۾ مقررن پنهنجي ويچارن ۾ ڪيو .سيمينار کي مخاطب ٿيندي سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو ,سنڌ آبادگار فورم جي باني صدر ڊاڪٽر محمد افضل آرائين،ترقي پسند آبادگار محمد علي خواجہ،لطيف جي پارکو ۽ مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر محمد ماروخشڪ ,اين سي ايچ ڊي نئين جي ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ميمڻ، سينيئر اديب الهجڙيو برفت.حميرخان سرڪي ,اديب غلام نبي زئور ۽ ٻين پنهنجي الڳ الڳ ويچارن ۾ چيو تہ ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائي ڌرتيءَ جا سچيت ,صالح ۽ پنهنجي مقصد سا سچا انسان هيا جن هميشہ ءَ هر هنڌ پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق پنهنجي ماڻهن جي دائمي خوشحاليءَ ڌرتيءَ جي شادابيءَ ساوڪ برقرار رکڻ لاءِ شاندار جاکوڙ ڪئي ڊاڪٽر ڪيريٽي ڪمند جي جنس نئو_ 10 دريافت ڪري زرعي تحقيق جي دنيا ۾ تمام وڏو ڪمال ڪيو.نئو _10,ڪمند جي اها بهترين جنس هئي جيڪا آبادگارن ۽ شگر ملن جي لاءِ هڪ جيتري فائيدمند هئي ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر ڪيريو سنڌي ادب جي جهول ۾ ٿي تند وڙهي تلوارن سان جهڙو شاندار ڪتاب ڏئي ادبي حوالي سان وڏي مڃتا ماڻي .جڏهن تہ حاجي عبدالمجيد نظامائي آبادگارن جي حقن ,توڙي ڪالاباغ ڊيم سميت سنڌو درياءَ تي بند ٻڌڻ خلاف سگهاري جدوجهد ڪئي ۽ مشرف جي مارشلائي دور ۾ مشرف آڏو ڪالاباغ ڊيم خلاف سخت موقف رکيو. ان ڪري اهي ٻئي شخصيتون سنڌجي مٽيءَ ماڻهن جون طرفدار رهيون آهن جن کي عظمت پري پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٺايل سيمينار تمام گهڻو ساراهہ لائق ڪم آهي سنڌ ڪلچرل فورم جي سينيئر وائيس چيئرمين محمد شريف جاکرو ,سياسي سماجي شخصيت ڏاڏا محمد اسماعيل شورو,استاد سلطان قادر ٿهيم، ايس آر ڊي سي جي قادر بخش اوٺو,وحدت نيٽ ورڪ جي محمد ابراهيم هيجب ,سانوڻ برفت ,ڪامريڊ علي محمد بروهي حماد اشرف راجپوت-فقير محمد پائيل-شهزاد لاشاري-۽ ٻين پڻ پنهنجي ويچارن ۾ ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائيءَ کي لفظن جي گلابن سان عظمت پريو خراج پيش ڪيو سينيئر شاعرن جي ايم ٿهيم، سيد غلام محمد شاهہ لڪياري پنهنجي نڪور شاعريءَ ذريعي ٻنهي قومي هيرن کي خراج پيش ڪيو ان بعد سمورن مهمانن گڏجي ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائي جي ياد ۾ مختلف گلن جا ٻوٽا لڳايا.

بقايا 36

واري لاٽين کي ڪوٽائي ڪري ڪيڏي چڏيو اها لاٽين ڳوٺ ميمون شاهہ تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ لڳ ڀڳ 400 فٽ ڊگهي لوهہ جي پائپ ذريعي وڌل هئي، جيڪا ڏهاڪن کان ڳوٺ لاءِ زندگيءَ جو واحد ذريعو هئي. پائپ لاٽين چوري ٿيڻ بعد سمورو ڳوٺ سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. چاڪاڻ تہ ڳوٺ جبل جي مٿان واقع هجڻ سبب هتي نہ واٽر سپلاءِ موجود آهي ۽ نہ ئي کوهن جو پاڻي ميسر آهي. گهوڙاٻاري تعلقا پريس ڪلب ور جي اڳواڻ روزاني عوامي سوچ اخبار تعلقا رپورٽرسينيئر صحافي ۽ ڳوناٺو شاهہ خالد شاهہ ڏاتاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ اسان جو ڳوٺ ميمون شاهہ هڪ قديمي ڳوٺ آهي، جتي صرف درگاهہ حضرت سخي ڏاتارجميل شاهہ ڳرناري کان نڪتل پاڻيءَ واري قديم لاٽين ذريعي ئي پاڻي پهچندو هو پر شرپسندن اها سموري لاٽين رات جي اونداهي ۾ ڪيڏي فرار ٿي ويا آهن. جنهن ڪري هاڻي سمورو ڳوٺ پاڻيءَ کان محروم ٿي ويو آهي.هن وڌيڪ ٻڌايو تہ واقعي جو اطلاع پير پٺو پوليس پوسٽ . ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي تہ پاڻيءَ جي لاٽين چوري ٿيڻ سان ڳوٺ ۾ انساني زندگي خطري ۾ اچي وئي آهي. چو تہ پاڻي ڪانسواءِ هتي رهائش ناممڪن ٿي ويندي. ڳوٺاڻن پاران سخت احتجاج پڻ ڪيو ويو . هنن ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جو نوٽيس وٺي ڌوهارين کي فوري گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڳوٺ جي قديمي پاڻيءَ جي لاٽين ٻيهر بحال ڪرائي وڃي، تہ جيئن ڳوٺاڻن کي ريليف ملي سگهي.علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن اهڙن ڌوهن خلاف فوري طور قدم نہ کنيا ويا تہ بدامني وڌيڪ وڌندي ۽ ڳوٺاڻن جي زندگي اجيرن بڻجي ويندي.

بقايا 37

انساني حقن جي تنظيم انٽر نيشنل هيومن رائٽس جي صدر ڊاڪٽر ذوالفقار گگو، ضلعي ڪائونسل جي ميمبر عبدالجبار منگسي، ضلعي نٿي جي صدر عبدالبصير سومرو، پراميڊيڪل جي اڳواڻ معشوق علي گگو، ضلعي ڪائونسل جي ميمبر وڏيرو ذوالفقار علي ترڪ جي اڳوائيءَ ۾ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو تہ تي سال اڳ 28 فيبروري 2023 تي پورهيت فتح محمد سومرو ڌهرڪي پرچوندي وارن پيرن کي سامر ڏنل 10 ورهين جي نينگري سائره کي اغوا ڪيو ويو، جيڪا ٽي سال گذرڻ باوجود ظاهر نہ ڪئي وئي آهي نہ سندس ڪو ڏس پتو ڏنو پيو وڃي، هنن چيو تہ نياڻي جي اغوا ۽ گمشدگي ۾ ميان ارسلان، ميان سهيل، ميان نعمان ۽ ميان عارف ملوث آهن علي محمد سومرو، سردار عبدالجبار سومرو چيو تہ اسان پنهنجن نڱن ۽ دنگن جي حفاظت لاءِ هر حد تائين وڃي سگهون ٿا، هنن چو تہ مغو سائر سومرو جي بازيابيءَ لاءِ اسان سراپا احتجاج بڻيل آهيون، پر معصوم نينگري جي باحفاظت بازيابيءَ لاءِ نہ سنڌ حڪومت ۽ نہ ئي وري انصاف فراهم ڪندڙ ادارا ۽ انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هنن چيو تہ اهڙي صورتحال سبب اسان وٽ پر امن احتجاج واري هن جدوجهد کي پوري ملڪ ۾ وڌائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستوئي ناهي رهيو شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳواڻن ملڪ جي اعلي عدالت سپريم ڪورٽ، سنڌ هاءِ ڪورٽ، وزيراعلي سنڌ سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ڪئي تہ فوري نوٽيس وٺي ڌهرڪي واسڻ غريب پورهيت جي معصوم نياڻي سائره سومرو کي پرچوندي جي بااثر اغوا ڪارن وٽان بازياب ڪرائي سندس وارثن سان انصاف ڪرائي اغوا ڪارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سندس بازيابي تائين سندن پرامن احتجاج جاري رکڻ سميت انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا سين.

بقايا 38

بخش ڪورائي، ساگر يوسف منگي، محمد حسن زرداري، محمد يعقوب وڳڻ جي اڳوائيءَ ۾ نڪتل پيادل مارچ قافلو شاهپورجهانيان پهتو، جتي ايس يو پي اڳواڻ استاد عبدالفتاح ٻگهيو، ديدار ٻگهيو جي ڊبليو سي جي ظفر ٻگهيو، اسد ٻگهيو، پريس ڪلب جي چيئرمين محمد ياسين آرائين سندن شاندار استقبال ڪيو، شهيد اقبال لاڙڪ جي قاتلن خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو تہ انجنيئر جاويد ٽانوري ڪرپشن جو ڪنگ مين آهي، جيڪو جعلي بل ناهي ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ۾ ملوث آهي، سيڪريٽري آبپاشي سميت لاڳاپيل عملدارن کي ثبوت ڏيڻ باوجود انجنيئر خلاف ڪا بہ ڪارروائي نہ ٿي آهي، ڪروڙين رپين جي ڪرپشن سبب ضلع ۾ 500 کان وڌيڪ ٽيوب ويل بند آهن. جنهن ڪري آبادگارن کي سخت نقصان ٿي رهيو آهي، هنن وڌيڪ چيو تہ اسان ڪالهہ کان لانگ مارچ شروع ڪيو آهي ۽ 3 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ چيف انجنيئر ايريگيشن جي آفيس آڏو ڌرڻو هڻنداسين، ملازمن وزيراعلي' سنڌ، گهرو وزير ۽ وزير آبپاشي کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڪرپٽ مافياز خلاف فوري ڪارروائي ڪن.

بقايا 39

رستن تي اچڻ بعد بااثر سياسي ماڻهن جي مداخلت تي محڪہ بلديا جا اختيارات ٽائون آفيسر آفتاب ملاح جي حوالي ڪيا هئا جن سان صفائي ۽ نيڪاسي ۾ بهتري آئي جيڪا چيئرمين کي پسند نہ آئي ان پنهنجي ڪوسڙو ملازمن خاڪروب عملي ذريعي نالن ۾ ٻوريون وجهي ڪري نيڪال جو سسٽم خراب ڪري چڏيو محرابپور پوليس کي مداخلت ڪرڻي پئي پوليس مداخلت جو بهانو ڪري ڪوسڙو ملازمن خاڪروب ٽائون آفيسر کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ هڙتال ڪئي آهي جنهن سبب ڪاروباري مرڪز اهم رستن تي پاڻي نيڪال جو نظام درهم برهم ٿيو گندو پاڻي جمع ٿي ويو آهي جماعت اسلامي جي ڪنوينر يونس رفيق ملڪ سماجي رهنما درمحمد عرف ڪيڪل نوناري سماجي تنظيم استاب جي محمود حسين نيئر علائقي مڪينن محڪہ بلديا محرابپور چيئرمين جاويد ميمڻ ۽ هڙتال ڪندڙ ڪوسڙو ملازمن خاڪروب تي تنقيد ڪندي چيو تہ 700 ڪوسڙو ملازم سياسي اثر تي گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن جنريٽر هلائڻ بنا ڊيزل جا لکين رپين جا جالي بل نهي رهيا آهن ويزا ملازمن ذريعي لکين رپين جي ڪرپشن ٿي رهي آهي پائپ لائن جي مرمت نہ ڪئي وئي ٽتل نالن ڪڏن جي مرمت نہ ڪئي وئي چيئرمين ٽائون آفيسر پنهنجي فائدي لاءِ شهر کي تباهہ نہ ڪن حڪومت سنڌ بلديا نوٽيس وٺي رابطو ڪرڻ تي ٽائون آفيسر آفتاب ملاح ٻڌايو تہ ڪوسڙو ملازمن ۽ خاڪروب جي بليڪ ميلنگ ۾ نہ ايندس ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن انهن جون پگهارون بند ڪيون ويندون محڪمہ بلديا محرابپور لاءِ يارنهن ڪروڙ رپين جي اين آءِ ٽي ٽي ڪم جاري آهي جنهن سان محرابپور ۾ بهتري ايندي

بقايا 40

فصلن جا مناسب اگهہ ڏنا وڃن .اهڙا مطالبا سنڌ ڪلچرل فورم (مرڪز) پاران ملڪ جي مشهور زرعي سائنسدان ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ سنڌ آبادگار بورڊ جي اڳوڻي صدر حاجي عبدالمجيد نظامائيءَ جي ياد ۾ وي _ڪيٽرهال مڪليءَ ۾ ڪوٺايل سيمينار ۾ مقررن پنهنجي ويچارن ۾ ڪيو .سيمينار کي مخاطب ٿيندي سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو ,سنڌ آبادگار فورم جي باني صدر ڊاڪٽر محمد افضل آرائين،ترقي پسند آبادگار محمد علي خواجہ،لطيف جي پارکو ۽ مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر محمد ماروخشڪ ,اين سي ايچ ڊي نئين جي ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ميمڻ، سينيئر اديب الهجڙيو برفت.حميرخان سرڪي ,اديب غلام نبي زئور ۽ ٻين پنهنجي الڳ الڳ ويچارن ۾ چيو تہ ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائي ڌرتيءَ جا سچيت ,صالح ۽ پنهنجي مقصد سا سچا انسان هيا جن هميشہ ءَ هر هنڌ پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق پنهنجي ماڻهن جي دائمي خوشحاليءَ ڌرتيءَ جي شادابيءَ ساوڪ برقرار رکڻ لاءِ شاندار جاکوڙ ڪئي ڊاڪٽر ڪيريٽي ڪمند جي جنس نئو_ 10 دريافت ڪري زرعي تحقيق جي دنيا ۾ تمام وڏو ڪمال ڪيو.نئو _10,ڪمند جي اها بهترين جنس هئي جيڪا آبادگارن ۽ شگر ملن جي لاءِ هڪ جيتري فائيدمند هئي ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر ڪيريو سنڌي ادب جي جهول ۾ ٿي تند وڙهي تلوارن سان جهڙو شاندار ڪتاب ڏئي ادبي حوالي سان وڏي مڃتا ماڻي .جڏهن تہ حاجي عبدالمجيد نظامائي آبادگارن جي حقن ,توڙي ڪالاباغ ڊيم سميت سنڌو درياءَ تي بند ٻڌڻ خلاف سگهاري جدوجهد ڪئي ۽ مشرف جي مارشلائي دور ۾ مشرف آڏو ڪالاباغ ڊيم خلاف سخت موقف رکيو. ان ڪري اهي ٻئي شخصيتون سنڌجي مٽيءَ ماڻهن جون طرفدار رهيون آهن جن کي عظمت پري پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٺايل سيمينار تمام گهڻو ساراهہ لائق ڪم آهي سنڌ ڪلچرل فورم جي سينيئر وائيس چيئرمين محمد شريف جاکرو ,سياسي سماجي شخصيت ڏاڏا محمد اسماعيل شورو,استاد سلطان قادر ٿهيم، ايس آر ڊي سي جي قادر بخش اوٺو,وحدت نيٽ ورڪ جي محمد ابراهيم هيجب ,سانوڻ برفت ,ڪامريڊ علي محمد بروهي حماد اشرف راجپوت-فقير محمد پائيل-شهزاد لاشاري-۽ ٻين پڻ پنهنجي ويچارن ۾ ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائيءَ کي لفظن جي گلابن سان عظمت پريو خراج پيش ڪيو سينيئر شاعرن جي ايم ٿهيم، سيد غلام محمد شاهہ لڪياري پنهنجي نڪور شاعريءَ ذريعي ٻنهي قومي هيرن کي خراج پيش ڪيو ان بعد سمورن مهمانن گڏجي ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائي جي ياد ۾ مختلف گلن جا ٻوٽا لڳايا.

بقايا 41

انساني حقن جي تنظيم انٽر نيشنل هيومن رائٽس جي صدر ڊاڪٽر ذوالفقار گگو، ضلعي ڪائونسل جي ميمبر عبدالجبار منگسي، ضلعي نٿي جي صدر عبدالبصير سومرو، پراميڊيڪل جي اڳواڻ معشوق علي گگو، ضلعي ڪائونسل جي ميمبر وڏيرو ذوالفقار علي ترڪ جي اڳوائيءَ ۾ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو تہ تي سال اڳ 28 فيبروري 2023 تي پورهيت فتح محمد سومرو ڌهرڪي پرچوندي وارن پيرن کي سامر ڏنل 10 ورهين جي نينگري سائره کي اغوا ڪيو ويو، جيڪا ٽي سال گذرڻ باوجود ظاهر نہ ڪئي وئي آهي نہ سندس ڪو ڏس پتو ڏنو پيو وڃي، هنن چيو تہ نياڻي جي اغوا ۽ گمشدگي ۾ ميان ارسلان، ميان سهيل، ميان نعمان ۽ ميان عارف ملوث آهن علي محمد سومرو، سردار عبدالجبار سومرو چيو تہ اسان پنهنجن نڱن ۽ دنگن جي حفاظت لاءِ هر حد تائين وڃي سگهون ٿا، هنن چو تہ مغو سائر سومرو جي بازيابيءَ لاءِ اسان سراپا احتجاج بڻيل آهيون، پر معصوم نينگري جي باحفاظت بازيابيءَ لاءِ نہ سنڌ حڪومت ۽ نہ ئي وري انصاف فراهم ڪندڙ ادارا ۽ انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هنن چيو تہ اهڙي صورتحال سبب اسان وٽ پر امن احتجاج واري هن جدوجهد کي پوري ملڪ ۾ وڌائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستوئي ناهي رهيو شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳواڻن ملڪ جي اعلي عدالت سپريم ڪورٽ، سنڌ هاءِ ڪورٽ، وزيراعلي سنڌ سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ڪئي تہ فوري نوٽيس وٺي ڌهرڪي واسڻ غريب پورهيت جي معصوم نياڻي سائره سومرو کي پرچوندي جي بااثر اغوا ڪارن وٽان بازياب ڪرائي سندس وارثن سان انصاف ڪرائي اغوا ڪارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سندس بازيابي تائين سندن پرامن احتجاج جاري رکڻ سميت انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندا سين.

بقايا 42

فصلن جا مناسب اگهہ ڏنا وڃن .اهڙا مطالبا سنڌ ڪلچرل فورم (مرڪز) پاران ملڪ جي مشهور زرعي سائنسدان ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ سنڌ آبادگار بورڊ جي اڳوڻي صدر حاجي عبدالمجيد نظامائيءَ جي ياد ۾ وي _ڪيٽرهال مڪليءَ ۾ ڪوٺايل سيمينار ۾ مقررن پنهنجي ويچارن ۾ ڪيو .سيمينار کي مخاطب ٿيندي سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو ,سنڌ آبادگار فورم جي باني صدر ڊاڪٽر محمد افضل آرائين،ترقي پسند آبادگار محمد علي خواجہ،لطيف جي پارکو ۽ مزاحمتي شاعر ڊاڪٽر محمد ماروخشڪ ,اين سي ايچ ڊي نئين جي ڊپٽي ڊائريڪٽر منير ميمڻ، سينيئر اديب الهجڙيو برفت.حميرخان سرڪي ,اديب غلام نبي زئور ۽ ٻين پنهنجي الڳ الڳ ويچارن ۾ چيو تہ ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائي ڌرتيءَ جا سچيت ,صالح ۽ پنهنجي مقصد سا سچا انسان هيا جن هميشہ ءَ هر هنڌ پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق پنهنجي ماڻهن جي دائمي خوشحاليءَ ڌرتيءَ جي شادابيءَ ساوڪ برقرار رکڻ لاءِ شاندار جاکوڙ ڪئي ڊاڪٽر ڪيريٽي ڪمند جي جنس نئو_ 10 دريافت ڪري زرعي تحقيق جي دنيا ۾ تمام وڏو ڪمال ڪيو.نئو _10,ڪمند جي اها بهترين جنس هئي جيڪا آبادگارن ۽ شگر ملن جي لاءِ هڪ جيتري فائيدمند هئي ان سان گڏوگڏ ڊاڪٽر ڪيريو سنڌي ادب جي جهول ۾ ٿي تند وڙهي تلوارن سان جهڙو شاندار ڪتاب ڏئي ادبي حوالي سان وڏي مڃتا ماڻي .جڏهن تہ حاجي عبدالمجيد نظامائي آبادگارن جي حقن ,توڙي ڪالاباغ ڊيم سميت سنڌو درياءَ تي بند ٻڌڻ خلاف سگهاري جدوجهد ڪئي ۽ مشرف جي مارشلائي دور ۾ مشرف آڏو ڪالاباغ ڊيم خلاف سخت موقف رکيو. ان ڪري اهي ٻئي شخصيتون سنڌجي مٽيءَ ماڻهن جون طرفدار رهيون آهن جن کي عظمت پري پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٺايل سيمينار تمام گهڻو ساراهہ لائق ڪم آهي سنڌ ڪلچرل فورم جي سينيئر وائيس چيئرمين محمد شريف جاکرو ,سياسي سماجي شخصيت ڏاڏا محمد اسماعيل شورو,استاد سلطان قادر ٿهيم، ايس آر ڊي سي جي قادر بخش اوٺو,وحدت نيٽ ورڪ جي محمد ابراهيم هيجب ,سانوڻ برفت ,ڪامريڊ علي محمد بروهي حماد اشرف راجپوت-فقير محمد پائيل-شهزاد لاشاري-۽ ٻين پڻ پنهنجي ويچارن ۾ ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائيءَ کي لفظن جي گلابن سان عظمت پريو خراج پيش ڪيو سينيئر شاعرن جي ايم ٿهيم، سيد غلام محمد شاهہ لڪياري پنهنجي نڪور شاعريءَ ذريعي ٻنهي قومي هيرن کي خراج پيش ڪيو ان بعد سمورن مهمانن گڏجي ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظامائي جي ياد ۾ مختلف گلن جا ٻوٽا لڳايا.

بقايا 43

ڪنيا ويا تہ بدامني وڌيڪ وڌندي ۽ ڳوٺاڻن جي زندگي اجيرن بڻجي ويندي.

محرابپور ۾ چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر آمهون سامهون، صفائي نظام درهم برهم

آفتاب ملاح جي قدم سان صفائي ۾ بهتري، چيئرمين جاويد ميمڻ پاران مبينا طور گوسڙو ملازمن ذريعي نيڪاسي نظام خراب ڪرڻ جو الزام

700 گوسڙو ملازم سياسي اثر تي گهرويٺي پگهارون وٺي رهيا، جماعت اسلامي ۽ سماجي اڳواڻن پاران سخت تنقيد

گهرويٺل ملازمن جون پگهارون بند ڪيون وينديون، 11 ڪروڙ رپين جي اين آءِ ٽي تي ڪم جاري: ٽائون آفيسر

محرابپور (رپورٽر) محڪمه بلديا محرابپور چيئرمين ۽ ٽائون آفيسر آمهون سامهون، اختيارات ملڻ بعد ٽائون آفيسر آفتاب ملاح جي قدم سان بهتري اچڻ تي چيئرمين جاويد ميمڻ گوسڙو ملازمن، خاڪروب ذريعي هڙتال ڪرائي ذريعن موجب تفصيلات جي مطابق محڪمه بلديا محرابپور جي چيئرمين جاويد ميمڻ آفيس ۾ غير حاضر رهڻ صفائي سٽرائي ۽ پاڻي جو نيڪال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو، سجاول ۽ ميرپورساڪرو ۾ 1500 ملين رپين جي ترقياتي اسڪيمون منظور

بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ وڏو قدم 16 وڏين اسڪيمون تحت روڊن، پلن، ڪلورن ۽ اسٽريٽن جي مرمت ۽ تعمير جو آغاز

سجاول بائي پاس، گهارو، مڪلي ۽ غلام الله ٽائون سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ عوام کي سهولتون ڏنيون وينديون

ضلعي واسين پاران خوشي جو اظهار، روزگار جا موقعا ۽ سڌو فائدو ملڻ جي اميد پڻ ظاهر ٿيڻ لڳي

ٺٽو (رپورٽ: واحدشورو) صوبائي اسيمبلي ميمبر حاجي علي حسن زرداري پاران سجاول، ٺٽو ۽ ميرپورساڪرو جي مختلف علائقن ۾ روڊن، پلن ۽ ڪلورن جي مرمت ۽ تعمير لاءِ وڏي پيماني تي ترقياتي اسڪيمون منظور ڪيون ويون آهن. ايگزيڪيوٽو انجنيئر پروونشل ڪوسٽل هاءِ وي ڊويزن حيدرآباد جي جاري ڪيل ٽينڊر نوٽيس موجب لڳ ڀڳ 1500 ملين رپين کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو: صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري

حيدرآباد: البيروني انسٽيٽيوٽ
حيدرآباد ۾ عالمي فزيوٿراپي
ڏينهن جي تقريب

حيدرآباد (رپورٽر) البيروني انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ۾ عالمي ڏينهن فزيوٿراپي جي موقعي تي هڪ شاندار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو. موقعي تي مهمان خاص پروفيسر ڊاڪٽر رئيس پرويز پنهنجي موجودگيءَ سان تقريب کي پنهنجي وسيع تجربي مان قيمتي ڄاڻ مهيا ڪئي تقريب جي شروعات انسٽيٽيوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪلوئي تعلقي ۾ منشيات خلاف نوجوان اتحاد جي احتجاجي ريلي، نسلن جي بقاءَ لاءِ سخت مطالبا

احسان سنڌي، غلام الله ٻجاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ منشيات فروشن خلاف انتظاميا کي الٽيميٽم

آئيس، ٺرو، چرس ۽ سفينا نوجوانن جي ذهني تباهي جو سبب، پوليس تي لاپرواهيءَ جو الزام

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، جيئي سنڌ محاذ، عوامي تحريڪ سميت سياسي اڳواڻن پاران ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ۽ خطاب

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڪلوئي تعلقي جي مسئلن تي جدوجهد ڪندا رهيا آهيون.اڄ اسان جي نسلن جي بقاءَ لاءِ منشيات خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي ڪلوئي نوجوان اتحاد چيف آرگنائيزر احسان سنڌي، ڊپٽي چيف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪلوئي تعلقي ۾ منشيات خلاف نوجوان اتحاد جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي آهي

ڊاڪٽر قادر مگسي پاران
سرڪاري ملازمن جي احتجاج
جي حمايت

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ سنڌ جي سرڪاري ملازمن جي هلندڙ احتجاج جي مڪمل حمايت ڪندي چيو آهي ته سنڌ جا سرڪاري ملازم گذريل هڪ هفتي کان پنهنجن جائز حقن لاءِ احتجاج تي مجبور آهن. جنهن سبب سرڪاري آفيسن جو ڪاروهنوار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڏگهڙي روڊ حادثي ۾ زخمي نوجوان راجو ناڪر ڪولهي فوت، فوتين جو انگ ست تي ويو

حادثي کان پوءِ هر ٻئي ڏينهن ميت پهچڻ سان ڳوٺ غمگين منظر پيش ڪري رهيو آهي: رپورٽ

ڪامريڊ پريم راٺوڙ ڪولهي پاران انتظاميا جي خاموشي تي تنقيد، ذميوارن کي ڪٺهري ۾ آڻڻ جو مطالبو

ڏگهڙي (رپورٽر) ڪجهه ڏينهن اڳ ڏگهڙي روڊ جي خوفناڪ حادثي ۾ زخمي ٿيل 21 سالن جو نوجوان راجو ولد پيو ناڪر ڪولهي دوران علاج زخمن جو تاب نه آڻيندي فوت ٿي ويو. جنهن بعد فوت ٿيندڙن جو انگ ڇهن مان وڌي ست تي پهچي ويو آهي. بدنصيب ڳوٺ 164 لڳاتار سوڳ ۾ ٻڏل آهي. جتي حادثي کان وٺي اڄ تائين هر ٻئي ڏينهن ميت پهچڻ سان ڳوٺ غمگين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽو ۾ حاجي محمد ابراهيم بروهي پاران سوشل ميڊيا تڪرار تي وضاحت، اجائي پروپيگنڊا جي مذمت

هن طرفان فقير شاهنواز بروهي ۽ ڊي ايس پي گوهر علي لڪياري وچ ۾ تڪراري پوسٽن تي ردعمل ڏنو ويو

بروهي برادري جي معزز شخصيت پاران بيانن جي ترديد، ناانصافي برداشت نہ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

سوشل ميڊيا تي ڪردار ڪشي خلاف سخت موقف، شڪايتن جي ازالي لاءِ تياري جو اظهار

ٺٽو (رپورٽ: واحدشورو) مڪلي جي بروهي برادري جي معزز ڳوٺ حاجي رسول بخش بروهي جي رهواسي سياسي، سماجي شخصيت وڏيرو حاجي محمد ابراهيم بروهي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هو پنهنجي برادري جو معزز شخص هجڻ سان گڏ شريف گهراڻي سان واسطو آهي، حاجي ابراهيم بروهي چيو ته 2 ڏينهن کان سندن برادري جي نوجوان فقير شاهنواز بروهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏوڪري ٽائون ڪميٽي پاران نوجوانن لاءِ فني سکيا سينٽر جو افتتاح

ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ پاران افتتاح، ٽائون چيئرمين عبدالحميد جيسر جي ذاتي ڪوشش سان جديد ٽيڪنيڪل سينٽر قائم

فري ايمبولينس، لائبريري، سي سي ٽي وي، پارڪ، مسافر خانا، سولر لائيٽون ۽ صفائي نظام سان شهر ۾ نمايان بهتري

3 ڪروڙ رپين جي ترقياتي اسڪيمون منظور، ڊرين ڊسپوزل ڪوهه، نالين ۽ بلاڪ جي تعمير جلد شروع ٿيندي

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ٽائون چيئرمين پاران نوجوان نسل کي فني مهارتن جي سکيا ڏيارڻ لاءِ سينٽر قائم ڪري ڇڏيو جو پ پ ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ سينٽر جو افتتاح ڪيو تقريب ڪوٺائي وئي، غريب مستحق ماڻهن ۾ سولر پليٽون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڏوڪري ٽائون ڪميٽي پاران نوجوانن لاءِ فني سکيا سينٽر جو افتتاح ڪيو ويو آهي

دادو ۾ دڪاندار کان لکين رپيا
ڦر، ماتلي ۾ سومرا اتحاد پاران
احتجاجي مظاهرو

ماتلي (رپورٽر) ماتلي ۾ پاڪستان سومرا اتحاد جي ڪارڪنن جي وڏي انگ پاران دادو ۾ دڪاندار ذوالفقار علي سومرو کان لکين رپيا ڦر ڪرڻ واري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. پاڪستان سومرا اتحاد جي اڳواڻن غلام حسين سومرو، ياسين سومرو، شاهد سومرو، عمران رضا سومرو، عبدالرئوف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

مٺي ٿرپارڪر ۾ مهانگائي خلاف پيپل باشعور فورم جي احتجاجي ريلي

ديدار سينڌل، چيتن لال پيپل ۽ ڊاڪٽر گومون مل پيپل جي اڳواڻيءَ ۾ ڊيپلو روڊ کان ڪشمير چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

اٽو، لٽو ۽ روزمره جي شين جي هٿرادو مهانگائي خلاف سخت نعريبازي، عوام جي جيئڻ جو حق اجاگر ڪرڻ آهي

مراد علي شاه جي حڪومت تي تنقيد، چونڊيل نمائندن جي خاموشي تي سوال، انصاف لاءِ احتجاج جاري رکڻ جو اعلان

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) مٺي ٿرپارڪر ۾ پيپل باشعور فورم ضلع ٿرپارڪر جي سڏ تي سنڌ ۾ اٽو ڪاڌي پيتي سميت ٻين روزمره جي شين ۾ هٿرادو مهانگائي خلاف ضلع صدر چيتن لال پيپل جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ خصوصي طور مرڪزي صدر ديدار سينڌل صاحب، مرڪزي سينئر نائب صدر ڊاڪٽر گومون مل پيپل بہ شرڪت ڪئي، ريلي ڏگري ڪاليج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽي ۾ سائره سومرو جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو، بااثر ڌر خلاف سخت نعريبازي

شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي اڳواڻيءَ ۾ سومرا منزل کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

اغوا جا الزام ميان ارسلان، سهيل، نعمان ۽ عارف تي، ٽي سال گذرڻ باوجود نياڻي جو ڪو ڏس نہ مليو

سپريم ڪورٽ، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ وڏي وزير کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل، احتجاج ملڪ گير سطح تي وڌائڻ جو اعلان

ٺٽو (رپورٽ: واحدشورو) شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائزيشن پاڪستان ضلعي ٺٽي طرفان ڌرڪي جي پرچوندي پيرن وٽ ٽن سالن کان ناحق قيد معصوم نياڻي سائره سومرو جي بازيابيءَ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو ٺٽي ۾ سومرا منزل کان پريس ڪلب ٺٽي تائين مرڪزي چيئرمين علي محمد سومرو، سنڌ جي صدر گلزار سومرو، نائب صدر سردار عبدالجبار سومرو، تهمينہ سومرو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٺٽي ۾ سائره سومرو جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي

ميهڙ ۾ سڪندر سوڍر تي ڪيس
خلاف ايس يو پي ۽ آبادگارن جو
احتجاجي مظاهرو

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ انڊس هاءِ وي تي بدامني خلاف ڌرڻو هڻڻ تي سڪندر سوڍر ايس يو پي ضلع صدر ۽ ٻين تي دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ميهڙ ۾ آبادگار سراپا احتجاج . ان موقعي تي ايس يو پي پاران اڪبر سوڍر، منير سوڍر غلام علي ٽيوڻو ، غلام سرور سوڍر، سليم سوڍر، معشوق پٽي، اسحاق/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

احمدپور ٽائون ڪاميٽي وارڊ نمبر 1 ۾ پ پ پ جي ڪاميابي

ممتاز علي شيخ جي حمايت ۾ مٺائي ورهائي، اڳواڻن کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني وئي

درٻ ميهر شاه پاران پير سيد محمد بچل شاه جيلاني کي گلن جا هار، ڪارڪنن ۾ خوشيءَ جو اظهار

احمدپور (رپورٽ: سرفرازعلي ميتلو) احمدپور ٽائون ڪاميٽي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ نئين چونڊجي آيل پ پ جنرل ڪائونسلر درٻ ميهر شاه پهچي اڳواٽي پ پ ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاه جيلاني کي گلن جا هار پارايا ۽ ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

احمدپور ٽائون ڪاميٽي وارڊ نمبر 1 ۾ پ پ جي ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني پئي وڃي

احمدپور ۽ ڪنگري جي ڳوٺن ۾ ڪروڙين رپين جا ترقياتي ڪم جاري

پريالو، پيرجوڳوٺ، وڏا مهيسر، لعل بخش ڪانڌڙو سميت ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي

رهيل ڳوٺن لاءِ اسڪيمون تيار، ڪوبہ ڳوٺ ترقي کان محروم نہ رهڻ جو عزم ڪيو ويو

احمدپور (رپورٽ: سرفرازعلي ميتلو) احمدپور سميت تعلقي ڪنگري جي مختلف ڳوٺن ۾ ڪروڙين رپين جا ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ رهيل ڳوٺن جون اسڪيمون تيار ڪرايون ويون آهن ته جيئن ڪوبہ ڳوٺ بنيادي سهولتن کان رهجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مورو پرسان ڊوم جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، معصوم ٻار سميت ٽي ڄڻا فوت، هڪ عورت زخمي

فوتين ۾ عجيب علي چانڊيو، صغران ۽ معصوم فياض علي چانڊيو شامل، زخمي عورت غلام ڪبران چانڊيو اسپتال منتقل

لاش ۽ زخمي کي مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو، قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ جو عمل جاري

مورو (رپورٽر) مورو پرسان قومي شاهراهه سڌوجا وٽ تيز رفتار ڊوم جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، معصوم ٻار سميت عورت مرد فوت، لاش مورو اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي جي ڪورٽ ۾ پسند جو پرڻو، رابعه ڪوسو پاران مائٽن جي ڌمڪين خلاف تحفظ جي گهر

باڊه جي عباس بروهي ۽ ڪوئي ڳوٺ جي رابعه ڪوسو شريعت موجب نڪاح، مائٽن پاران جان جو ويري بڻجڻ جو الزام

مون پنهنجي مرضي سان جيون ساٿي چونڊيو، پر مائٽ اغوا جا ڪوڙا ڪيس ڪري مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: رابعه ڪوسو

ڪراچي (رپورٽر) باڊه جي رهواسي نوجوان عباس علي بروهي ڪراچي جي ڪوئي ڳوٺ جي رهواسڻ ناري رابعه ڏي واحد بخش ڪوسو سان ڪراچي جي ڪورٽ ۾ پسند جو پرڻو ڪيو آهي. پسند جو پرڻو ڪندڙ ناري رابعه ڪوسو ميڊيا اڳيان دانهيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سينارجا ٽائون ڪاميٽي جي هيٺي معيار خلاف صحافين ۽ سول سوسائٽي جو احتجاج

مهتاب راڄپر، الهورائيو راڄپر، عبدالنبي راڄپر، علي اعجاز سهتو ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ پبلڪ پارڪ ٻاهران مظاهرو

مليريا، ڊينگي ۽ ٻين بيمارين جو خطرو وڌي ويو، احتجاج ۾ نوجوانن ۽ سماجي اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ٺري ميرواهه (رپورٽ: سليم علي منگريو) سينارجا ٽائون ڪاميٽي سينارجا ۾ ڳوٺن کي ترقياتي ڪمن کان محرومي ۽ مڇر مار اسپري نہ ٿيڻ خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سينارجا ٽائون ڪاميٽي جي هيٺي معيار خلاف صحافين ۽ سول سوسائٽي جو احتجاج جو ڏيک

پٿورو تعلقي ۾ ڦورن جو آزار، موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ڦر جا واقعا وڌي ويا

مير سليم اسٽاپ تي هٿيار بند ڦورن پاران گل حسن چورو ۽ اسد چورو کان موٽرسائيڪل ۽ موبائل ڦر

شادي پلي ٿاڻي جي حدن ۾ هفتي اندر ڪيترائي ڦر جا واقعا، علائقي واسين ۾ خوف

عمرڪوٽ (ڊر محمدبچل) پٿورو تعلقي ۾ ڦورن جو آزار پٿورو واسين کان موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ڦورو ڦر ڪري فرار ٿي ويا. پٿورو پرسان عمرڪوٽ ميرپرخاص مين روڊ شادي پلي ٿاڻي جي حد تي ڏينهن ڏٺي جو مير سليم اسٽاپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين جو لانگ مارچ شاهپورجهانيان پهتو

ياسر اقبال لاڙڪ، محمد بخش ڪورائي، ساگر منگي جي اڳواڻيءَ ۾ پيادل مارچ، شاهه سائين جو رسالو کڻي احتجاج ڪيو ويو

انجنيئر جاويد ٽالپوري تي جعلي بلن ذريعي ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جو الزام، 500 ٽيوب ويل بند ٿيڻ سبب آبادگارن کي نقصان

شاهپورجهانيان (رپورٽر) آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين جي سڏ تي ملازمن پاران شاه سائين جو رسالو کڻي يونين اڳواڻ شهيد اقبال لاڙڪ جي قاتلن جي گرفتاري، ڪاتي ۾ مبينا ڪرپشن ۽ انجنيئر جي زيادتين خلاف ياسر اقبال لاڙڪ، محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

جوهي ۾ نياڻين لاءِ ايڇ پي وي خلاف جاڳرتا مهم، ڪميونٽي جي ڀرپور شرڪت

ناري ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن، HELP ۽ GAVI جي سهڪار سان اسڪولن، ڪميونٽيز ۽ والدين سان آگاهي سيشن

عذرا ميمڻ، ڊاڪٽر منظور شاهاڻي ۽ سماجي اڳواڻن پاران صحتياب، محفوظ ۽ بااختيار مستقبل لاءِ عزم

جوهي (رپورٽ: رحيم بخش ميمڻ) نياڻين جي صحتيابي لاءِ بهتر ۽ ڪارائتو قدم. ناري ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن، هيلپ ۽ گاوي جي سهڪار سان HPV(سرويڪل ڪينسر) خلاف جاڳرتا مهم يوسي چني، ٽنڊو رحيم خان ۽ جوهي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

جوهي ۾ نياڻين لاءِ ايڇ پي وي خلاف جاڳرتا مهم، ڪميونٽي جي ڀرپور شرڪت ڪئي آهي

نيوسعيدآباد ويجهو 10 ورهين جي يتيم نينگر سان بدفعلي، وڊيو وائرل ٿيڻ بعد ٽن جوابدارن جي گرفتاري

خدابخش ڪاڪا ڳوٺ ۾ فدا حسين، جواد ۽ سنيل ڪاڪا پاران نينگر محي الدين سان زوري بدفعلي، سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل

نينگر جي بيواهه امڙ جي فرياد تي پوليس پاران جوابدارن جي گرفتاري، ميڊيڪل ليٽر جاري، تعلقا اسپتال نيوسعيدآباد منتقل

نيوسعيدآباد (رپورٽر) نيوسعيدآباد ويجهو ڳوٺ ۾ وحشياڻي ۽ افسوسناڪ واردات ڳوٺ خدابخش ڪاڪا ۾ ٽن جوابدارن پاران 10 ورهين جي يتيم نينگر سان زوري بدفعلي ڪري سوشل ميڊيا تي وڊيو وائرل ڪري ڇڏي پوليس نينگر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو غلام علي ۾ مير طارق علي خان ٽالپر جي مان ۾ آجياڻو، معذور مستحقين لاءِ ويل چيئرز ورهائڻ جي تقريب

پيپلزپارٽي جي ضلعي، تعلقي ۽ سٽي اڳواڻن جي شرڪت، مير غلام علي ٽالپر ميزبان جي حيثيت سان تقريب جو اهتمام

معذور مستحقين لاءِ ويل چيئرز جي ورهاست، سماجي تنظيم جي سهڪار سان صوبائي وزير چيف گيسٽ طور شرڪت ڪئي

ڏگهڙي (رپورٽر) ڏگهڙي :سماجي ڀلائي واري ڪاتي جي صوبائي وزير محترم مير طارق علي خان ٽالپر صاحب جن جي مان ۾ پ پ ضلعي بدين جي چونڊيل نمائيندن ايم اين ايز .ايم پي ايز ۽ پارٽي اڳواڻن ٽالپر هائوس ٽنڊو غلام علي تي آجياڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

گولاڙچي لڳ سوزوڪي ڪلٽي ٿيڻ سبب 17 ڄڻا زخمي، عورتن ۽ ٻارڙن جي حالت ڳڻتي جوڳي

ڪورواهه چوڪ لغاري سم وٽ ٽائر راڊ ٽٽڻ سبب مورجهر جي ڪولهي برادري جي گاڏي حادثي جو شڪار

زخمين ۾ عورتن ۽ معصوم ٻارڙن جو وڏو انگ، 6 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي، ريفر ڪرڻ جو امڪان

پوليس ۽ اسپتال عملي جي بروقت ڪارروائي، زخمين کي تعلقہ سول اسپتال گولاڙچي منتقل ڪيو ويو

گولاڙچي (ساجد اقبال راجپوت) افسوسناڪ حادثو گولاڙچي لڳ ڪورواهه چوڪ لغاري سم وٽ مورجهر جي ڪولهي برادري جي سوزوڪي ٽائر راڊ ٽٽڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي حادثي ۾ عورتن، مردن ۽ معصوم ٻارن سميت 17 ڄڻا زخمي ٿي پيا پوليس موجب حادثي جا شڪار ماڻهو ڪراچي کان بدين جي علائقي مورجهر وڃي رهيا هئا، ته اوچتو ٽائر راڊ ٽٽڻ ڪري گاڏي ڪنٽرول وڃائي ڪلٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

مڪليءَ ۾ زرعي ماهر ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظاماڻي جي ياد ۾ سيمينار

سيمينار ۾ سنڌ ڪلچرل فورم جي ميزباني هيٺ لاڙ جي اديبن، آبادگارن ۽ شاعرن پاران قومي هيرن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

ڊاڪٽر ڪيريو جي ٺٽو–10 ڪمند جي جنس ۽ ادبي خدمتن کي ساراهه، نظاماڻي جي ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد جو ذڪر

سيمينار ۾ دريائي پاڻي جي رستا روڪ خلاف آواز، زرعي تعليم، فصلن جي مناسب اگهن ۽ ماحولياتي تحفظ لاءِ مطالبا

ٺٽو (رپورٽ: واحدشورو) لاڙخطي جي متحرڪ اديبن، شاعرن، آبادگارن، زرعي ماهرن، سياسي، سماجي شخصيتن وفاقي ۽ صوبائي حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جي رستا روڪ ڪرڻ وارا سمورا منصوبا رد ڪري ،انڊس ڊيلٽا ۾ دريائي پاڻيءَ جي ڇوڙ کي يقيني بڻائي لاڙ سميت سموري سنڌ ۾ جديد زرعي تعليم ڏيڻ جا ادارا قائم ڪري آبادگارن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مڪليءَ ۾ زرعي ماهر ڊاڪٽر حاجي خان ڪيريو ۽ حاجي عبدالمجيد نظاماڻي جي ياد ۾ سيمينار منعقد آهي

غربت جي خاتمي لاءِ زرعي ويليو چين، فني
تعليم ۽ بي آءِ ايس پي جي فنڊز جي نئين رخ
جي ضرورت آهي: سليم ميمڻ

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽري جي صدر محمد سليم ميمڻ چيو ته پاڪستان ۾ غربت وڌڻ جي بنيادي وجه اها آهي ته وسيلن کي عوامي خوشحالي ۾ تبديل نہ ڪيو ويو، هن چيو ته 2022 ۽ 2025 جي تباهه ڪن ٻوڏن لکين گهر تباهه ڪري ڇڏيا، بيٺل فصلون ۽ زرعي زمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي اقليتي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار مقرر

عمرڪوٽ سميت مختلف علائقن ۾ خوشي جو اظهار، ننگرپارڪر، ڇاڇرو ۽ عمرڪوٽ جي سياسي سماجي حلقن پاران مبارڪون

پارڪر ميگهواڙ پنچائيت، پرمار پريوار ۽ نوجوانن پاران مقرري کي اقليتي خدمت جو اعتراف قرار

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جي بنا فرق خدمت جي واکاڻ، وڏي وزير جي فيصلي کي ساراهيو ويو

عمرڪوٽ (ڊر محمدبچل) پ پ ايم پي اي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي کي سنڌ جي وڏي وزير جو اقليتي برادري جي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار مقرر ٿيڻ تي سياسي سماجي حلقن طرفان مبارڪون مٺايون ورهايون ويون. خبر موجب پ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي اقليتي معاملن بابت صوبائي صلاحڪار مقرر ٿي ويو آهي

فهد ٻبر پاران ويزا فراڊ جي الزامن جي
ترديد، وسيم رند جا پيسا ٽريول
ايجنسي وٽ ڦاٿل هجڻ جو دعويٰ

جوهي (رپورٽر) جوهي شهر ٻبر محلا واسي فهد ٻبر ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو آهي ته ڳوٺ بخش علي رند واسي ڳوٺاڻي وسيم رند ميڊيا تي الزام هنيو ته ويزا جي نالي تي فهد ٻبر 12 لک وٺي فراڊ ڪيو آهي اهي الزام بي بنياد آهن مان وسيم رند ۽ ٽريول ايجنسي واري جي وچ ۾ اچي هن 8 لک 70 رپيا ويزا لاءِ ڏنا آهن جنهن ۾ ڪجھ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مٺي ۾ سرڪاري ملازمن پاران علامتي بک هڙتال ۽ لاڪ ڊائون جو اعلان

ملازمن طرفان سنڌ حڪومت کان مطالبن جي منظوري لاءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪئي وئي

سنڌ ايمپلائيز الائنس ٿرپارڪر جي اڳواڻن جي گڏجاڻي، سيني ملازم تنظيمن پاران ڀرپور شرڪت جو وچن

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) سرڪاري ملازم جي پنهنجي جائز مطالبن جي حاصلات لاءِ جاري جدوجهد جو حڪومت سنڌ طرفان ڪو نوٽيس نہ وٺڻ ۽ سنڌ ايمپلائيز الائنس سنڌ جي اڳتي جي لاءِ هي احتجاجي جدوجهد جاري رکڻ جي حوالي سان ۽ مرڪز پاران اعلاڻيل 06 آڪٽوبر تائين پوري سنڌ جيان ٿرپارڪر ضلعي ۾ پڻ مڪمل لاڪ ڊائون ۽ سياڻي کان ٻن ڏينهن جي لاءِ چئن ڪلاڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪاروڇاڻ ۾ ناياب پرديسي پکين جو بي دردي سان شڪار، ماحولياتي توازن ۽ تاريخي ورثي لاءِ خطرو

بااثر شڪارين پاران وائلڊ لائف کاتي جي سرپرستي هيٺ ڪيمپ قائم، ڄارن ۽ گولين سان شڪار جاري

مقامي ماڻهن ۽ ماهرن پاران وائلڊ لائف کاتي تي الزام، پکين جي نسل گهٽجڻ تي ڳڻتي

حڪومت سنڌ کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو، تاريخي ورثي ۽ قدرتي حسن جي تحفظ لاءِ قانوني نفاذ جي گهر

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو قادر عثمان) سنڌو درياهه جي ڇوڙ واري علائقي ڪاروڇاڻ ۾ هر سال هزارين ميلن جو سفر طئہ ڪري ايندڙ ناياب نسل جي پرديسي پکين جو بي دردي سان شڪار جاري آهي. بااثر شڪارين مبينا طور تي وائلڊ لائف کاتي جي سرپرستي هيٺ پنهنجا ڪيمپ قائم ڪري ڇڏيا آهن. جتي پکين کي ڄارن ۽ گولين سان نشانو بڻايو پيو وڃي. مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ميرپورخاص ۾ وفاقي وزير کيئل داس ڪوهستاني پاران اسرائيل جي ظلم جي مذمت

وزيراعظم شهباز شريف جو اقوام متحده ۾ تاريخي خطاب، فلسطين جي حق ۾ پاڪستان جو واضع موقف آهي: کيئل داس ڪوهستاني

راجا خليق الزمان پاران اسرائيلي پابندين ۽ انساني حقن جي لتاڙ تي سخت ردعمل پڻ ڏنو ويو

مسلم ليگ ن جي آجياڻي تقريب ۾ ميرصفدر ٽالپر، زاهد قائمخاني ۽ نوشابہ ناز پاران فلسطين سان يڪجهتي جو اظهار

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) وفاقي وزير کيئل داس ڪوهستاني چيو آهي ته اسرائيل فلسطين مٿان ظلم ڪري رهيو آهي اسرائيل جي ظلم خلاف سڄي دنيا ۾ احتجاج ٿي رهيا آهن اقوام متحده ۾ اسرائيل جي فلسطين مٿان ٿيندڙ حملن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ميرپورخاص ۾ وفاقي وزير کيئل داس ڪوهستاني ماڻهن جي ميڙ کي خطاب ڪندي

جوهي ۾ بدامني خلاف
سياسي، سماجي ۽ مذهبي
اڳواڻن جي احتجاجي ريلي

جوهي (رپورٽر) جوهي ۽ ڀرپاسي وڌندڙ بدامني جوهي جا شهري روڊن تي نڪري آيا مختلف سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران مخدوم بلاول پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي ٽيڪسي اسٽاپ وٽ 2 شاميانو هڻي ۾ ڪلاڪ ڌرڻو ڏنو ويو مظاهرين اپوزيشن اڳواڻ امداد خان لغاري، غلام نبي باهوٽو، قربان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهوڙاٻاري تعلقي ۾ بدامني وڌي وئي، قديمي پاڻيءَ واري لائين چوري، ڳوٺاڻن جو احتجاج

درگاهه حضرت سخي ڏاتار وٽان 400 فٽ ڊگهي لوهه جي پائپ لائين رات جي اونداهيءَ ۾ چوري ٿي وئي

جبل تي واقع ڳوٺ پاڻيءَ کان محروم، واٽر سپلاءِ ۽ کوهن جي سهولت نہ هجڻ سبب انساني زندگي خطري ۾ پيل

شاهه خالد شاهه ڏاتاري پاران واقعي جي مذمت، ايس ايس پي ٺٽو کان نوٽيس وٺڻ ۽ لائين جي بحالي جو مطالبو

گهوڙاٻاري (رپورٽر) گهوڙاٻاري تعلقي ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي، علائقي ۾ ڦر، چورين ۽ ڌاڙن جون سرگرميون معمول بڻيل آهن. جڏهن ته پوليس مڪمل طور بيوس نظر اچي رهي آهي. تازو ئي ڳوٺ ميمون شاهه ۾ ٿيل واقعو هن بدامنيءَ جي واضح تصوير پيش ڪري ٿو گذريل رات دير سان نامعلوم چورن درگاهه حضرت سخي ڏاتار وٽان ڳوٺاڻن جي قديمي پاڻيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڏوڪري ۾ بدامني خلاف نوجوان سماجي اتحاد جي امن ريلي ڪڍي وئي

پوليس جي لاچاري سبب قبائلي تڪرار، منشيات فروشي ۽ جوا جا اڏا وڌي ويا، نئون نسل تباهيءَ جي ڪناري تي پهتل

ارشاد ڀگهيو، عمير جوٽيجو، شيراز ڪوڪر سميت سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ ٻاءِ پاس کان پريس ڪلب تائين ريلي

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو، ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رکڻ جو اعلان

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، قبائلي تڪرار، منشيات فروشي ۽ جوا جا اڏا سري عام هلڻ لڳا، نئون نسل تباهي ڪناري تي پهچي ويو، پوليس جي لاچاري خلاف نوجوان سماجي اتحاد روڊن تي نڪري پيو امن ريلي ڪڍي وئي آهي. خبر موجب ڏوڪري ۾ بدامني ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي ڦورن ڌاڙا روز جو معمول بڻيل آهن منشيات جو وڪرو ۽ جوا جا اڏا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏوڪري ۾ بدامني خلاف نوجوان سماجي اتحاد جي امن ريلي ڪڍي وئي آهي

سامارو ۾ صحافي احمد خان
پرڳڙي تي منشيات وڪڻندڙن
جو حملو، صحافين جو احتجاج

عمرڪوٽ (رپورٽر) سامارو شهر ۾ حق ۽ سچ تي ٻڌل قلم ڪاري ڪرڻ تي منشيات وڪڻندڙن پاران صحافي تي حملو سامارو سٽي پريس ڪلب جي آفيس سيڪريٽري احمد خان پرڳڙي، جيڪو "پاڪ سوچ" جو ضلعي رپورٽر بہ آهي. تي منشيات وڪڻندڙن حملو ڪيو ۽ کيس قتل جون ڌمڪيون ڏنيون. احمد خان پرڳڙي وڌيڪ چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12